
پڪاءُ پنهوار
ترتيب:
فهيم فدا شورو
انجمن مشعل راهه مسڻ وڏي ٽنڊو الهيار

# پڪاءِ پنهوار

زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ
شخصيتن، ماڳن، مڪانن، ادارن ۽ قومن جو سرسري تعارف

ترتيب

فهيم فدا شورو

سينگاريندڙ

سيف الله سيف شورو — استاد عبدالرحيم لغاري
حافظ زوهيب احمد ڪنيار — ساگر وسيم الزمان شورو

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب

ڇپائيندڙ

## انجمن مشعل راهه مسڻ وڏي

(اشاعت آگسٽ 2013ع)

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ آهن

| | |
|---|---|
| نالو ڪتابچي جو: | پڪاءِ پنهوار |
| مرتب: | فهيم فدا شورو |
| سينگاريندڙ: | سيف الله سيف شورو |
| | استاد عبدالرحيم لغاري |
| | حافظ زوهيب احمد ڪنيار |
| | ساگر وسيم الزمان شورو |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: | حافظ صدام حسين شورو |
| ٽائيٽل: | گل حسن سميجو |
| لي آئوٽ: | فدا سميجو |
| ڇپائيندڙ: | انجمن مشعل راهه مسڻ وڏي |
| ڇپيندڙ: | بتول پرنٽنگ پريس ڪوهه نور روڊ حيدرآباد |
| قيمت: | 150 روپيه |
| ملڻ جوهنڌ: | |

- انجمن مشعل راهه مسڻ وڏي ٽنڊوالهيار
- سنڌ جا سمورا بڪ اسٽال

# ارپنا

قومي خادمن جي انهي حقيقي جذبي جي نانءُ
جنهن "مشعل راهہ" جو روپ وٺي نئين ٿهيءَ ۾ علم و ادب،
۽ قومي اصلاح جو شعور پيدا ڪيو.

_ **مرتب**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”پڪا ءِ پنهوار“** اوهان اڳيان پيش آهي. مسڻ وڏي بابت تحقيق تي مشتمل هن ڪتاب جو سهيڙيندڙ فهيم فدا شورو آهي.

مسڻ وڏي جي نئين ٿهي وارن پنهنجي ڳوٺ، راڄ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هنرن، ڏانٽن ۽ هتي جنم وٺندڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن بابت مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي ڇپايو آهي هنن نوجوانن هڪ سماج سڌارڪ تنظيم بہ جوڙي هڪ ٻئي جي ساٿ ۽ تعاون سان تحريري مواد گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏنو آهي. سچ پچ تہ، هي هڪ تمام سهڻو، قابل تعريف ۽ يادگار تاريخي قدم آهي.

هي ڪتاب **انجمن مشعل راهه وڏي مسڻ** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري فهيم فدا شوري جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# آئينو

| | |
|---|---|
| نئين ٿهي جو نئڙو قدم (مهاڳ) | مولانا محمد يامين شورو |
| پنهنجي پچار | فهيم فدا شورو |
| ليکڪ جو تعارف | |

## حصو پهريون : مقالاءِ مضمون

| | |
|---|---|
| دل ۽ نفس | مولانا فياض محمد سريوال |
| علم تہ آهي سچ جي واٽ | حافظ زوهيب احمد ڪنيار |
| عدل ۽ انصاف | محمد شوڪت زمان لغاري |
| سوڊل منهنجي ڳالهہ ٻڌي وڃ!!! | فهيم فدا شورو |
| روزي جا رت جي گردش تي فائديمند اثر | سيف الله شورو |
| مولانا عبيدالله سنڌيؒ جي فڪر انگيز تحرير ورتل | |
| تصوير ڳالهائي ٿي | مولانا محمد يامين شورو |
| اقوال زرين | ڏٽي بخش ڪنيار |
| مولانا مفتي محمد صادق سومرو | مولانا محمد يامين شورو |

## حصو ٻيو : انجمن مشعل راهہ مسڻ وڏي

| | |
|---|---|
| تعارف انجمن مشعل راهہ | حافظ صدام حسين شورو |
| انجمن مشعل راهہ جا ميمبر | |

## حصوٽيون : ماڻهو مسڻ جا مورسيپ

- مسڻ وڏي جو تاريخي پسمنظر
- حضرت عبدالله فقير عليہ الرحمة
- مسڻ وڏي جا تعليمي ۽ فلاحي ادارا
  - مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي
  - انجمن اشاعت العلوم مسڻ وڏي
  - انجمن مشعل راھ مسڻ وڏي
  - جامع مسجد مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي
  - الهديٰ پبليڪيشن مسڻ وڏي
  - مدرسہ فاروق اعظم مسڻ وڏي
  - مسجد بلال لوهار پاڙو مسڻ وڏي
  - محمدي مسجد مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ مين سنڌي مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ مولوي عبدالڪريم لغاري پرائمري اسڪول
  - گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي
  - گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مسڻ وڏي
  - پريس ڪلب مسڻ وڏي
- مسڻ جا محسن
  - حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رح
  - حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رح

- ميان خليل الرحمان لغاري رح (ايڊووڪيٽ)
  - لاهوتي لڏي ويا
- حضرت مولانا عبدالرحمان شورو رح
- حضرت قاري محمد حسن شيخ رح
- ميانجي حاجي عبدالله ڪڇي ڪنڀار رح
- حافظ عبدالحق لغاري عليہ الرحمة
- مرحوم ميان جان محمد سميجو
- مرحوم استاد خان محمد محمد علي لغاري
- مرحوم پروفيسر محمد ڪامل لغاري
- مرحوم حاجي غلام محمد لغاري
- مرحوم حڪيم عبدالرحمان ولد حاجي يوسف لغاري
- مرحوم حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري
- مرحوم استاد سهراب خان لغاري
- مرحوم رئيس محمد خان پٽيل لغاري
- مرحوم رئيس حمزه خان ولد احمد خان لغاري
- مرحوم رئيس علڻ خان لغاري
- مرحوم محمد عثمان جٽ
- مرحوم محمد بچل ملاح
- مرحوم محمد عثمان لوهار
- مرحوم محمد حنيف جٽ
- مرحوم حاجي علي نواز ملڪ
- مرحوم شاهنواز ملڪ
  - جي مري ٿيا نہ مات
  - مقامي علماءِ ڪرام
- حضرت مولانا محمد يامين شورو

- مولانا محمد حسن لغاري
- مولانا محمد ابراهيم خليل لغاري
- مولانا مير محمد عاجز لغاري

❍ مقامي سگهڙ، شاعر ۽ اديب

- مرحوم محمد عثمان مانجهي
- مرحوم بيوس محمد باقر لغاري
- مرحوم هوت خان سرور لغاري
- خادم سنڌي مولانا محمد يامين شورو
- خليل لغاري
- ظهير بابر
- استاد غلام قادر لغاري
- حڪيم جان محمد جهانگي
- خليل ڪوسو
- عبدالرحيم عبد لغاري

❍ نئين ٽهي جا شاعر ۽ اديب

❍ مقامي سياسي، سماجي شخصيتون

- مخدوم ميون علي محمد ولهاري
- محترم عبداللطيف مگريو
- ڊاڪٽر عبدالجليل جروار
- ظهير الدين بابر لغاري
- محترم رياض احمد لغاري
- پروفيسر سرجن محمد حسين لغاري
- حڪيم نبي بخش خان لغاري
- رئيس گل حسن خان لغاري
- رئيس نانا محمس جمن لغاري
- رئيس گل محمد لغاري (دڪاندار)

- رئيس محمد هاشم خان لغاري "هاشم گذدر"
- الحاج محمد صديق سميجو
- استاد شير محمد لغاري
- ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري
- حڪيم محمد عمر لغاري
- ڊاڪٽر عبدالرحمان ولد حاجي عبدالله لغاري
- عبدالڪريم لغاري (سماجي ورڪر)
- استاد رسول بخش لغاري
- ڊاڪٽر قربان علي لغاري
- رئيس لطف الله خان لغاري
- ماما الهڏنو ڪنيار
- استاد محمد عمر سميجو
- استاد عبيدالله شورو
- استاد ڪرم الله سميجو
- استاد مدد علي سهراب خان لغاري
- محمد اسماعيل ڪنيار
- حاجي گل محمد شهلي خان لغاري
- حاجي محمد اشرف لغاري (صحافي)
- عبدالستار ولد عبدالجبار لغاري (رينجرز آفيسر)
- سيٺ علي محمد ملڪ
- استاد محمد يامين ملڪ
- سيٺ ولي محمد ملڪ
- رياض احمد ملڪ (پي. اي)
- محمد يامين ملڪ (واپاري)

# نئين ٿهي جو ننڍڙو قدم

مون ڪي هيءَ ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي جو مسڻ وڏي جي نئين ٿهي وارن پنهنجي ڳوٺ، راڄ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هنرن، ڏانئن ۽ هتي جنم وٺندڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن بابت مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان ڪي ڇپائڻ جو پروگرام رٿيو آهي. جنهن لاءِ هنن ڪا سٽارڪ تنظيم ٻه جوڙي هڪ ٻئي جي ساٿ ۽ تعاون سان تحريري مواد گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏنو آهي. سچ پچ ته، اهو هڪ تمام سهڻو، قابل تعريف ۽ يادگار تاريخي قدم آهي.

مسڻ وڏي تي الله تعاليٰ خاص احسان ڪيا جو هن علائقي ۾ علمي جوت ٻاري آسپاس ڪي روشن ڪري ۽ آزادي جو شعور هن علائقي جي رهواسين ۾ جاڳائڻ لاءِ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جهڙا مجاهد ۽ بيباڪ حق گو عالم دين، اسلام جا بهترين پرچارڪ، ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جهڙا بزرگ ۽ ماهر تعلميدان هن علائقي ۾ پيدا ڪيا. انهن جي ئي تاريخي ڪارنامن ۽ خدمتن سبب اڄ مسڻ جو هر باشندو علم ۽ شعور جو صاحب ٿو سڏجي.

آئون نوجوانن جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”پڪا ۽ پنهوار“ ڪي هڪ نظر ڏسڻ بعد مطمئن ٿي ويس ته حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جن گڏجي ڪري جيڪا علم جي لاٽ هتي ٻاري هئي سا اڄا برابر جاري ساري آهي. انهي هڪڙي لاٽ مان ڪيئي لاٽون، ان هڪڙي ڏيئي مان ڪيئي ڏيئا روشن ٿي چڪا آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي حد، علائقي ۽ دائري ۾ روشني پکيڙي رهيا آهن. جيڪو حقيقت ۾ مذڪوره بالا بزرگ هستين جو ئي فيض آهي.

نوجوانن کي خاص گذارش ڪندس تہ علمي، ادبي، اصلاحي توڙي فلاح و بھبود جي ڪنھن بہ پروگرام ۾ پنھنجي شموليت يقيني بڻائين. ڇوتہ ڳوٺ ۽ شھر جي ڀلي جو ھر ڪم ڇڻ تہ اسان جي وڏن جو ورثو آھي جنھن کي مڪمل ڪرڻ ۽ ان کي وڌيڪ ترقي وٺرائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميداري آھي.انھي سلسلي ۾ ذاتي مسئلن، اختلاف راءِ يا انا پرستي کي دخل انداز ٿيڻ نہ ڏين. ان سان گڏ ھڪ ٻئي جي لاءِ برداشت ۽ سھپ جو مادو پيدا ڪن، ڇوتہ ھي اجتماعي ڪم صبر، تحمل، برداشت ۽ رواداري سان گڏ ھمت، حوصلي، محنت ۽ جفاڪشي بغير مڪمل نہ ٿي سگھندا.

نوجوانن کي ڪپي تہ عام فلاحي خدمت جي سلسلي ۾ ھڪٻئي جي ھمت افزائي، ھمراھي ۽ ھمدردي ڪن تہ انشاءَ اللہ اھي سڀ خواب تعبير ٿي سگھن ٿا جيڪي اسان جا نوجوان پنھنجي ڪچھرين ۽ ميٽنگين ۾ ھڪ ٻئي سان بيان ڪن ٿا.

مسڻ وڏي جي نوجوانن جي پھرين ڪوشش زير نظر ڪتاب "پڪا ۽ پنھوار" آھي، جنھن ۾ ھنن مسڻ وڏي جي ماڻن، مڪانن، سماجي، فلاحي، تعليمي ادارن سان گڏ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ علمي، ادبي، سياسي، سماجي شخصيتن جو سرسري تعارف شامل ڪيو آھي. ڪتاب پنھنجي مواد جي لحاظ کان ھڪ بھترين ڪاوش آھي. ٿي سگھي ٿو تہ آئنده انھي ڪان بہ وڌيڪ نوجوانن پاران ڪا بھترين سوکڙي علمي ميدان ۾ اچي! يا وري ڪو نوجوانن طرفان بھتر فلاحي منصوبي کي عملي جامو پھرائي ڳوٺ ۽ شھر وارن لاءِ فائدو ۽ سھوليت ميسر ٿئي.

اميد اٿئون تہ، نوجوانن جي فلاح وبھبود واري سوچ جي ھمت افزائي ٿيندي ۽ سندن ھن ڪتاب کي علمي، ادبي حلقن ۾ پذيرائي نصيب ٿيندي. باقي ھي ڳالھہ پڌري پٽي آھي تہ ڪائنات ۾ تعميري ۽

تخريبي سوچ جو تسلسل انهي خير ۽ شر سان ڳنڍيل آهي جنهن جو ظهور آدمؑ ۽ ابليس جي پيدائش کان پوءِ ٿيو هو. سو تہ لازمي طرح ظاهر ٿيندو. ڪو تنقيد براءِ تنقيد ڪندو، پر ڪو وري اصلاحي نقطہ نظر سان بہ پنهنجا خيال ۽ رايا پيش ڪندو. انهي ڪري نوجوانن کي ڪپي تہ هي ڪتاب پڙهندڙ تجربيڪار ماهر استاد، علم دوست وٽان ملندڙ مفيد مشوري جو قدر ڪن ۽ جي ممڪن ٿي سگهي تہ ان کي عملي جامو پهرائين.

نوجوان اسان جو قيمتي اثاثو آهن. جيڪڏهن اهي بهتر خيال ۽ سني سوچ کڻي اڳتي وڌندا تہ انشاءَ الله مستقبل روشن ٿي پوندو. شال رب سائين اسان جي سيني نوجوانن ۾ اهڙو شعور ۽ قومي جاڳرتا سان گڏ اصلاحي فڪر تي عمل پيرا ٿيڻ جو سعيو پيدا ڪري تہ پوءِ ڄڻ هن قوم جي قسمت جاڳي پوندي.

شال رب سائين اسان جون اهي اميدون پوريون ڪري. آمين

مسڻ وڏي
6 رمضان 1434 ھ
مطابق 16 جولاءِ 2013ع
بروز سومر

(مولانا) محمد يامين شورو
ناظم و خطيب
جامع مسجد مدرسہ دارالهديٰ
مسڻ وڏي

# پنهنجي پچار

انجمن مشعل راهہ مسڻ وڏي جي ڪتابي سلسلي “سونهن” طرفان شايع ٿيندڙ هن پهرين ڪڙي “پڪا ۽ پنهوار” ۾ شامل ڪيل مواد بلڪل غير سياسي آهي. نہ ڪنهن تي ذاتي تنقيد، نہ ڪنهن سان ڪو مقابلو. بلڪہ محض هن ڳوٺ ۽ شهر جي نوجوانن ڪي اهڙو پيغام ڏيڻ مقصد آهي جنهن سان منجهن علم و ادب سان وابستگي، تعليم سان لاڳاپي وارو رجحان ۽ شعور پيدا ٿئي، جيڪا اسان جي اولين ترجيح آهي.

هن ڪتابچي ۾ شامل مواد ڪتابي سلسلي جي مرتب جي نظر ثاني سان شايع ٿئي ٿو. انهيڪري اسان نہ ڪنهن پارٽي ۽ گروپ جا نمائندا آهيون ۽ نہ ڪي هن ڳوٺ ۽ شهر ۾ ڪو نئون گروپ يا پارٽي ناهڻ جا خواب ڏسون ٿا. اسان چاهيون ٿا تہ نوجوانن ۾ علمي شعور وڌي ۽ موجوده ماحول جي ماٺار ڪي علمي تحرڪ ۾ تبديل ڪري پاڻ سڌارڻ جي سوچ پيدا ٿئي. چوتہ هن جديد ماحول ۾ نوجوانن جو رخ لکڻ پڙهڻ کان هٽي موبائل، ڊش، ۽ غلط صحبت ڏي ٿي رهيو آهي. تنهنڪري علم کان دوري بہ جهالت ڏي ڌڪي ٿي. اسان اهڙي غفلت آميز جهالت جي انڌيري کي دور ڪرڻ لاءِ “سونهن” ڪتابي سلسلي جي هي لاٽ شروع ڪري علم، ادب، تاريخ ۽ مذهب جي اهڙي روشني عام ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪا سيني لاءِ هڪ جيتري “مشعل راهہ” بڻجي پوي.

اسان هن ڪوشش ۾ پُرعزم آهيون تہ انشاءَ الله اسان ڪي نوجوانن پاران سٺي موٽ ملندي ۽ آئنده انهن نوجوانن جي سهڪار سان اجا بہ وڏيڪ هن سلسلي ڪي اڳتي وڌائڻ ۾ بہ قدم اڳتي ٽينداسون.

هي ڳالهہ پنهنجي پاران عرض ڪندا هلون تہ، اسان ڪي هن ڳوٺ سان، هن ڳوٺ جي هر هڪ رهواسي سان اٿاهہ محبت، بي پناهہ پيار، همدردي ۽ خيرخواهي آهي. اجائي تنقيد ۽ تبصرا ڪرڻ اسان جو مقصد نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ ڳڻ جاهليت جا جراثيم آهن. جيستائين ڪنهن معاشري ۾ اهڙا "جراثيم" موجود رهندا تيستائين اهو معاشرو ۽ سماج ترقي ڪرڻ بجاءِ تنزل ۽ پستي جي اونداهين ۽ تاريڪين ۾ پٽڪندو رهندو.

پوءِ اڄو تہ، هن نيڪ اصلاحي پروگرام ۾ سڀ گڏجي مسڻ وڏي جي ڳوٺ ۽ شهر لاءِ ڪو بهتر لائحہ عمل تيار ڪريون، ڪو بهتر منصوبو سوچي عملي جامو پهرايون، ڳوٺ جي وڌندڙ مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪا بهتر راهہ متعين ڪريون. جيستائين هن ڳوٺ وارا پاڻ ۾ ٻڌي ۽ اتحاد قائم نہ ڪندا تيستائين هن ڳوٺ جا مسئلا حل ٿيڻ بجاءِ ويتر وڌندا رهندا.

انهي سلسلي ۾ نوجوانن ڪي اپيل بہ ڪنداسون تہ براهہ ڪرم توهان سياست ۽ سياسي سوچ کان بالاتر ٿي فقط سماج سڌارڪ سوچ ڪٺي ڪو اتحاد ناهيو، جيڪو خالص سماجي ڪم ڪري ۽ اصلاحي جذبي سان هن ڳوٺ، شهر ۽ هتي جي رهواسين لاءِ ڪو عملي قدم ۽ بهتر ڪارنامو سرانجام ڏئي.

ماشاءَ الله مسڻ وڏي جو هر هڪ رهواسي علم ۽ شعور جو صاحب، سٺي سوچ ۽ اصلاحي جذبو رکندڙ آهي، پر ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ هر ماڻهو فقط انفرادي طرح ڪجهہ ڪرڻ بجاءِ گڏيل نموني لائحہ عمل ترتيب ڏئي، هڪ ٻئي جي صلاح، مشوري، اتحاد ۽ ٻڌي سان

ڪوبہ فلاحي ۽ اصلاحي پروگرام عملي طرح ڪٽجي تہ پوءِ يقيناً ڪاميابي ٿيندي ۽ هي ڳوٺ مسئلن جي بحران مان نڪري هڪ آئيڊل وليج ۽ آئيڊل ٽائون بنجي ويندو، جيڪو هتي جي تاريخ ۾ هڪ سونهري مثال ٿي سنڌ جي تاريخ ۾ ٻين سماجي ۽ فلاحي ڪم ڪندڙن لاءِ رهنما ثابت ٿيندو.

انشاءَ الله اسان پنهنجي قلم وسيلي نوجوانن آڏو اهڙي اپيل هڪ ڀيرو نہ پر بار بار ڪندا رهنداسون هن اميد سان تہ، هتي جو سلجهيل نوجوان اسان سان ضرور سهڪار ڪندو.

"آئون پڻ وڃهان هٽڙا، آئين پڻ وڃهو رچ،
سندي ڪن ڪڙچ، من هون سلامت سپرين." (شاهؒ)
سنڌ سلامت، سچ سلامت، سڪ سلامت، ساٿ سلامت

نيڪ تمنائن سان
اوهان جو پنهنجو
**فهيم فدا شورو**
شورا هائوس مسڻ وڏي

ڀهرين آگسٽ 2013ع
بروز خميس

# ليکڪ جو تعارف

فهيم فدا شورو سنڌي ٻولي جي نئين ٽهي جو اديب، شاعر ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ آهي. سندس شمار مسڻ وڏي ٽنڊي الهيار جي مشهور ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. سندس ولادت 8 جون 1988ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ مشهور عالم دين، خطيب، شاعر ۽ سنڌي ٻولي جي نامور اديب مولانا محمد يامين شورو "خادم سنڌي" جي گهر ۾ ٿي.

فهيم فدا شورو پوسٽ گريجوئيٽ هئڻ سان گڏ فارسي ۽ عربي ٻولي جو ڄاڻو آهي. ڪيس پنهنجي صلاحيتن ۽ قابليتن جي ڪري مسڻ وڏي ۽ ضلع ٽنڊي الهيار جي علمي ادبي حلقن ۾ اهم مقام حاصل آهي. فهيم فدا شوري آگسٽ 2009ع ۾ ڳوناٽي ليول تي هڪ ادبي، سماجي، فلاحي ۽ اصلاحي ادارو انجمن مشعل راهه قائم ڪري مسڻ وڏي ۽ پرپاسي جي نوجوانن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو.

موصوف ليکڪ مذهبي تعليم کان وٺي عربي، فارسي تعليم مسڻ وڏي جي تاريخي علمي درسگاهه "مدرسه دارالهديٰ" مان حاصل ڪئي. سندس نامور استادن ۾ سندس والد گرامي شيخ الادب حضرت مولانا محمد يامين شورو المعروف "سنڌ جو امرءُ القيس"، شيخ الحديث والتفسير حضرت مولانا عبدالرحمان جمالي عمرڪوٽ وارو، فقيه العصر علامه مخدوم محمد عثمان قراني جو فيض يافته حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس جوڻيجو عالم پلي عمرڪوٽ وارو، شيخ الحديث مولانا عبدالحفيظ جاڙيجو، مولانا خليل الرحمان جاڙيجو، منطق جي علوم و فنون جو ماهر صاحب ولايت نوجوان عالم دين مولانا فياض محمد سريوال ڳوٺ غلام حيدر سريوال ٽنڊو الهيار، مولانا محمد حسن

(برهماڻي) لغاري، مولانا محمد راضي ملوڪاڻي بلوچ، مولانا محمد انور علي زنئور ٽنڊو محمد خان شامل آهن.

تصنيف و تاليف جي ميدان ۾ موصوف ليکڪ فارسي زبان ۾ ٻاراڻي ادب تي لکيل ڪتاب "باغستانِ فدا"، عربي ادب ۾ "باقة الازهار"، مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو "مقالاتِ فهيم" شامل آهن.

(وڪيپيڊيا تان ورتل)

# (حصو پهريون)

# مقالاءِ مضمون

# تصوف جي رنگ ۾ لکيل فڪر انگيز تحرير

## دل ۽ نفس

الحمد لله و ڪفيٰ وسلام عليٰ عباده الذين اصطفيٰ اما بعد: فاعوذ بالله من الشيطان الرجيم. بسم الله. “ونفس و ما سواها وقال النبي صلي الله عليہ وسلم. ان في الجسد لمضغة اذا صلحت صلح الجسد ڪلہ واذا فسدت فسد الجسد ڪلہ الا وهي القلب” صدق الله العظيم. و صدق رسولہ الڪريم. اللهم صل عليٰ سيدنا محمدن النبي الامي و عليٰ آلہ و بارڪ وسلم تسليما ڪثيرا.

انسان جي تخليق الله تبارڪ وتعاليٰ ٻن شين سان ڪئي آهي. هڪ جسم ۽ ٻيو روح. جسم هڪ ڍانچو آهي جيڪو اسين پنهنجي ظاهري اکين سان ڏسي سگهون ٿا ۽ روح هڪ لطيف ۽ نازڪ شئي آهي جنهن کي ظاهري اک نٿي ڏسي سگهي بلڪ ان کي صرف ۽ صرف احساس جي اک ڏسي. ان جو ادراڪ ڪري سگهي ٿي. عام طرح هي سمجهي سگهجي ٿو تہ دل جڏهن بہ ڪجھ ڪندي آهي تہ پنهنجي ساٿين جي زور تي ڪندي آهي. دل کي هر ڪم لاءِ هڪ معاون ۽ مددگار کپي پوءِ اها اک هجي يا ڪن هجي. يا پير وغيره. بهرحال جڏهن دل پنهنجي ساٿين سان ملي ڪري برائي يا ڀچڙائي جي ايجنڊا تي عمل ڪندي آهي تہ ان ايجنڊا کي حديث نفس چئبو آهي. ۽ دل پنهنجي ساٿين سان نفس جي زمري ۾ اچي ٿي. قرآن شريف ۾ الله سائين فرمائي ٿو تہ، “ونفس و ما سواها” ترجمو: ۽ قسم آهي اسان کي نفس جو ۽ ان کي سڌي ڪرڻ واري جو.

نفس جي ذريعي انسان ڪجھ نہ ڪجھ ڪريو وجهي. نفس جا ٽي درجا آهن.

1). نفس امارہ: هي نفس انسان کي هر وقت برائي ۽ غلط ڪم ڪرائي ٿو. هن ۾ گناھ ئي گناھ جو تصور هوندو آهي. هن کي نفس اماره چئبو

آهي قرآن ۾ اچي ٿو ته "ان النفس لامارة بالسوءِ الا ما رحم ربي ان ربي لغفور رحيم." ترجمو: نفس ته هميشه برائي جو ئي حڪم ڪري ٿو مگر جنهن تي منهنجي رب مهربائي ڪئي بيشڪ منهنجو رب معاف ڪرڻ وارو ۽ مهربان آهي.

2). نفس لوامه: هي نفس جي ٻي حالت آهي. هي ماڻهن کان گناهه ڪرائي ٿو وجهي پر پوءِ وري پڇتائي ٿو. پشيمان ٿئي ٿو. توبه ڪري الله پاڪ ڏي رجوع ڪري ٿو ۽ وري نيڪ ڪمن جي ذڪر سان الله کي راضي ڪري ٿو. اهو عام طرح نيڪ ۽ صالح ماڻهن جو نفس هوندو آهي. هن نفس تي به الله جي رحمت هوندي آهي. ان لاءِ قرآن مجيد ۾ آهي. "ولا اقسم بالنفس اللوامه." ترجمو: قسم آهي مون کي نفس ملامت ڪرڻ واري جو.

3). نفس مطمئنه: هي نفس جي ٽين حالت آهي. هن کي قرآن مجيد نفس مطمئنه چيو آهي. براهه راست جنت جي بشارت ڏني وئي آهي. اهڙي نفس واري کي الله سائين پنهنجي خاص ٻانهي هجڻ جو شرف بخشيو آهي. نفس مطمئنه وارا الله جي ٻانهپ ڪرڻ جا صحيح حقدار آهن. جنهن کي ڪامل ولي چئبو آهي.گهڻو ڪري هي نفس نبين ۽ رسولن جو هوندو آهي. بس نبين ۽ ولين ۾ ايترو فرق رهندو آهي جو نبين جي اها حالت نفس مطمئنه واري مستقل ۽ هميشه رهندي آهي ۽ ولين جي اها حالت مستقل ۽ هميشه نه رهندي آهي بلڪ هيٺ مٿي ٿيندي رهندي آهي. جيئن ته حديث شريف ۾ آهي ته، مومن جي ايماني حالت نيڪين جي حوالي سان ڪڏهن هيٺ ۽ ڪڏهن مٿي ٿيندي رهندي آهي.

## ٻہ عجيب ساٿي

نفس ۽ دل پنهنجي حقيقت ۽ تخليق جي اعتبار سان به جدا جدا وجود آهن. هڪڙي (يعني دل) جو تعلق عالم امر سان آهي ۽ ٻئي (يعني نفس) جو تعلق عالم خلق سان آهي. دل شريف الطبع، مسڪين ۽ پاڪباز آهي، جڏهن ته نفس شرير الطبع، چالاڪ ۽ دوکيباز آهي. دل نيڪين سان تربيت وٺي ٿي. روشنين کي پڪيڙي ٿي. جڏهن ته نفس پنهنجي فطرت ۽ خباثت ۾ ازلي آهي. ان ۾ برائي ۽ بڇڙائي ڀري ٿي. هي گناهن جي

ماحول سان ٺلهي ٿي وڃي ٿي. برائي جي ڪري ٻنهي جهانن ۾ شهرت رکي ٿي.

هر طالب شهرت هين، همين ننگ سي ڪيا ڪام
بدنام اگر هونگين تو ڪيا نام نہ هوگا.

جهڙي طرح پاڙي ۾ هر قسم جا ماڻهو رهن ٿا جنهن ۾ مختلف زبان ۽ مزاج رکندڙ موجود آهن. مجبورن انهن سان گڏ رهڻو پوي ٿو. هي ڳالهہ طئي شده آهي تہ انسان پاڻ ڪيڏو بہ چڱو هجي، سندس فطرت نيڪ هجي پر ان تي خبيث جي صحبت جو هڪ نہ هڪ ڏينهن اثر ضرور ٿيندو. جهڙي صحبت تهڙو رنگ حاصل ڪندو. بهرحال دل نفس جي خباثتن جي چڪرن ۾ ضرور ڦاسي پوي ٿي. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ نفس جي خباثت دل جي اندر داخل نٿي ٿي سگهي. پر ڪيس ڪارو ضرور ڪري ڇڏي ٿي.

## اصلاح جا ۽ طريقا

مختصراً هي چيو ويندو آهي تہ نفس ۽ دل روح جي ٻن ڪيفيتن جو نالو آهي. مقصد روح جي بيمارين جي اصلاح ڪرڻ آهي.

1). تزڪيو نفس: نفس جي اصلاح ڪرڻ کي تزڪيہ نفس چئبو آهي. تزڪيو ان لاءِ چوندا آهن جو نفس جون بيماريون ان جي اندر داخل ٿيل هونديون آهن. جيئن مير ڪپڙن جي اندر هوندي آهي. ان مير کي ڪڍڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي ٿي پوي. پاڻي، صرف، سوٽا وغيره لڳڻ کان پوءِ اهو ڪپڙو صاف سٿرو ٿئي ٿو. اهڙي طرح نفس کان مختلف قسم جون رياضتون ۽ محنتون مجاهدا ڪرائي، گناهن وارو گند ۽ روڳ ڪڍيو ٿو وڃي. اهو عمل تزڪيہ نفس سڏرائي ٿو. قرآن مجيد ۾ ارشاد ٿيل آهي تہ "قد افلح من زڪاها و قد خاب من دساها" ترجمو: جنهن پنهنجي نفس جو تزڪيو ڪيو اهو ڪامياب ٿي ويو. جنهن خراب ڪيو اهو ناڪام ٿي ويو ۽ رُلي ويو.

2). تصفيو قلب: دل جي صفائي، ان کي چمڪائڻ واري عمل کي تصفيہ قلب سڏبو آهي. تصفيہ ان لاءِ چون ٿا جو دل تي برائي توڙي جو اندر داخل نٿي ٿئي پر ان تي پنهنجا اثر ڇڏي ٿي. جيئن شيشو هجي ان تي

مٽي جي ميرِ، مرُ وغيره چڙهي وڃي ته ان کي فقط صفائي جي ضرورت هوندي آهي. هلڪي ڪپڙي سان شيشو صاف ٿي ويندو. اهڙي طرح دل به اهڙي عمل سان صاف ٿي ويندي.

## روح جي بيمارين جا سبب

روح ڪڏهن ٻاهرئين اثر جي ڪري بيمار ٿي پوندو آهي ته ڪڏهن اندرئين اثر جي ڪري. ٻاهرئين اثرات جي متعلق قرآن مجيد فرمائي ٿو ته، "ڪلا بل رانَ عليٰ قلوبهم ما ڪانوا يڪسبون." هن ۾ هي ٻڌايو ويو آهي ته توهان جي دلين تي زنگ لڳي ويو. جنهن جي ڪري توهان غفلت واري بيماري جا شڪار ٿي پيا. جيئن گهٽي ڳالهائڻ سان، بدنظري ڪرڻ سان، گلا وغيره ٻڌڻ سان دل تي گندا اثرات پون ٿا. دل سخت ۽ پٿر ٿي وڃي ٿي. جيئن ته حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو آهي ته، " ان العبد اذا خطا خطيئة، نڪت في قلبه نڪتة." ترجمو: جڏهن ٻانهو گناهه ٿو ڪري ته دل تي هڪ ڪارو نشان ٿيو پوي. اهڙي طرح هڪ اندر جا اثرات روح کي ڪمزور ڪرڻ وارا آهن. جيئن قرآن پاڪ هي دليل ٿو ڏئي. "في قلوبهم مرضٌ." بيماري انهن جي دلين ۾ آهي. حديث شريف هن حقيقت کي وڌيڪ واضع ڪري ٿي. "ان في الجسد لمضغة اذا صلحت صلح الجسد ڪله واذا فسدت فسد الجسد ڪله الا وهي القلب." هن حديث مان معلوم ٿيو ته سيني بيمارين جي جڙ، بنياد دل جو خراب ٿيڻ آهي. دل نيڪ آهي ته سڀ عضوا نيڪ آهن ۽ جيڪڏهن دل خراب آهي ته سڀ عضوا خراب آهن. دل جي اندرئين خرابي جي ڪري ٻاهر به خرابي ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي، انهي جو عڪس پوڻ جي ڪري هي ڳالهه به واضع ٿي ته انسان کي رڳو ماحول گناهه ڪونه ڪرائيندو آهي بلڪ اندر جي ظلمت ۽ اونداهي به گناهه ڪرائڻ ۾ حصيدار هوندي آهي. حضرت يوسف عليه السلام جو زليخا جي مڪر ۽ فريب مان بچڻ، گناهه ۾ مبتلا نه ٿيڻ اصل ۾ الله پاڪ جو فضل ۽ خاص

ڪرم هو جو يوسف عليہ السلام کي گناھ وارو ماحول تہ مليو پر اندر ۾ ظلمت ۽ اونداهي نہ هئڻ ڪري گناھ کان بچي ويو. شال اللهٰ سائين اسان کي اندر کان محنت جي توفيق عطا فرمائي. پنهنجي دل جي اصلاح ڪرڻ لاءِ، نفس جي تزڪيہ ۽ دل جي تصفيي لاءِ مشائخ، علماءَ ۽ صوفيت جي صحبت نصيب فرمائي.

# علم ته آهي سچ جي واٽ

حافظ زوهيب ڪنيار

لفظ علم جي لغوي معنيٰ آهي ”ڄاڻ“. اصطلاح ۾ جنهن شئي جي ڄاڻ يا معلومات نه هجي ان شئي ڪي ڄاڻڻ، پروڙڻ جو نالو علم آهي. علم ڪي انسان جي ٽين اک تصور ڪيو وڃي ٿو. علم هڪ اهڙو زيور آهي جنهن سان ٻانهو پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ خالق کي سڃاڻي ٿو. علم جي باري ۾ ڪتابن ۾ نبي آخر الزمان ﷺ جون ڪيتريون ئي حديثون مبارڪ اچن ٿيون جن مان علم جي اهميت ۽ فضيلت جي خبر پوي ٿي. پاڻ ڪريمن ﷺ جن هڪ هنڌ فرمايو آهي ته. ”آئون علم جو شهر آهيان، ابوبڪر صديقؓ ان شهر جو بنياد، عمرؓ ان جون ڀتيون، عثمانؓ ان جي ڇت ۽ علي المرتضيٰ ان جو دروازو آهي.“ حضرت علي المرتضيٰ جي ديوان ۾ علم بابت حضرت علي رضي الله عنه جو هڪ مشهور شعر آهي ته،

رضينا قسمة الجبار فينا لنا علم و للجهال مالٌ،
فان المان يفنيٰ عن قريب و ان العلم باقٍ لا يزالٌ.

ترجمو:

”اسان قدرت جي ورڇ ۽ ورهاست تي راضي آهيون، جو اسان جي لاءِ علم کي پسند ڪيائين ۽ جاهلن لاءِ مال ملڪيت کي چونڊيائين. پوءِ بيشڪ مال ملڪيت، ڌن و دولت جلد ئي فنا ۽ ختم ٿيڻ واري آهي ۽ علم هميشه باقي رهڻ وارو آهي ان تي ڪڏهن به زوال نه ايندو.“

### هڪ مشهور واقعو:

ڪنهن ڳوٺ ۾ ٻه يائر رهندا هئا. هڪ ياءُ علم پڙهڻ جو سوچي ڪنهن مدرسي ۾ داخلا ورتي ۽ ٻي ياءُ نفس کي مارڻ جو پڪو پهه ڪري رياضتون ۽ عبادتون ڪرڻ شروع ڪيون. جڏهن ٻئي يائر پنهنجي

مقصد ۾ ڪافي وقت تائين هلندا رهيا. هڪ پيري عالم ياءُ ڏنو ته سندس ياءُ نڪ ۾ ڪرفتي (پائخانو) لڳائي الله جي عبادت ۾ مشغول آهي. عالم ياءُ کي پنهنجي ياءُ جي اها حالت ڏسي تمام گهڻو تعجب ٿيو. ياءُ ڪان جڏهن اهڙي حالت بابت پڇيائين ته سندس ياءُ ورندي ڏيندي چيو ته "منهنجي نفس عمدي خوشبوءِ سونگهڻ جو خيال ڪيو. مون ڪيس سيڪت ۽ سزا ڏيڻ لاءِ پنهنجي نڪ ۾ ڪرفتي (پائخانو) لڳايو آهي ته جيئن نفس کي چڱي سيڪت اچي." عالم ياءُ پنهنجي ياءُ کي سمجهائيندي چيو ته پائخانو گندگي ۽ پليتي آهي ان پليتي سان الله پاڪ جي ڪيل پاڪ عبادت خدا جي دربار ۾ ڪيئن قبول ٿي سگهي ٿي؟ هن حال ۾ تو جيڪي به رياضتون ۽ عبادتون ڪيون آهن اهي ناقابل قبول آهن. پر اهي عبادتون جيڪڏهن تون پاڪ پويتر ٿي ڪرين ها ته انهن عبادتن کي نه صرف خدا جي دربار ۾ قبوليت جو شرف ملي ها پر گڏوگڏ اهي ڪيل عبادتون ۽ رياضتون تنهنجي لاءِ اڳتي جو ثمر ثابت ٿين ها. اهو فرق ۽ سڃاڻپ صرف ۽ صرف علم جي ڪري ٿي سگهيو ورنه اهو ياءُ هميشه پليتي جي حالت ۾ عبادتون ڪندو رهي ها جنهن مان ڪيس ڪنهن به قسم جو ڪوبه فائدو، ثواب وغيره نه ملي ها.

# عدل ۽ انصاف

ساگر وسيم شورو

قرآن مجيد ۾ ارشاد خداوندي آهي تہ ”ان الله يامر بالعدل والاحسان.“ ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ انصاف ۽ عدل ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو. اسلام ۾ عدل و انصاف ڪرڻ تي تمام گھڻو زور ڀريو ويو آهي. عدل عربي ٻولي جو لفظ آهي جيڪو تعديل جو ماده مجرد آهي جنهن جي معنيٰ آهي وچٿرائي اختيار ڪرڻ. انسان کي شريعت جو مڪلف بڻايو ويو آهي. ۽ شريعت ۾ اعتدال پسندي ۽ وچٿرائي اختيار ڪرڻ کي انسان جي اعليٰ صفتن مان هڪ صفت شمار ڪيو ويو آهي. عدل ۽ انصاف جي باري ۾ نہ صرف خدا پاڪ جي ڪلام قرآن مجيد ۾ بار بار حڪم فرمايو ويو آهي پر گڏوگڏ انهي موضوع تي ڪافي حديثون بہ موجود آهن جن مان انصاف جي اهميت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. هڪ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ ستن ماڻھن کي قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي عرش مبارڪ جو سايو نصيب ٿيندو. انهن مان سڀ کان پهريون شخص عادل ۽ انصاف وارو حڪمران هوندو. حقيقت ۾ اهو وڏي ۾ وڏو خدائي انعام آهي جيڪو خدا پاڪ طرفان پنهنجي خاص ٻانهن کي نصيب ٿيندو آهي. جنهن انسان جي آخرت ٺهي وئي ان جي هميشگي واري زندگي ۽ حياتي پرسڪون عيشن ۽ انعامن ۾ گذرندي. هن تي ڪڏهن بہ ڪو زوال نہ ايندو. هڪ ٻي حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ ”قوام الدنيا باربعة اشياءِ، اولها بعلم العلماءِ والثاني بعدل الامراءِ والثالث بسخاوة الاغنياءِ والرابع بدعاءِ الفقراءِ.“ ترجمو: يعني دنيا جو قائم هجڻ چئن شين تي دارومدار رکي ٿو. انهن مان پهريون دنيا ۾

علماءِ ڪرام جي علم جو هجڻ، (اهڙو علم جنهن مان عالمن کي به ۽ پوري انسان ذات کي فائدو پهچندو رهي، ورنه شيخ سعدي شيرازي جي بقول ته، ”گڏهه تي ڪتاب لڏڻ سان اهو گڏهه ”عالم“ ڪونه سڏبو.“) ٻيو حڪمرانن ۽ امير طبقي جو انصاف ۽ عدل به دنيا جي بقا جو ڪارڻ آهي. ۽ ٽيون شاهوڪار ۽ اميرن جو سخي هجڻ ۽ چوٿون فقيرن جي دعا سان دنيا قائم آهي. دنيا ۾ ڪيترائي انصاف وارا بادشاهه ٿي گذريا آهن جن جي انصاف جو چرچو اڃا تائين ڳائجي پيو. حالانڪه اهي هن دنيا مان مري ڪپي ويا پر انهن کي اڄ ڏينهن تائين انصاف ۽ عدل جي ڪري جياپو مليو آهي جنهن جي ڪري اهي ماڻهن ۾ ڳائجن پيا. خلفاءِ الراشدين کان پوءِ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله تعاليٰ عنه انصاف ۽ عدل سان حڪومت ڪرڻ ۾ تمام گهڻو مشهور آهي. خليفي ٿيڻ کان پهرين پاڻ نهايت ئي عمدن ۽ اعليٰ قسم جي ڪپڙن پائڻ ۽ عيش عشرت ۽ خوشي واري زندگي گذاريندو هو پر جڏهن پاڻ خليفو چونڊيو ويو. ته سندس سوچ ۽ فڪر ۾ تبديلي اچڻ سان گڏ سندس لباس، وضع قطع ۽ عيش عشرت واري زندگي به بدلجي وئي. حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه انصاف ۽ عدل سان حڪومت ڪرڻ جو هڪ اهڙو مثال پيش ڪري ويو جنهن جو خلفاءِ راشدين جي دور کان پوءِ مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس دور جو هڪ مشهور واقعو اچي ٿو ته هڪ ٻڪرار جهنگ ۾ ٻڪريون چاري رهيو هو. ان ڏنو ته ڪو بگهڙ سندس ٻڪرين مان ڪنهن ٻڪري کي چيري ڦاڙي کائي رهيو آهي. هن انهي وقت پنهنجي دوست کي ٻڌايو ته اڄ حضرت عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. دوست جي پڇا ڪرڻ تي جواب ڏنائين ته مون جڏهن به ٻڪرين کي جهنگ ۾ چاريو آهي ته ڪنهن ڪنهن وقت ڪو بگهڙ به ٻڪرين جي ڌڻ ۾ گڏجي ويندو آهي، پر بگهڙ کي ايڏي جرئت ۽ طاقت نه ٿيندي هئي جو ڪنهن ٻڪري کي

چيري ڦاڙي ڪائي سگهي يا ڪو نقصان رسائي. پر اڄ مون ڏٺو ته ڪو بگهڙ منهنجي ٻڪرين مان هڪ ٻڪري کي چيري ڦاڙي ڪائي رهيو هو. مون انهي مان اندازو لڳايو ته اڄ عمر بن عبدالعزيزؓ هن دنيا ۾ نه رهيو آهي. اسلامي دنيا عدل ۽ انصاف جي اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي. امير المومنين حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان مبارڪ آهي ته، ”حڪومت ڪفر سان ته هلي سگهي ٿي پر ڏاڍ، جبر ۽ ظلم سان ڪڏهن به هلي نه سگهندي.“ اهڙن واقعن مان اسان کي هي سبق ملي ٿو ته اسان هر وقت هر گهڙي پاڻ سان، پنهنجي اهل و عيال، زيردستن سان انصاف سان پيش اچون. انهي ۾ ئي اسان جي ڀلائي ۽ نجات آهي.

# سوڍل منهنجي ڳالهه ٻڌي وڃ!!!

فهيم فدا شورو

. . . پنهنجي ساڻيهه واسين جي غلامي ۽ بيوسي تي هن جي اجهاميل نيڻن مان نه چاهيندي به به لڙڪ لڙي ڪري پون ٿا جيڪي سندس جنم ڀوميءَ جي سون ورنيءَ مٽي ڪي چمندي چمندي جذب ٿي هميشه هميشه لاءِ ٿڌا ٿي وڃن ٿا. پنهنجي ديش واسين جي اهڙي ڏکي خاموشي تي هو ڪي گهڙيون گهري سوچ ۾ ٻڏي وڃي ٿو.

سوڍل جي اچانڪ آواز تي هو سوچن جي سمنڊ مان پار ٿي چرڪجي پوي ٿو جيڪو سندس ڪنن ۾ پڙاڏو بنجي گوناگون گونجون ڪري رهيو آهي.

"سنڌ..! سنڌ؟ سنڌ؟!!" سوڍل روئڻهارڪي لهجي ۾ ڪيس چوي ٿو. "ڪٿي آهي سنڌ؟ هي چچريل چيريل سنڌ!!! وڍيل ڪپيل سنڌ!!! جنهن تي ڳجهون لامارا ڏيئي رهيون آهن. اها آهي سنڌ؟ اها آهي دودي جي سنڌ؟ اها آهي تماچي جي سنڌ؟ اها آهي دولهه دريا خان جي سنڌ؟ هو ڏس سنڌ جو لاش سڙي رهيو آهي...."

سوڍل! ها ! سوڍل ها! ماڻهو اڄ وري سنڌ بدران هڪ ٻيرو ٻيهر پنهنجن قبيلن، قومن ۽ راڄن جي باري ۾ سوچڻ لڳا آهن. ديش ڀڳتي سڏائيندڙ هر ڌرتي ڌڻي حقيقي معنيٰ ۾ "سنڌي" به نه رهيو آهي. ادا سوڍا . . .!!!

سوڍل! جڏهن کان تون پنهنجي ڌرتي تان سر ڏيئي هميشه هميشه لاءِ ٿڌو ٿي ويو آهين ان ڏينهن کان وٺي تنهنجي سنڌ جو سَنڌ سَنڌ ويرين جي وارن جي ڪري چِچرجي چاڪ چاڪ ٿي پيو آهي.

سوڍل! تنهنجي پڇاڙان ڪئين ٻين سوڍن ۽ مٽير مردن پنهنجي جنم ڀوميءَ تان سر ڏيئي پنهنجي لبڙن تي مرڪ سجائي موت کي گلي لڳايو آهي.

سوڊل! تنهنجو ”باب الاسلام“ اڄ وري هڪ ڀيرو ٻيهر ”باب القتلام“ بڻجي پيو آهي. جڳهه جڳهه آيل خوني رت جي سيلاب جي تباهين جا شڪار ٻه تنهنجا ئي ڌرتيءَ ڌڻي بڻيا آهن. ائين لڳي رهيو آهي ڄڻڪ سموري سنڌ ڌرتي ڪربلا جو ويس ڍڪي پنهنجي سورمن جي ٻي وقتي موت تي ماتم ڪري رهي آهي.

سوڊل! تنهنجي جنهن سنڌ ڌرتي مان ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ ڪي امن ۽ سلامتي جي خوشبو ايندي هئي اڄ ان جي امن تي راتاهو هڻي سلامتي جو ڏيوالو ڪڍيو ويو آهي. اڄ سنڌ امن لاءِ ايلازون پئي ڪري پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪيس ڪوبه امن ڏيڻ وارو ڪونهي. سچ ته هي آهي ادا سوڊا! اهڙي سنڌ تنهنجي سنڌ نه رهي آهي.

اڄ هڪ اهڙو واءُ وريو آهي جنهن سنڌين جي روحن کي ٻه ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو آهي جن کي هاڻي ”ٻيو جنم“ ڏيڻ وارو ٻه ڪوئي ڪونهي. سوڊل! توکي خبر نه آهي ته سنڌي ڀائرن کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجي گردنن ۾ غلامي جو ڳٽ پائڻ تي ٻه مجبور ڪيو ويو آهي.

۽ ها ها سوڊل! تنهنجي سنڌ جي رڙ ”گهوڙا گهوڙا“ مان بدلجي هاڻي ”ڀائي ڀائي؟؟؟“ تي پئي آهي.

سوڊل دادن کي اهو ڏينهن ياد ڏيارجان جڏهن هڪ ترخان مولوي هڪ سنڌي سڀاجهڙي ۽ سندس ونيءَ کي سنگسار ڪرڻ جي فتويٰ ٻڌائي تمام مومنن ۽ مسلمانن کي سنگسار ڪرڻ جو حڪم ڏيئي رهيو هو. اڄ اهي ئي ترخاني ۽ قنڌاري مولوي وري منهنجي باري ۾ ٻه فتويٰ ڏيڻ لڳا آهن ته ”تون ان ڏينهن کان واجب القتل آهين جنهن ڏينهن کان تو پنهنجي ٻاڻ کي ”سنڌي“ سڏرائڻ شروع ڪيو آهي. تون پنهنجي ٻاڻ کي ”ديوبندي يا بريلوي ڇو نٿو سڏرائين؟ شيعو ۽ سني ڇو نٿو چورائين؟ جيڪڏهن تو پنهنجي ٻاڻ کي سنڌي سڏرائڻ بند نه ڪيو ته تنهنجو الهه تلهه تباهه ۽ برباد ڪيو ويندو! ڊڄ ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن توکي آخوند صالح وانگر ٽياس تي ٽنگيو ويندو! مخدوم بلاول وانگر جيئري

ئي گهاٽي ۾ پيڙهيو ويندو! تنهنجي ڄڀ پاڙان ئي پٽي تنهنجي آواز کي هميشہ هميشہ لاءِ خاموش ڪيو ويندو. “ سوڍل ان وقت منهنجي اندر جو سوڍل بہ جاڳي پيو هو. مون بہ اکين ۾ اکيون ملائي کين ورندي ڏني هئي تہ ”اوهان جو ڏنل موت منهنجي گناهن جي سزا نہ پر هڪ بي بها املهہ تحفو آهي جنهن کي دل و جان سان قبول ڪريان ٿو بلڪہ انهي موت کي پنهنجي لاءِ ”راهہ نجات“ سمجهان ٿو هر ان ٻئي ڏينهن جي ڏسڻ کان، جنهن ڏينهن پنهنجي ديش واسين جي گردنن ۾ غلامي جو ڳٽ ڏسندي منهنجي اندر مان هڪ ٿڌي ۽ سرد آهہ نڪرندي محسوس ٿئي ٿي ۽ پنهنجي بيوسي ۽ لاچاري تي نيٽن جا بادل زارو قطار برسي پون ٿا! منهنجي روح جو ٻرندڙ جبل بہ ڦاٽي ريزا ريزا ٿي وڃي ٿو! منهنجي پريت ۽ پيار جو جذبو بہ بالآخر نفرت جي آڙاهہ ۾ بدلجي وڃي ٿو!“ ها سوڍل! ها اها منهنجي ورندي دادن کي ضرور ٻڌائجان تہ جيئن دادن کي هر سنڌي جو اهو جذبو ٻڌي چوڻ ۾ فخر محسوس ٿئي تہ ”سنڌ جي ڪک اجا سائي آهي.“

# مخدوم ميون صابر ولهاري رحمت الله عليه

عظيم عالم، بزرگ ۽ مدرس. ولهار جي درسگاهه جو پايو وجهندڙ

عاصي عبدالواحد هڪڙو

اڳين سمي نصرپور سرڪار جي ستن پرڳڻن مان هڪ پرڳڻي جو نالو ولهار هو، جيڪو ٽنڊو الهيار تعلقي جي موجوده پنجن تپن هر هڪ، بلغاءِ، ڏالو، سنجرچانگ، پاڪ سنگهار ۽ چمبڙ جي ايراضي تي مشتمل هو.

هن درهي زمين کي بهاري توڙي بياباني ۾ ڏسي ڪيترن شاعرن کيس مختلف نمونن سان ياد ڪيو آهي. ميون شاهه عنايت رضوي (متوفيٰ 1160 ھ) "ولهار" جي وٽن جي ڇانو ۽ بهاريءَ جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي ته:

"ٽڌا وڻ ولهار جا، جت صدر سونهارو،
اڪڙين آرو، اوڏانهين عنايت چئي."

جتي ولهار جو ذڪر ميين شاهه عنايت رضوي ڪيو آهي، اتي سندس اولاد مان قطب شاهه پڻ ولهار جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ رهي ڪين سگهيو آهي. قطب شاهه مينهن پوڻ کان پوءِ وارو نقشو چٽيو آهي، جنهن ۾ سانگين کي سکيو ڏسي فرمائي ٿو ته:

"وڄون وسڻ آئيون، چمڪي چوڌار،
ڏليري ڏينگاڻ، ڏونهه ونا سب "ولهار"
لاٿو ڏک ڏاتار، ٿيو قرار قطب چئي."

پير اشرف شاهه ڪاماري شريف وارو (متوفي 1277 ھ) ولهار جي وٽن جي خستي حالت ڏسي مينهن پوڻ جي دعا گهرندي اجهو هيئن ٿو فرمائي.

”وايو جهلي وار، وچون سنڌ ولات تي،
ڪرڪي ڪڪر مينهن جا ابون ڪٽي آڏار،
ڪنڍريون ڪنڍرن پٽ ۾ ڪرهن جيئن قطار،
مولا مينهن وسائين ”ونگي“ ۽ ”ولهار“.

پير جان محمد شاهه جيلاني پير وسيهن وارو (متوفي 1978ع) ولهار تي مينهن پوڻ لاءِ خدا کان دعا گهري ٿو ته:

”واحد وسايو ”ولهار“ تي ڪو مهر جو مينهن،
پرتئو لهن ”پيرل“ چوي، ڏاڍا ڏکيا ڏينهن،
الله ڪر ائين، جو سانگي سڀ سکيا ٿين.“

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

”برسي ساري پونءِ مٿي ڪا واحد ڪريو وسڪار،
ڪڪر موڪل ڪرم جو ڪو والي مٿي ”ولهار“.

مٿين شعرن مان واضع ٿي چڪو آهي ته، ”ولهار“ جو خطو ڪيتري حد تائين مشهور ۽ مقبول هو. هن پرڳڻي ۾ قديم دور ۾ جن باڪمال بزرگن، عارفن ۽ عالمن دين اسلام جي فروغ ۽ ترقي لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪاوش ۽ ڪوشش ڪري، ان کي پڪيڙڻ جو ڪم پنهنجي سر تي کنيو ۽ پنهنجي زندگي قال الله ۽ قال الرسول صلي الله عليہ وسلم جي تبليغ ۾ گذراي ڇڏي، تن مان هن پرڳڻي جو عظيم مفڪر، عالم ۽ مدرس ميون صابر ولهاري بہ هڪ هو، جنهن صاحب کي ڪن عالمن ذات جو ”پرند“ ڪري لکيو آهي تہ ڪن وري سندس ذات ”ٻرند“ ٻڌائي آهي. جنهن لاءِ روايت آهي تہ ”ميون صابر هميشہ منهن تي نقاب ڏيئي هلندو هو. سندس منهن ۾ ايتري قدر تہ جلالت ۽ نورانيت هئي، جو اهو نقاب جلد سڙي خاڪ ٿي ويندو هو. ان ڪري کين چوندا ئي ”ٻرند“ هئا. يعني ”باهہ وارو“ يا ”ٻرنڌڙ“.

جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي راءِ موجب، ميين صابر ولهاري جا وڏا سمن جي ٻرند قبيلي سان تعلق رکندڙ هئا. ۽ کين

”ٻرند سما“ ڪوٺيو ويندو هو، جيڪي ابتدا ۾ ٺٽي طرف رهندا هئا ۽ وڏا عالم ۽ برگزيدا بزرگ ليکجڻ ۾ ايندا هئا، جيڪي ڪن لکتن ۽ روايتن موجب 1513ع _ 1521ع ڌاري ٺٽي کان لڏي ملاڪاتيارن طرف اچي ساڪن ٿيا.

ملاڪاتيارن ۾ سڪونت بعد سندن درس و تدريس جو سلسلو شروع ٿيو ۽ ڪيتري خلق الله کي ديني تعليم ڏيئي صحيح راهه تي آندائون. بعد ۾ اهي بزرگ تقريبن ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر يا ٻارهين صديءَ جي شروعات ڌاري ولهار جي پرڳڻي ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا ۽ درس و تدريس جو سلسلو جاري ڪيائون.

ولهار جي پٽ ۾ درس و تدريس جو سلسلو ميين صابر کان شروع ٿيو، جيڪو ايڏي ته عروج کي پهتو جو ولهار توڙي ميين صابر جو نالو ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويو ۽ ميون صابر ٻرند جي بدران ولهاري سڏجڻ لڳو. هي بزرگ ڪلهوڙا دور جي باڪمال بزرگن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس همعصرن مان صوفي شاهه عنايت جهوڪ وارو (متوفي 1130 هه) ۽ درويش اويڙ فقير پلي شادي پليءَ وارو قابل ذڪر آهي. تحفته الڪرام جو مصنف مير علي شير قانع لکي ٿو ته ”ميون صابر ولهاري ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو عبادت الاهي ۾ گذاريندو هو. خلق الله کي قرآني ۽ ديني درس ڏيندو هو. هي بزرگ حد کان وڌيڪ بزرگيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جو صاحب هو“.

ولهار جي ايراضي ۾ ميين صابر جي محنت ۽ مشقت سان جنهن ديني درسگاهه جو پايو پيو، اهو مدرسو سندس نگرانيءَ ۾ وڏي اوج کي پهتو ۽ سنڌ جي اعليٰ ۽ عظيم تعليمي درسگاهن ۾ شمار ٿيڻ لڳو، جنهن ۾ ڪيترا شاگرد پري کان پنڌ ڪري اچي علم حاصل ڪندا هئا. هن وقت مٿين درسگاهه ۽ مسجد جا فقط ڪجهه نشان وڃي بچيا آهن، جيڪي سم ۽ ڪلر جو شڪار بنبا پيا وڃن، جن کي ڏسي ماضيءَ جي سونهري تاريخ اکين آڏو اچي وڃي ٿي.

ميون صابر ولهاري سنڌ جي وڏن عالمن ۽ مشائخن مان هڪ آهي. سندس ديني شوق جو اهو عالم هو، جو پاڻ نار جي جهلڻ تي ويهي سڄو قرآن مجيد پنهنجي هٿن سان لکيو هئائين، جيڪو ڪافي عرصو

اڳ سندس پوين وٽ موجود هو، ليڪن هينئر خبر نہ آهي تہ اهو وٽن آهي يا ڪنهن سبب ضايع ٿي ويو آهي.

ميين صابر ولهاري جي عادت هوندي هئي تہ پاڻ هميشہ پنهنجي وقت جي بزرگن ۽ درويشن سان قرب وندڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ لاءِ ڪهي وجي سندن ماڳن تي ملاقات لاءِ مقيم ٿيندو هو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ، پاڻ درويش اويڙ فقير پليءَ سان ملڻ جي خيال سان ٿرپارڪر جي طرف اسهيو. جڏهن درويش فقير پليءَ جي ڳوٺ پهتو تہ پتو پين تہ اويڙ فقير ڳوٺ جي ٻاهران ٻاجهريءَ جي ڪري تي وينو آهي. پاڻ جڏهن اتي پهتا تہ ڪري جي ٻاهران بيهي هڪ سواليہ بيت ڏنائون تہ:

”اويڙ الله جا اتئي ڪو پرو،
پيو آهي پٽ ۾ ڪي ڪٽي ويا ڪرو،
ڪو آهي دڳ درو، وجڻ جو وٽڪار ڏي.“

ميين صابر جو اهو بيت ٻڌي اويڙ فقير اڳتي وڌي آيو ۽ جواب ۾ چيائين تہ،

”ميان ڪٽج پاڻ سان بسم اللة پرو،
پنج منارا پلي چئي تنهن ڏانهن وهلا ٿي ورو،
سرس جي سپن ۾ تن ڏينهن ڪان نہ ٿرو،
آهي اهو دڳ درو، وجڻ جو وٽڪار ڏي.“

ان بعد ٻنهي بزرگن هڪ ٻئي سان ملي روح رهاڻ ڪئي. مطلب تہ ميون صابر فقيري توڙي علمي ٻنهي حيثيتن سان مشهور هو. تاريخ جي ورق گرداني ڪندي جتي سنڌ جي اوائلي مدرسن، جهڙوڪ: ٺٽو، بکر، سکر، نصرپور، اگهم ڪوٽ، سيوهڻ، عادلپور، کيجڙياري، وهري ۽ چوٽيارين جا نالا اچن ٿا، اتي ولهار جي درسگاهہ جو نالو پڻ موجود آهي، جنهن مان ميين صابر جي عظمت ۽ علمي خدمت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

ميين صاحب سان گڏ ولهار جي انهيءَ درسگاهہ ۾ ٻيا جيڪي بزرگ مدرس هئا، تن ۾ ميون پير محمد بن حبيب الله ولهاري ۽ ميون عبدالسميع بن حامد ولهاري وڏي پايي جا عالم هئا. ميين صابر جي بعد

اهو ڏيئو سندس پوين مان ميين معروف ڏانهن منتقل ٿي ويو. جيڪو پيءُ جي علمي مسند تي ويهي ديني درس ڏيڻ لڳو ۽ ولهار جي ديني درسگاهه جو انتظام پنهنجي هٿ هيٺ رکي درس تدريس ۾ مشغول رهيو. ميون معروف بہ ولهار جي پهرين استادن ۾ شامل هو، جن ميين صابر سان گڏ درس تدريس جو سلسلو جاري رکي، مدرسي کي اوج تي پهچايو.

ميين معروف جي وفات بعد سندس پٽ ميون مقبول گادي نشين ٿيو، جيڪو بزرگ، تحفتہ الڪرام جي لکجڻ واري دؤر يعني سن 1184هہ ۾ حيات هو ۽ خدا وارن وٽ قبوليت جي زندگي سر ڪندو هو ۽ درس تدريس جي سلسلي کي جاري رکندو آيو، راوي روايتون ٿا ڪن تہ، مٿين بزرگن جي بزرگي ۽ ڪرامتون ڏسي ولهار جي ڳوٺ کان اولهہ طرف رهندڙ شادي نالي هڪ اوني زميندار پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ميين بزرگن مان ڪنهن کي ڏنو، جيئن تہ شادي اوني کي ٻيو اولاد ڪونہ هو، ان ڪري سندس وفات بعد ميان صاحب لڏي اچي شاديءَ جي ڳوٺ ساڪن ٿيا، (جيڪو ڳوٺ هن وقت "شاديون" نالي سڏجي ٿو.) ڪجهہ عرصو اتي پڻ ساڳي طرح تعليم جو سلسلو جاري رهيو.

اها ميين صابر جي علمي تبليغ هئي، جنهن ڪيترن برباد بستين ۾ علم جي لاٽ اوچي ڪري انهن کي روحاني روشنائيءَ سان روشن ڪيو. ٽالپور دؤر جي شروع ۾ اهو ديني مدرسو ولهار جي پٽ مان منتقل ٿي ڊوري ناري لڳ "ڪنيرو" جي ڳوٺ ۾ قائم ٿيو. جتان ڪيترا طالب العلم ديني تعليم حاصل ڪري وڏا عالم، اڪابر بنجي نڪتا. اهو مدرسو انگريز دؤر جي آخر تائين قائم رهيو.

## وفات:

روايت مان ثابت ٿئي ٿو تہ، ميين صابر ولهاري جي شاهہ عنايت صوفي جهوڪ واري سان گهري دوستي ۽ ايتري قدر عقيدت هوندي هئي جو شاهہ عنايت صوفي جي اسرار تي پاڻ "سهروردي" طريقي جا پيروڪار بنيا. اها خبر نہ پئجي سگهي آهي تہ پاڻ سهروردي طريقي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪهڙي بزرگ جي هٿ تي بيعت ڪيائون. اهو پڻ

معلوم ٿئي ٿو تہ ميين عنايت شاهہ صوفي جي وفات سنہ 1130 هجريءَ تائين ميون صابر زنده هو. ان مان واضع ٿئي ٿو تہ ميين صابر جو لاڏاڻو سنہ 1130 هجريءَ بعد ٿيو هوندو. سندس مقبرو ٽنڊي الهيار کان ڏهہ ميل ڏکڻ اوڀر طرف ويسٽ جمڙائو جي ڪپ تي آهي، جتي سندس فرزند ميين معروف جو مقبرو پڻ آهي. اهو قبرستان ”ميين معروف جا قبا“ جي نالي سان مشهور آهي.

# روزي جا رت جي گردش تي فائديمند اثر

سيف الله شورو

ڏينهن جو روزي جي حالت ۾ رت جو مقدار گهٽ تي وڃي ٿو ۽ اهو عمل دل ڪي انتهائي فائديمند آرام ڏيئي ٿو. وڌيڪ اهم اها ڳالهه آهي تہ جيوگهرڙن جي وچ ۾ مائع جي مقدار ۾ گهٽتائي سبب تشوز يعني مشڪن جي انتهائي باريڪ حصن تي دٻاءُ گهٽ پوي ٿو. مشڪن تي دٻاءُ يا عام لفظن ۾ ڊائسٽالڪ دٻاءُ دل جي لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. روزي جي حالت ۾ ڊائسٽالڪ دٻاءُ گهٽجي وڃي ٿو. يعني ان وقت دل آرام ۾ هوندي آهي ۽ دل جو آرام دل جي ڪيترين ئي بيمارين جو هڪ علاج آهي. ان ڪان سواءِ اڄ جو جديد انسان جديد زندگيءَ جي مخصوص حالات سبب شديد تناءَ جو شڪار رهي ٿو. رمضان شريف جا روزا روزمره جي شديد تناءَ ڪان آزاد ڪري بي حساب فائدا ڏين ٿا. روزي جو سڀ ڪان اهم اثر گردشِ خون جي ان پهلوءَ تي آهي تہ اهو ڏنو وڃي تہ ان سان رت جي شريانين کي ڇا ٿو ٿئي؟ ان حقيقت جو عام علم آهي تہ رت جي شريانين جي ڪمزوري ۽ فرسودگيءَ جي اهم ترين اسباب مان هڪ سبب اهو آهي تہ رت ۾ باقي رهيل مادا يعني **Remnant** جو پوري طرح ڳري يا تحليل تي نہ وڃڻ آهي. جڏهن تہ ٻي طرف روزي ۾ خاص طرح افطار جي وقت رت ۾ موجود تمام غذائيت جا سيئي ذرا تحليل تي چڪا هوندا آهن. انهن مان ڪوبہ باقي نہ بچندو آهي. ان طرح رت جي نالين جي ديوارين تي چربيءَ يا ٻيا ڪي بہ اجزاءَ نٿا ڄمن. اهڙي طرح موجوده دور جي انتهائي خطرناڪ بيمارين جن ۾ شريانين جي سختي يعني **Arteriosclerosis** نمايان ترين آهي.) ڪان انسان بچي وڃي ٿو جو ٻي صورت ۾ هڪ مهانگي علاج وارو مرض آهي. روزو ان مرض ڪان بچڻ لاءِ بهترين تدبير بي خرچ علاج آهي.

(ورتل: ڪتاب قرآني آيتون ۽ سائنسي حقيقتون)

# امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي جي فڪر انگيز تحرير

جديد دور ۾ اڪثر سيڪيولر دانشورن ۽ سياستدانن جي اها سوچيل سمجهيل راءِ رهي آهي تہ مذهب انساني ذهن جي ارتقائي مرحلي جي هڪ ڪڙي آهي. يعني مذهب خالص زميني اقتصادي، سياسي، سماجي ۽ ٻين حالتن جي پيداوار آهي.

اهو نظريو نہ صرف مذهب جي آسماني هجڻ جي دعويٰ جو انڪار ڪري ٿو، بلڪ گهرائي سان جائزو وٺجي تہ اهو نظريو الله جي انڪار تائين وڃي ٿو ۽ ان نظريي مطابق مقدس ڪتاب آسمان مان نازل ٿيل مڃڻ بجاءِ پيغمبرن جا هٿرادو لکيل قرار ڏيڻا پون ٿا. اهو هڪ سنجيده بحث آهي ۽ ان وقت اجا بہ وڌيڪ اهميت اختيار ڪري وڃي ٿو، جڏهن اهڙا ماڻهو انساني حقوق جي جدوجهد ڪرڻ تي زور ڏيندا هجن ۽ انهن جي مقابلي ۾ هڪ اهڙو مذهبي طبقو سماج ۾ موجود هجي جيڪو مذهب جي نالي تي خدا جي مخلوق ڪي لٽڻ ڦرڻ ۾ مشغول هجي ۽ استحصالي قوتن جو ساٿاري هجي.

امام ولي الله دهلويءَ جي سياسي ۽ اقتصادي فڪر ۽ فلسفي جا وارث عالم ان مسئلي بابت هڪ مدبرانہ ۽ مفڪرانہ راءِ رکن ٿا، جيڪا هڪ طرف عقل ۽ سائنس جي ڪسوٽي تي بہ پرکي سگهجي ٿي تہ ٻئي طرف مقدس ڪتابن جي آسماني معيار تي بہ پوري لهي ٿي.

هن مضمون ۾ مٿي ذڪر ڪيل موضوع تي امام عبيدالله سنڌيءَ جي تفسير مان ٽڪرو ڏنو ويو آهي جيڪو تفسير پاڻ جلاوطني دوران مڪي شريف ۾ دنيا جي وڏن عالمن کي درس جي صورت ۾ ست سالن تائين پڙهائيندا رهيا. اهو تفسير مدرسہ مظهرالعلوم جي سابق مدرس مولانا محمد مدني سنڌي ڪي سنڌي زبان ۾ لکيو آهي.

امام عبيدالله سنڌي نهايت جامع ۽ مختصر عبارت ۾ هن مسئلي تي روشني وڌي آهي. ان سان ان مسئلي جي حقيقت کي سمجهڻ جو مضبوط بنياد ملي وڃي ٿو، جنهن تي جديد سائنسي انداز سان تحقيق ۽ ريسرچ جي ذريعي ڪارائتن نتيجن جي هڪ شاندار عمارت اڏي سگهجي ٿي.

سنڌ ۾ سنڌي قوم کي پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ جن شديد محرومين مان گذرڻو پيو آهي انهن جي سبب قومپرست ۽ ترقي پسند دانشورن ۽ سياستدانن جو هڪ وڏو طبقو سيڪيولر ازم جي مٿين تشريح جو قائل رهيو آهي. هن مختصر مضمون جي ذريعي اسين سنڌ جي دانشورن کي هڪ علمي بحث ۽ تحقيق جي ميدان ۾ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻڻ جي گذارش ڪريون ٿا.

اسان جي نظر ۾ امام شاه ولي الله جا اقتصادي، سياسي ۽ فلسفي نظريا، يورپي مفڪرن جي نظرين کان گهڻو وڌيڪ طاقتور آهن. جن کي امام عبيدالله سنڌي همعصر نظرين سان ڀيٽ ڏيئي واضح ڪيو آهي، اهي اصول سندن ڪتابن ۾ هر هنڌ ڦهليل آهن. ضرورت آهي ته انهن کي ترتيب ڏيئي هڪ جاءِ تي جمع ڪري انهن مان گهڻو لاڀ پرائي سگهجي ٿو.

مدرسہ مظهرالعلوم ۾ امام عبيدالله سنڌيؒ پاران قائم ڪيل مرڪز بيت الحڪمة کي ٻيهر سرگرم ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ امام عبيدالله سنڌيؒ جي پوئلڳ سنڌي عالمن کي خاص ڪري نوجوان عالمن کي تحقيقي ڪم ۾ سهڪار جي دعوت آهي

هڪڙي متفڪرين جي جماعت آهي جنهن جو هي خيال آهي ته، ”انسان جي دنياوي زندگي کي دين کان خالي ڪري سگهجي ٿو.“ انهن جو هي خيال آهي ته ”دنياوي زندگيءَ جي تڪميل واسطي دين ايجاد ٿيا آهن. هڪ زمانو انسانيت تي اهڙو گذري چڪو آهي جو جيستائين انهن کي ديني خيال نہ ڏجي ها تہ هو دنياوي زندگيءَ کي مڪمل ڪري نہ سگهن ها. هاڻي انسانيت ايتري ترقي ڪري چڪي آهي جو پنهنجي مادي زندگيءَ کي پنهنجن ذاتي فيصلن سان مڪمل ڪري سگهي ٿي. دين ۾ لازمي شيءِ هي آهي جو هڪ وڏو شخص دين جو امام مڃجي

جنهن جي راءِ کان ٻاهر نہ نڪرجي. شروع ۾ بيشڪ ان پابنديءَ جي ضرورت هئي مگر هاڻي جن ملڪن ۾ لازمي تعليم جبري طور تي جاري ڪئي ويئي آهي ۽ هر انسان ڪي سوچڻ سمجهڻ جو مادو پيدا ڪرڻ آسان ٿي ويو آهي تہ هو گڏجي فيصلا ڪري سگهن ٿا تہ هيترن ڪمن ۾ ڪنهن ڪي شخصي اختيار ڏجن ۽ هنن ڪان مٿي جماعت جي فيصلي جي پابندي ڪرڻ گهرجي. ڪنهن پراڻي بزرگ جي فيصلن جي پابندي ڪرڻ هاڻي ضروري نہ آهي. دين اجتماعي ارتقافات جو هڪ ڀاڱو آهي پر ارتفاقات جي ترقيءَ جي وقت ۾ پراڻن فيصلن جي پابندي. انسان لاءِ تمام بار آهي."

ان طرز سان هنن متفڪرين جو خيال گهڻن تفصيلن سان بيان ڪري سگهجي ٿو. مگر مطلب سڀ ڪنهن جاءِ تي هي قائم رهندو تہ "انسان جي هن زندگيءَ جي قائم رکڻ واسطي ۽ ترقي ڏيڻ واسطي انسان پاڻ قاعدا ناهي سگهي ٿو ۽ انهن ۾ ترميم ۽ تنسيخ ڪندو رهندو. ان ترقيءَ جي واسطي انسان غير متبدل قانون ۽ تجويز ڪري ڇڏيا آهن، جن ڪي دين چئجي ٿو. ان سان عقلي ترقي جڏهن زياده ٿي چڪي آهي تہ هن ڪي ڪنهن غير متبدل قانون جو پابند بنائڻ ضروري نہ رهندو.

غير متبدل قانون جي مالڪ جو نالو الله آهي. ان جو جيڪو قانون غير متبدل آهي، ان ڪي دين سمجهيو ويندو آهي. ديني ماڻهو سمجهن ٿا تہ ان ۾ تبديل ڪرڻ جو حق فقط هڪ الله ڪي آهي ٻئي ڪي نہ آهي انهن جو خيال اهڙي قسم جو آهي تہ چونڪ انسان لاءِ متبدل قانون جي ضرورت محسوس ٿي تہ ان غير متبدل قانون واسطي هڪ مالڪ جي ضرورت بہ محسوس ٿي، ان سبب سان الله جي مڃڻ جي ضرورت انسانيت ۾ متحقق ٿي."

هي متفڪر جڏهن غير متبدل قانون جي ضرورت محسوس نٿا ڪن تہ انهن ڪي الله جي ضرورت بہ نہ رهندي. هي فڪر ڇا لاءِ پيدا ٿيو؟ [ان جو جواب آهي تہ] انساني زندگيءَ ڪي مادي زندگيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿن. هنن وٽ انسان جي حقيقت هي آهي تہ "مادي قوتن جي جمع ٿيڻ سان انسان پيدا ٿيو ۽ انهن قوتن جي انتشار سان ختم ٿي

ويندو.“ موت کان ڪا ٻي حياتي ھجي جنھن ۾ انسان قائم رھي، سا انھن کي سمجھ ۾ نٿي اچي.

ماديات ۾ ڪي زياده ماھر عالم اھڙا آھن، جي دعويٰ سان چئي سگھن ٿا تہ اڳتي زندگي ناممڪن آھي. اڄ ڪالھ سياست ۾ ان فڪر جي تمام وڏي قيمت آھي. اول درجي جو ڪوبہ سياسي ماڻھو نہ ھوندو جو ھن فڪر سان موافقت نہ رکندو. ھن سياست جو نتيجو، تمام مذھبي زندگي کي ختم ڪرڻ آھي. ھي سياسي جماعت بادشاھن کان گھڻو ظلم ڏسي چڪي آھي ۽ بادشاھ ڪنھن نہ ڪنھن مذھب جا پابند ھوندا آھن. بادشاھن ۾ مذھبي پابندي براءِ نام ھوندي آھي. ان جي نالي سان رعيت ۾ پنھنجو حڪم آساني سان جاري ڪري سگھن ٿا. چونڪ ظالم بادشاھن کان انھن کي از حد نفرت آھي، ان ڪري بہ انھن کي مذھب سان دشمني پيدا ٿي ويئي آھي.

ھي سچي حقيقت ڪانہ لڪائي اٿئون بلڪ اشارو ڏنو اٿئون. اھڙيءَ طرح ھاڻي بہ سچي حقيقت نٿا لڪايون بلڪ اشارو ڏيون ٿا تہ اسين انھن سان متفق اصولن کان ڳالھ شروع ڪريون ٿا.

اسين يعني انسان ھڪ مادي ھستي آھيون، انساني وجود ۾ ڪي مادا ڪثيف آھن ۽ ڪي مادا لطيف آھن اسين لطيف مادن کي روح سڏيون ٿا. يعني تمام ھستي پنھنجي مادي مجيون ٿا. ھن طرح سان ھو اسان جي ڳالھ کي تمام خوشيءَ سان ٻڌندا آھن.

ھي جو انسان آھي، ٻاھر جي مادي جو ھڪ ٽڪر آھي. زمين ھڪ مادو آھي. ھوا ٻيو مادو آھي، مٿي آسمان جا ستارا، سي ٻي قسم جون مادي شيون آھن، جيتري ڪوشش ٿي سگھي آھي ھن مادي جي انتھا معلوم نٿي ٿئي. اڄ ھڪ حد مقرر ڪريون ٿا، تورن ڏينھن کان پوءِ ٻيو انڪشاف ٿئي ٿو جنھن سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان کان مٿي بہ مادو آھي. يعني تہ مادو ھڪ بحر جي صورت ۾ آھي جنھن جي ڪا حد ۽ انتھا نہ آھي. ھن مسئلي ۾ اسان انھن مادي متفڪرن سان اتفاق ڪندا ٿا وجون.

مادي جي متعلق ھڪ تحقيق ڪري ھڪ اصول اسان سمجھيو آھي تہ مادو شڪليون مٽائي ٿو پر فنا نٿو ٿئي. ھن ۾ اڄ ڪلھ جا

حڪيم سڀ تحقيق ڪري انتها تائين پهچي ويا آهن پر ان جي خلاف هڪ ذرو به ثابت نه ٿي. اسين هن مسئلي ۾ به اتفاق ڪريون ٿا.

هي مادي حڪماءَ اڳي ٻن قسمن جا هئا. مادي سان هڪ غير مادي شيءِ به مڃيندا هئا، جنهن جو نالو انهن وٽ قوت هو. پوءِ ان جون مختلف صورتون ظاهر ٿين ٿيون جيئن ”برق“ آهي. ڪيترا حڪماءَ هن کي غير مادي شيءِ مڃين ٿا. مگر پويان مادي حڪماءَ ايترو ”غلو“ (وڌاءُ) ان مسئلي ۾ ڪن ٿا جو برق ياقوت يا ڪو ٻيو نالو ڪٺي رکجي ته ان کي به مادي مڃين ٿا. اسين هن مسئلي ۾ به انهن سان اتفاق ڪريون ٿا. نالن جي اختلاف ۾ حڪمت نه مٽبي آهي جنهن کي هي حڪيم مادو چون ٿا اسين ان کي وجود چئون ٿا. اسان وٽ وجود هڪ بي انتها شيءِ آهي. ان جا مختلف طبقا آهن. هڪڙا ڪثيف ٻيا لطيف. پر سڀ وجود آهن. ان جو هڪ ذرو به ضائع نٿو ٿئي. فقط صورتون مٽائي ٿو. اسان جي خيال ۾ آهي ته جا هو تحقيق ڪن ٿا، سڀ اسين مڃيون ٿا، نالن جي اختلاف کي هو به ڪا اهميت نه ڏيندا. هاڻي اسين هنن مادي طاقتن ۾ ڏسون ٿا ته هڪ شيءِ مؤثر آهي ۽ ٻي شيءِ متاثر آهي. سج روشني ڏئي ٿو ۽ زمين روشني وٺي ٿي. باه گرمي ڏئي ٿي ۽ پاڻي گرمي وٺي ٿو. ان مسئلي جو انسان جي زندگيءَ سان گهڻو تعلق آهي. ڪن شين ۾ انسان پنهنجو اثر وجهي ٿو يعني ڪن کي پيچي ٿو ۽ ڪن کي ڊاهي ٿو. انسان جڏهن ”انا“ يعني ”آءٌ“ چوندو آهي ته ان ۾ جيتري ٻئي ۾ تاثير ڪرڻ جي قوت موجود آهي، ان کي گڏ ڪري پوءِ ”انا“ چوندو آهي ته تاثر (متاثر ٿيڻ) وارين قوتن کي دل مان بالڪل وساري ڇڏيندو آهي. غرض (مطلب ته) متاثر ۽ مؤثر جو فرق انسان جي زندگيءَ لاءِ لازمي شيءِ آهي. اسين هاڻي حقيقي وجود ان کي سمجهون ٿا جنهن ۾ تاثير جي قوت آهي. اسان جي طبعيت ته تاثر کي ڪمال مڃي ئي نٿي. هاڻي تاثير ڪرڻ وارو جيترو وجود آهي. سارو مجموعو ان کي اسين هڪ شيءِ مڃيون ٿا. ان جو نالو الله آهي.

هن مؤثر وجود سان متاثر وجود جو ڪهڙو تعلق آهي؟ هي تمام ڏکي ۽ تفصيلي حڪمت آهي. ان کي فلسفہ وحدة الوجود چئجي ٿو. هي هڪ حقيقت آهي جنهن تي انسان پهتو آهي.

فلسفہ وحدت الوجود جي تاريخ تمام ڊگھي آھي. ڪو حڪيم ڪامل نہ ٿيو آھي جيستائين ھن فلسفي کي نہ سمجھيو آھي. انسان جي اجتماعي زندگي تي بحث ڪرڻ وارا عالم يا مادي متفڪر جيڪڏھن ھن عقلي فلسفي کي نہ سمجھي سگھيا آھن تہ انھن جو قصور آھي. انھن کي پڙھڻ گھرجي. اسين مذھب جي ايتري حقيقت مڃيون ٿا، جيتري قدر فلسفہ وحدة الوجود مان پيدا ٿئي ٿي. ھي ھڪ فلسفي حقيقت آھي. انساني اجتماع جي ضرورت واسطي ھڪ ارتفاق نہ آھي. بادشاھن جي ظلم قائم رکڻ واسطي ھي پير برھمڻ ۽ پادرين ۽ مولوين جو تجويز ڪيل نظام نہ آھي. فلسفي وحدة الوجود جي عالم کي الٰھيات جو عالم چئجي ٿو. ھتي لفظي بحثون بيڪار آھن. ھي حقائق آھن جن کي انسان سمجھي پوءِ ترقي ڪندو. مشاھدي ۽ تجربي سان ان جي تحقيق ڪبي. جڏھن اسين يورپ ۾ وياسون ۽ ھن نئين رنگ سان مذھب جو انڪار ٻڌوسون، تہ چند روز اسان کي تڪليف ۽ تحير رھيو. ان جو علاج اسان کي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ آيو. مگر اسين فلسفي پڙھڻ جي ابتداء کان وٺي فلسفہ وحدة الوجود ۾ يقين رکندا ھئاسون. عقل سان فقط ھڪ رستو صحيح مڃيندا ھئاسون.

مير زاھد امور عامہ، مير زاھد ملا جلال جا حواشي بحرالعلوم جا جڏھن پڙھبا تہ وحدة الوجود کي عقلي طور تي انسان اھڙيءَ طرح مڃڻ لاءِ مجبور ٿيندو جيئن ھڪ ۽ ھڪ کي ٻہ مڃي ٿو. ھن فلسفي جي طالب العلميءَ کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ شريعت جي تعليم جي طرف متوجہ ٿياسون. ھتي جي بہ اسان جا وڏا استاذ ھئا سڀ وحدة الوجود جا قائل ھئا. مولانا محمد قاسم، مولانا اسماعيل شھيد، شاہ ولي الله وغيرہ، مگر انھن شرعي عالمن ۾ ان فلسفي جي ھڪ جماعت منڪِر ھئي. انھن جو وڏو شيخ سرھندي امام رباني ھو ۽ ھن انڪاري جماعت جو اسان جي شرعي تعليمات ۾ وڏو اثر آھي. اگرچہ شاہ ولي الله ھي ڳالھ نٿا قبول ڪن تہ امام رباني ان فلسفي جو انڪاري ھو مگر انھن جي طريقي جا وڏا بزرگ سڀ چون ٿا تہ ھو ان جو انڪاري ھو.

ھندستان جي اسلامي سياسيات ۾ امام رباني جو وڏو دخل آھي. ھندستان ۾ اڪبر وڏو بادشاہ گذريو آھي. ان ملڪ جي سياست مان

اسلام کي خارج ڪري ڇڏيو هو. هن جي حڪومت اڄ جي زماني جي اصطلاح مطابق صحيح طرح سان هندستاني نيشنل حڪومت هئي. امام رباني ان جي مخالفت تي اٿيو ۽ ملڪي هندستاني حڪومت جي جاءِ تي اسلامي حڪومت جو پنهنجو پروپيگنڊا (پرچار) مقصد بنايائين. آهستہ آهستہ ان جو اثر سلطنت ۾ غالب ٿيندو ويو. اڪبر جي پٽ سليم جهانگير ٻيهر اسلاميت کي سياست ۾ داخل ڪيو. ان جي پٽ شاھ جهان پنهنجي پيءُ کان بہ وڪون اڳتي وڌايون. ان جي پٽ اورنگزيب عالمگير انتها ڪري ڇڏي. ساري هندوستاني حڪومت جو نظام اسلامي ڪري ڇڏيائين. هي ترقي ساري امام رباني جي پروگرامن جو نتيجو آهي. اسان جهڙا اسلامي مدرسن ۾ مستغرق رهڻ وارا، انهن وٽ عالمگير ۽ امام رباني جهڙو ماڻهو ڪونہ ٿيو. هي بہ شخص اهڙا آهن جن تي ساري دنيا ۾ فخر ڪري سگهون ٿا. تن جهڙا نہ عالم ۽ نہ بادشاھ ساري دنيا ۾ گذريا آهن. امام رباني جو اسلامي سياست ۾ ايترو مؤثر هئڻ، اسان جي دماغ کي اهڙي درجي تي پهچائڻ وارو ٿيو جو اسين ان جي مخالف ڪابہ ڳالهہ (نٽي ٻڌي سگهياسون.) ان جو نتيجو هي نڪتو جو وحدة الوجود جي فلسفي تي جوبہ يقين هو سو دٻجي ويو. يعني غائب نہ ٿيو بلڪ ڇڻ تہ ان جي مٿان هڪ ڇپ اچي ويئي. جنهن وقت اسين يورپ ۾ پهتاسون ۽ حيران ٿياسون تہ هي حيراني اسان کي فقط امام رباني جي اسڪول جي پابندي سان ٿي. اسان ٿورا ڪن ڇنڊي پراڻي وحدة الوجود جي فلسفي تي نظر ڪئي تہ اسان کي ڪوبہ اعتراض ڏسڻ ۾ نہ آيو. هاڻي اسان کي هي تڪليف آهي جو اسان جا مخالف ڪجهہ بہ فلسفو نٿا ڄاڻن. هاڻ انهن کي اسان ڇا چئون؟

اتفاق سان اسان کي ڪجهہ فلاسفر ملي ويا. هنن جي روبرو جڏهن ڳالهہ ڪئي سون تہ هو سمجهي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ ”اوهين اسان کي اهڙو بيوقوف سمجهو ٿا ڇا؟“

اسان جي طبعيت تان بار لهي ويو. انهن جو سياسي پروپيگنڊا (پرچار) جو لادينيت تي مبني آهي، اسين ان جي مقابلي ۾ هندستاني پروپيگنڊا (پرچار) جنهن ۾ مذهب بہ هوندو، تيار ڪري سگهون ٿا.

سياسي ڳالهيون نہ پنهنجي جاءِ تي رهنديون ۽ روز مٽ سٽ پيئي ٿيندي. مذهب جو تعلق هن مٽ سٽ جي درجي سان نٿا مڃيون.

اسان وٽ مذهب جو تعلق انسان جي اعليٰ فلسفي دماغ سان رهي ٿو. انساني فطرت ڪي اسين چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا. تمام قومن مان اعليٰ فلاسفر هڪ جاءِ تي گڏ ڪريو. سڀ جي هڪ راءِ هوندي. صحيح مذهب اهو آهي جو هن فلاسافيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ اهو تمام انسانيت لاءِ برابر طرح سان واجب القبول هوندو.

مولانا اسماعيل شهيد فلسفي وحدة الوجود جا محقق هئا ۽ ان جا مرشد سيد احمد شهيد، امام رباني جي فلسفي جا معتقد هئا. شاه ولي الله جي دعويٰ آهي تہ امام رباني ۾ جو فلسفہ وحدة الشهود جو امام آهي- ۽ شيخ اڪبر ۾- جو وحدة الوجود جي فلسفي جو امام آهي. نزاع لفظي آهي. يعني فلسفہ وحدة الوجود ڪي هو بہ رد نٿو ڪري. ان ۾ شاه ولي الله جو هڪ رسالو مڪتوب مدني جي نالي سان آهي. ان ڪري شاه اسماعيل شهيد بہ زور ڏيندا آهن تہ امام رباني فلسفہ وحدت الوجود جو مخالف نہ آهي. شاه اسماعيل فلسفہ وحدة الوجود جا قائل آهن. اسين امام رباني جا زياده قائل هئاسون، جو ان هندستاني سياست ۾ اسلاميت کي داخل ڪيو هو. هن مسئلي ۾ اسلامي سياست کي دنيا جي عالمگير سياست ۾ ڪيئن ملائجي؟! امام رباني اسان کي هڪ حرف بہ نٿو ڏسي سگهي. هو نهايت سخت درجي جو حنفي فقيہ آهي ۽ ڪابلي مزاج جو سياستدان آهي. ان ڪري جمهور اسلام جي سياست ۾ هن جي رهبري بالڪل ڪم نہ ڏيندي. بخلاف هن جي تہ شاه ولي الله اسلاميت جو ايڏو عالم آهي ۽ عالميگير سياست سان ان کي ايترو ربط ڏيئي سگهي ٿو جنهن جي نظير چوٿين صدي هجري کان پوءِ هڪ آدمي بہ نظر نٿو اچي. ان ڪري امام رباني جو درجو اسان جي دماغ ۾ شاه ولي الله ورتي ويو. هاڻي شاه ولي الله جي طريقي تي قائم رهون تہ سياست بہ اسان جي ساري صاف ۽ مذهب بہ اعليٰ فلسفي سان پورو موافق.

يورپ ۾ وڃڻ کان پوءِ اسان ۾ هي تبديلي آئي آهي. هندستان ۾ اسين امام رباني کي پهرين درجو ڏيندا هئاسون ۽ شاه ولي الله کي ان جماعت جو ٻيو ماڻهو ٻئي درجي جو سمجهندا هئاسون. يورپ ۾

وچڻ ڪان پوءِ شاه ولي الله کي پهرين درجي تي رکون ٿا ۽ شيخ اڪبر ۽ امام رباني کي ٻئي درجي تي رکون ٿا.

شيخ اڪبر فلسفہ وحدة الوجود ۾ استاذ آهي. ليڪن اسلامي سياست ۾ هو رهبري نٿو ڪري سگهي. شاه ولي الله چونڪ ٻنهي فنن ۾ اسان لاءِ امام آهن، ان ڪري شيخ اڪبر کي بہ ٻئي درجي تي رکيوسون.

فلسفہ وحدة الوجود هڪ مشڪل شيءِ آهي ۽ ان کي شريعت سان تطبيق ڏيڻ ان کان بہ زياده مشڪل آهي. گهڻا وڏا عالم اهڙا آهن جي ان کي سمجهي نٿا سگهن ۽ ان کي تمام مذاهب جو مخالف سمجهن ٿا ۽ اسلام جو ان کي خصوصي طرح سان مخالف سمجهن ٿا. ان جماعت ۾ سوين عالم آهن جي شيخ اڪبر کي ڪافر چون ٿا ۽ انهن مان ابن تيميہ اول نمبر آهي اسان جي هندستان ۾ بہ هن عقيدي جا ماڻهو اهل حديث جي جماعت ۾ موجود آهن مگر محقق اهل حديث اڪثر شاه ولي الله سان تعلق رکن ٿا. اهي هن مسئلي ۾ ابن تيميہ جي تقليد نہ ڪندا. اهل حديث جو مشهور عالم نذير احمد دهلوي، شيخ اڪبر جو اهڙو قائل هو، جهڙا اسين قائل آهيون. اهل حديث جي ٻين عالمن ڪوشش ڪئي تہ هو بہ شيخ اڪبر جي تڪفير جو قائل ٿئي پر ان قبول نہ ڪيو. ان جي سوانح عمري ”الحياة بعد الممات“ جي نالي سان سندس شاگرد ڇاپي آهي. ان ۾ هي مسئلو تفصيل سان لکيل آهي.

هندستاني اهل حديث جو ٻيو هڪ عالم آهي جنهن جو نالو نواب صديق حسن خان آهي، ان پنهنجي پهرين ڪتابن ۾ ابن تيميہ ۽ ٻين مُڪفر (ڪافر قرار ڏيڻ وارن) عالمن جي تائيد ڪئي ۽ تڪفير سان ڪتاب ڀري ڇڏيائين. مگر پڇاڙيءَ ۾ ان کان رجوع ڪيائين. غالباً ان جو سبب هي ٿيو هوندو جو هي شوڪانيءَ جو تمام معتقد هو. شوڪاني شروع ۾ شيخ اڪبر جي تڪفير ڪئي آهي مگر هڪ رسالي ۾ پنهنجن ڳالهين تي پاڻ رد ڪري ان کان رجوع ڪيو اٿس. غالباً هي رسالو نواب صديق حسين خان کي پڇاڙيءَ ۾ مليو آهي. ان ڪري ان بہ پڇاڙيءَ ۾ رجوع ڪيو. هي سڄو قصو ان ”التاج المڪلل“ ۾ تفصيل سان لکيو آهي. آءُ هن مسئلي کي چونڪ عقلي طرح سان سمجهي

چڪو آهيان ان ڪري مڪفرين کي معذور سمجهان ٿو، جو هو ان مسئلي کي سمجهي نہ سگهيا آهن. مون ڪڏهن بہ ان جي موافقت جو خيال نہ ڪيو آهي. امام رباني، شيخ اڪبر جي فلسفي جي ترديد ڪري ٿو مگر ان جي ذات کي مقبول عالمن مان سمجهي ٿو. ڪنهن کي ان جي ذات تي اعتراض ڪرڻ جي اجازت نٿو ڏئي. ان ڪري اسان کي بہ مڪفِرن (ابن عربيءَ کي ڪافر قرار ڏيڻ وارن) سان موافقت جو ڪڏهن بہ خيال نہ آيو. والسلام.

(هي مواد جمعيت علماءِ سنڌ جي ويب سائيٽ تان کنيو ويو. ادارو)

# تصوير ڳالهائي ٿي

اڄ اوچتو پساهہ جهڙي پياري جي ياد من تي تري آئي تہ الماري ۾ پيل فوٽن جو البم ڪڍي ڏٺم تہ اداس دل کي آسيس اچي وئي جو اڪين وڄي سائين صادق جي مرڪندڙ تصوير جو ديدار ڪيو. اڄاريون اکيون ڏسڻ سان نہ پيون ڏاپن پر جڏهن پنهنجو قوت پوري ڪري قراري ٿيون تہ دل ۾ دليل آيو تہ ڇا اهڙي نوراني چهري جي مسڪرائيندڙ تصوير کي ڏسي وري رکي ڇڏجي؟ نہ نہ !!! اڄ انهي سان ويهي ڪي ويچار ونڊجن. ڪا قربائتي ڪچهري ڪجي. ڪي اندر جا حال اورجن تہ جيئن روح کي راحت بہ اچي تہ من اندر ۾ اٿندڙ سوالن جا جواب وٺي اندر جي اُڻ تڻ جو ازالو بہ ڪجي.

بس دل آرڊر ڪيو تہ زبان تعميل ڪئي ۽ مرڪندڙ تصوير کان سوال پڇڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو تہ اي پڙهندڙ! تون پڇندين تہ، ڇا ڪاغذ تي ڇپيل تصوير بہ ڳالهائي سگهي ٿي؟ جواب ۾ چوندس تہ نہ! اها تصوير تہ برابر بيحس ٿي هڪ ئي روپ ۾ هوندي آهي. ڏينهن توڙي رات، جيڏي مهل بہ تصوير جي منهن تان ورق وار تہ، اهو ئي پوز، اهو ئي انداز، تر جيترو تفاوت نٿو هجي، ڇوتہ اها تصوير ڪوبہ حس حرڪت نٿي رکي. نہ ساهہ نہ ماهہ. پر عقل جا وير! مون جنهن تصوير سان سوال جواب ڪيا هئا سا تہ، تصور ۾ آيل تصوير هئي!! جيڪا پنج حواس رکندڙ آهي سا کلي بہ ٿي، تہ ڳالهائي بہ ٿي، ڪچهري بہ ڪري تہ ناز انداز سان نهاري بہ سگهي ٿي. جيتوڻيڪ اهو تصور بہ تصوير ڏسڻ بعد پيدا ٿئي ٿو. پر سائين سچڻ جي سڪ نہ تصور جي محتاج آهي نہ تصوير جي. جڏهن بہ پرينءَ جو پور پيو تہ، محبت مستي ۾ اچي ائين ڇوليون هڻندي آهي جيئن مهراڻ جون موجون ساوڻ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري ويندڙيون آهن.

ها سائين! تصوير سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي اڌ ڏزن سوالن جوابن کان پوءِ ٻولي جي ڪن لفظي اشتقاقن جي ڳالهہ نڪري پئي تہ منهنجي پڇڻ تي تصوير ڳالهايو تہ:

ڇا تون قلب جي باري ۾ ٿو پڇين؟!! تہ پوءِ ٻڌ! قلب خيالن جو اهڙو خونچو/دسترخوان آهي جنهن ۾ اجهاڳ سمنڊ وانگر سوچن جا اڻ ڪٽ سلسلا هجن. اهي خيال ٻہ ڪي صحيح ڪي غلط، ڪي سچا ڪي ڪوڙا، ڪي سهڻا ڪي پوائتا، ڪي اڇا اجرا، ڪي ميرا گدلا، ڪي اونڌا ابتا ڪي سڌا سُبتا. سوچن جا اهي طويل سلسلا فلم جي ريل جيان ڦرندا ۽ تصور جي اسڪرين تي هڪٻئي پنيان ڊوڙندا رهن ٿا. جي ڏينهن جو جاڳندي اچن تہ خيال ٿا ڪوٺجن پر جي رات جو ننڊ ۾ اچن تہ خواب ٿا سڏجن. مون عرض ڪيو تہ اي پياري تصوير! تو تہ قلب جو اشتقاق ڪونہ ڪيو! اها تہ قلب جي تعريف ۽ وصف ٿي. وراڻيائين تہ، ها برابر مون قلب جي لفظي اشتقاق کان اڳ ۾ ان جي وصف ٻڌائي آهي. پر توکي قلب جي سڃاڻپ ڪرائڻي هئي، هاڻي لفظي اشتقاق ٻڌايان ٿي تہ، قلب جو اشتقاق هي آهي تہ قلب ٽن اکرن مان جڙيو آهي. قاف قلم، لام لکڻ ۽ ب بندوق مان. مون عرض ڪيو تہ قلم سان گڏ لکڻ ۽ بندوق ڪيئن گڏجي پيا. يا تو زوي انهن ڪي قلم سان سلهاڙيو آهي! تہ وراڻيائين نہ! قلم آرڊر آهي جيڪو لکڻ يا بندوق جي سهاري نافذ ٿئي ٿو. باقي قلم ڪي آرڊر ڪنهن ڪيو؟! سو تہ وري ساڳي قلب (دل) آهي جيڪا اهڙا آرڊر ڪري ٿي اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اها دل (قلب) ڪنهن جي سيني ۾ فٽ ٿيل آهي؟ اهو ماڻهو ڪهڙي حيثيت جو مالڪ آهي؟ عالم آهي يا جاهل! ظالم آهي يا عادل!! پوءِ اهڙي صورت ۾ دل جا دليل توڙي اوچتا آرڊر ان جي پرک پروڙ مطابق هوندا آهن. آرسي ۾ اهوئي ڏسبو جيڪو منهن مهاندو هوندو. چوتہ آرسي جو ڪم آهي جيڪي سامهون اچي ان ڪي سندس خوبيون توڙي خاميون ظاهر ڪري ڏيکاري.

جيڪڏهن قلب کي ڪنهن سٺي ڪارب ۾ آڻي فٽ ڪيو ويو آهي تہ اهڙي قلب مان قرار، سڪون ۽ سلامتي، امن ۽ شانتي، سيني لاءِ سک ۽ سڌاري جا خيال ظاهر ٿيندا. پر جي ڪارب ڪارائتو ڪونهي. بنهہ بيڪار پيچڻ جهڙي ۾ قلب کي سوگهو ڪيو ويو تہ پوءِ ان جون

پچارون ۽ پرڪار ڏٽي ڪي تہ دربدر ڪري جيئڻ جنجال ڪندس، پر ويتر اوڙي پاڙي جو بہ سک ڦٽو. سڀي خلق پئي آزار ۾. هرڪو پيو ڪيس نفرت سان نهاريندو. هر ڪو پيو ٻاڏائيندو تہ مولا! هن موذي مان جان ڇڏاءِ تہ سمهي ننڊ ڪريون. جيسين اهو حياتي هوندو تہ سک جو ساهہ کڻڻ مشڪل آهي. پوءِ اهو پٽون ۽ پاراتا نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪندا ۽ همراهہ اوچتو نرڳ (دوزخ) جي نذر ٿي ويندو تہ ڏيهہ تان ڏرت لهندو ۽ ماڻهو شڪراني جا نفل پڙهي دم پٽيندا.

تصوير مرڪندي چيو تہ، اڄوڪي ملاقات ۾ بس ايترو، باقي وري جڏهن آمهان سامهان ٿياسين تہ پوءِ ساڳي سلسلي کي اڳتي وڌائبو. ائين چئي تصوير مرڪندي رهي تان جو البم جو ورق وري ويو. البم کي الماري ۾ رکي اکيون ٻوٽي سمهي پيس.

تحرير _ مولانا محمد يامين شورو

26 آگسٽ 2011ع

# اقوال زرين

ڏٽي بخش ڪنيار

◆ سئو دوستن کان وڏيڪ بهتر اهو دشمن آهي جيڪو دل ۾ نفرت ته رکي ٿو پر منافقت نه ٿو رکي.

◆ ايمان کان پوءِ وڏي ۾ وڏي نعمت نيڪ بخت گهرواري آهي.

(حضرت عمر فاروقؓ)

◆ جيستائين تون پنهنجي هٺ ۽ هوڏ تي قائم آهين تيستائين پنهنجي پاڻ کي چڱن ماڻهن مان شمار نه ڪجانءِ. (شيخ عبدالقادر جيلانيؒ)

◆ ٽي شيون ايمان کي تباهه ڪريو ڇڏين. (1) اميرن جي محفل (2) عورتن سان سنگت (3) جاهلن سان بحث مباحثو ڪرڻ.

(حضرت علي المرتضيٰؓ)

◆ خوشي جي وقت ٽن ڳالهين کي ڪڏهن به نه وسارجي. (1) الله تعاليٰ کي (2) الله تعاليٰ جي مخلوق کي (3) پنهنجي اوقات کي.

◆ جيڪڏهن ڪنهن قوم تي بنا ڪنهن جنگ لڙائي جي فتح ڪرڻي هجي ته ان قوم جي نوجوانن ۾ فحاشي کي عام ڪري ڇڏيو.

(سلطان صلاح الدين ايوبي)

◆ توبهه قبول ٿيڻ جي وڏي نشاني هي آهي ته توبهه ڪرڻ کان پوءِ انسان جي دل گناهه ڪرڻ کان هٽيو وڃي.

◆ جنهن دل تي ڪابه نصيحت اثر انداز نه ٿئي ته سمجهڻ گهرجي ته اها دل ايمان کان خالي آهي. (حضرت ابوبڪر صديقؓ)

◆ جنهن ماڻهو کي اهڙي دوست جي تلاش هجي جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪابه خامي نه هجي اهڙي شخص کي زندگي ۾ ڪڏهن به دوست نه ملي سگهندو. (حضرت علي المرتضيٰؓ)

◆ ڪنهن جا عيب تلاش ڪندڙ جو مثال ان مک وانگر آهي جيڪو پورو خوبصورت جسم ڇڏي صرف زخم واري جاءِ تي ويهندي آهي.

(حضرت علي المرتضيٰؓ)

# سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت
# حضرت مولانا مفتي محمد صادق سومرو

سونهري خدمتن ۽ ڪارنامن جو مختصر تعارف

مولانا محمد يامين شورو

منهنجي زندگي جو طويل عرصو حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي زير سايہ تعليم و تربيت هيٺ گذريو. جيڪو هڻ حاصل ٿيم سو سندن ئي صحبت جو فيض آهي. الله تعاليٰ مون ڪي پنهنجو اندر اجارڻ ۽ بدڪاري جا بدنما داغ ڌوئي نيڪي جي نور سان دل روشن ڪرڻ جي توفيق بخشي. آمين. رب ڪريم جي فضل و ڪرم ۾ يقين اٿم تہ منهنجي استاد حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ڪي سندسن عظيم خدمتن جي عيوض اجر عظيم عطا فرمائي ۽ سندن قبر ڪي جنت الفردوس جي باغن مان هڪ باغ بنائي ۽ غريق رحمت فرمائي. آمين

جن ڏينهن آئون حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ وٽ مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ پڙهي رهيو هئس. غالباً 1976ع ڌاري مدرسہ مدينة العلوم ڳوٺ پيندو شريف جا ڪي شاگرد مدرسہ دارالهدي مسڻ وڏي ۾ آيا. شايد انهن شاگردن ۾ مولوي الله بخش لاسي ۽ مولوي محمد عيسيٰ سمون ٽنڊي باگي وارو بہ هو. ڪچهري ڪندي مدرسي پيندي جي هڪ استاد جي باري ۾ وڏي جوش خروش سان نيون نيون خبرون ڪيائون. ان جي علمي ڪمال ۽ عقلمندي، فتويٰ و فراست، تقويٰ و طهارت، پاڪيزگي ۽ پرهيزگاري، جرئتمندي ۽ جوانمردي، همت ۽ حوصلو، دليري ۽ ديانت، خلوص ۽ خودداري، اصول پسندي ۽ امانت، صداقت ۽ سرفروشي جهڙيون وصفون بيان ڪندي چيائون تہ هڪ ڳالھ ۾ هو سيني مولوين کان نرالي فڪر ۽

نظريي جو مالڪ آهي. ڪانئن جلدي ۾ پڇيم ته اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ وراڻيائون ته استاد صاحب سنڌ ۽ سنڌي قوم جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿو!!

هن جو چوڻ آهي ته اسلام قومن جي وجود ۽ انهن جي حقن کي نه رڳو تسليم ڪري ٿو پر انهن جي تحفظ جا رهنما اصول به ٻڌائي ٿو. جيئن هڪ فرد جي حقن جو اسلام ۾ تحفظ آهي تيئن قومن جي حقن جو به تحفظ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته موجوده دور ۾ اسلام جي انهن رهنما اصولن کي نظر انداز ڪري پنهنجي هٿ ٺوڪي قانون کي اسلام جي نالي جي پالش ڪري خاص ڪري هن ملڪ پاڪستان ۾ رائج ڪيو ويو آهي. انهي آڌار تي قومن جا حق دٻايا ۽ ڪسيا وڃن ٿا پر حقيقي اسلام جي تعليم انهن هٺرادو قانونن کي ڪابه هٿي ۽ سهارو نٿي ڏئي.

وڌيڪ ٻڌايائون ته هو ثبوت ۾ خيرالقرون جي دور ۾ صحابه ڪرام، تابعي ۽ تبع تابعي ڀلارن جي اقوال و افعال ۽ انهن جي عملي زندگي کي پيش ڪري ٿو. پر هن جو هي به چوڻ آهي ته قرآن، حديث توڙي فقهه مان اهي رهنما اصول ۽ شرعي قانون منهنجي دعويٰ جا دليل آهن باقي اسان جو موجوده مذهبي حلقو وقت ۽ حالات کان مرعوب ٿي انهي فڪرکان راهه فرار اختيار ڪري ٿو ته اهو مذهبي حلقي جو پنهنجو ذاتي ڪردار آهي. انهي سان اسلام تي ڪوبه حرف نٿو اچي نڪي آڱر کڄي سگهي ٿي.

مهمان دوستن مان هڪ وڌيڪ چيو ته سائين جا خيال جدت پسند ۽ سندس ذهن توڙي ضمير روشن آهي. هو نه رڳو حق ۽ سچ جي حمايت ڪري ٿو پر پروانه وانگر ظلم ۽ زيادتي خلاف ميدان ۾ ڪڏي ڪاهي پوڻ لاءِ به تيار رهي ٿو. سندس ڪچهري ۾ انقلابي جذبن جي ايثار ۽ مجاهدن واري مقال هوندي آهي. پاڻ هر ڪنهن کي مڙس ماڻهو ٿي رهڻ جو مشورو ڏيندي ياڙئي جي ياري کان پري ڀڄڻ جو تاڪيد ڪندو آهي. سندس گفتگو ۾ اڪثر ظلم خلاف آواز اٿارڻ جو اتساهه هوندو آهي، هن جا جوان جذبا ۽ جهادي جوهر ٻڌائين ٿا ته جيڪڏهن

ڪيس ڪي اختيار ۽ اقتدار جهڙا موقعا مليا تہ هو پنهنجي منصوبن ڪي عملي جامو پهرائي وڏو انقلاب آڻي سگهي ٿو.

مهمان دوستن جون ڳالهيون ٻڌي مون عرض ڪيو تہ يار! اهي خيال، اهي جذبا، اهي سوچون، اهي فڪر تہ اسان جي مسڻ وارن استادن جا بہ آهن!! دل ۾ اهڙي باصلاحيت ۽ باهمت مڙس ماڻهو مولوي سان ملاقات جو شوق پيدا ٿيو. پڪو ارادو ڪيم تہ پهرئين فرصت ۾ اهڙي مجاهد سان ملي دوستي جو هٿ وڌائجي. يقين ٿي ويو تہ اسان جي همخيالي فڪري وحدت ۽ نظرياتي اتفاق دلي دوستي جي ٻنڌڻ ۾ ائين ئي ٻڌجي ويندي جيئن شاهہ سائين اکر لکندڙ ڪاتب جو مثال ڏيئي محبوب سان سر ساهہ جي سلهاڙيل ساٿ جي مشابهت ڏني آهي. فرمائي ٿو تہ:

ڪاتب لکن جيئن لائي لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن رهيا آهن روح ۾.

مدرسي پيندي جا شاگرد تہ هليا ويا پر منهنجي دل ۾ انهي روشن استاد سان ملڻ جي آنڌ مانڌ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي، نيٺ پنهنجي استاد کان موڪل ورتم تہ سائين! دل ٿي چوي تہ سنڌ جو پراڻو مدرسہ پيندو ڏسي اتي جو واءُ سواء وٺي اچان. وراڻيندي فرمايائون تہ ابا! ڀلي گهمي ڦري اچ، اتي مولوي عالم پنهور صاحب ۽ مولوي عارف (عرف سائين مرشد) ملندئي ئي تن کي سلام چئج. پر اتي هڪ نوجوان استاد مولوي محمد صادق سومرو بہ آهي تنهن جي بہ وڏي هاڪ ٿا ٻڌون تنهن سان بہ رهاڻ ضرور ڪج. ٿي سگهي ٿو تہ هو تنهنجو همخيال ٿي پوي. نہ ڄاڻ تہ سائين مولانا عبدالڪريمؒ جا چيل اهي ڀاڄهارا لفظ منهنجي لاءِ دعا ثابت ٿيا. واقعي بہ پيندي پهچڻ تي منهنجي پهرين پهرين ملاقات مولانا محمد عالم پنهور سان ٿي. اجا دعا سلام مس ڪيوسين تہ مرشد سائين بہ اچي مليو. خير عافيت بعد سائين جا سلام پهچايم. ٻئي بزرگ ڏاڍا خوش ٿيا. مختصر ڪچهري دوران هيڏانهن هوڏانهن نظر ڊوڙايم تہ هڪ نوجوان عالم، نوراني چهرو، قد جو پورو پنو، جسم ۾ ڄاڻنو، صحت ۾ سگهو ڀلو، کٽ تي وينل سامهون ڪتاب رکي وينو پڙهي. سونهاري مبارڪ روشن منهن تي ائين پئي سونهي

جو ڄڻ چنڊ جي چوڏاري ڪکر جو ڪڙو. سبحان الله ماشاءَ الله. دل چيو ته جنهن استاد سان ملڻ جو اشتياق اٿم سو شايد اهو ئي پلارو آهي جيتوڻيڪ هو پنهنجي مطالعي ۾ محو ۽ پنهنجي سوچن جي سمنڊ ۾ گم سم ٿي سڄي دنيا کان صفا ڪٽيل هو. نه ڪنهن ايندڙ جي اون، نه ويندڙ جو ويچار. بس پنهنجي ڌن ۾ مست مگن. سو مولانا محمد عالم کان اجازت وٺي انهي پلاري جي پر ورتم. ادب ۽ عاجزي سان سلام ڪري هٿ ملائڻ جي ڪيم ته پاڻ اچرج مان مون ڏي ڏسي هٿ ملايائين پر هٿ مان هٿ ڪڍڻ جي نه ڪندي هلڪو زور ڏيئي پڇيائين ته ”فقير!ڪير آهين؟ ڪٿان ڪان نازل ٿيو آهين؟“ وراڻيم ته سائين مدرسه مسڻ مان اوهان سان ملڻ آيو آهيان.

ٿوري دير ويهي حال احوال خير عافيت پڇندي سانجهي نماز جو وقت ٿي ويو. نماز کان پوءِ مدرسي وارا سيني شاگردن کي مدرسي جي اڱڻ تي ويهاري قادري طريقي مطابق ذڪر بالجهر ڪرائيندا هئا. سو انهي ذڪر کان پوءِ مدرسي جي هڪ شاگرد ايوب ملڪ پڊ عيدن واري (جنهن سان اڳي ئي ڏيٺ ويٺ ۽ واسطو هو.) سائين سان اچي منهنجو تعارف ڪرايو ته پوءِ سائين جن فرمايو ته تون ته اسان جو پنهنجو آهين. هاڻي تون ته عام مهمان نه پر اسان جو ذاتي دوست ۽ مهمان آهين!! بس پوءِ ته ڪلي ڪچهري ٿي. تبادله خيال ٿيا. جنهن بعد نظرياتي ۽ فڪري هم آهنگي سبب واقعي ئي دلي دوستي جي مضبوط بنڌڻن ۾ ٻڌجي وياسين. اهو نوجوان عالم مولانا مفتي محمد صادق سومرو هو. جيڪو ان وقت مدرسه پيندره شريف ۾ استاد هو جنهن جي شهرت ٻڌي ساڻس ملڻ لاءِ **1976**ع ۾ پيندره شريف ويو هئس. انهي زماني کان وٺي اڄ تائين اهو سنگت جو سڳو سوريندا ۽ پريت جو پيچ پڪو ۽ پختو ڪندا پيا اچون. هيستائين پنجٽيهه سالن جي ڊگهي عرصي دوران وچ ۾ ڪيئي لوڏا لمحا، تڏا ڪوسا واءُ لڳا. ڪي ڏکيا وقت حائل ٿيا پر اسان جو عشق اڳي کان اڳرو ثابت ٿي ويران وير وڌ رهيو.

سائين مفتي محمد صادق سومرو مدظله العالي جنهن سان پهرين ملاقات پيندي مدرسي ۾ ٿي. جنهن جو ذڪر مٿي گذري چڪو. سو ٻه گهڙين ئي ڏکيائين، لاهين چاڙهين مان گذري هاڻي وجي پنهنجي

پيرن تي بيٺو آهي. تنهن ۾ نينهن جو ناتو نڀائڻ ۾ ڪابه ڪثر ڪانه ڇڏي. صد آفرين سائين مفتي صاحب کي، جنهن اسان ناڪارن کي ڪنهن ۾ ويل ڪين وساريو. الله تعاليٰ کان دلي دعا آهي ته شال سندن خضري عمر مان اسان کي برابر لاڀ حاصل ٿيندو رهي. شال سندن صحت سلامت رهي. رب سائين ڪيس هر ڏکئي ويل کان امن ۾ رکي. سندن شفقت وارو ڇاڇو اسان لاءِ ڇانوَ ۽ ڇپر بڻيو رهي.

مصرع:

”اين دعا از من و از جمله جهان آمين باد.“

سچ پچ ته نيڪ نيتي ۽ اخلاص واري دوستي جيڪا الحب لله واري اصول تي قائم هجي تنهن کي نه لهر نه لوڏو. باقي مفاد پرستي واري محبت ته ڪم نڪتو ڪاغذ ڦاٽو وانگر هوا جي هڪ جهوٽي سان ڇيهون ڇيهون ٿيو وڃي.

ڪجهه وقت کان اڳي آئون مفتي محمد صادق سومرو صاحب جي مدرسي جامعه تعليمات اسلاميه ڏتا واهه لڳ جنهان سومرو ٽنڊو محمد خان ويو هئس. اتي پهچي ڪين عرض ڪيم ته سائين! آئون ڪجهه وقت ڪڍي هن لاءِ حاضر ٿيو آهيان ته توهان کان انٽرويو وٺي اوهان جي يادگيرين کي سهيڙي ڪتابي شڪل ڏيان. انهيڪري پنهنجي مصروفيات مان وقت ڪڍي اسان جو عرض قبول ڪري انٽرويو رڪارڊ ڪرايو. پاڻ مهرباني فرمائي سڀ ڪم ڇڏي سيئي پروگرام معطل ڪري ٻه ٽي ڏينهن مدرسي ۾ قيام ڪري انٽرويو رڪارڊ ڪرائيندا رهيا. جيڪي ٽوٽل نو (9) ڪيسٽون ٿيون. پوءِ اهي پاڻ وٽ محفوظ ڪري رکيم ته وقت ڪڍي انهن کي نقل ڪري تفصيلي ڪتاب لکندس. جنهن ۾ مولانا مفتي محمد صادق سومرو صاحب جن جي يادگيرين جي روشني ۾ سندن علمي، ادبي خدمتون، ديني علوم جي نشرو اشاعت لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ زندگي سان لاڳاپيل واقعا قلمبند ڪيا. پر وقت ۽ حالات جي پيش نظر اجا انهي ڪم کي هٿ ۾ ڪٽي نه سگهيو آهيان. هاڻي انهي دير ڪرڻ جو سخت ارمان ٻه ٿئيم پيو ته شديد احساس ٻه وڪوڙي ويو اٿم ته متان اهو رڪارڊ ٿيل ذخيرو ضايع نه ٿئي. انهيڪري سعيو ڪيو اٿم ته انشاءالله جلد ئي انهي ڪم تي ڀرپور توجهه ڏئي ٽيپ ڪيل

قسطن ڪي نقل ڪري ڪتابي شڪل ۾ آڻي شايع ڪندس. فبالله التوفيق.

هن مختصر تعارفي مقالي ۾ اسان مولانا مفتي محمد صادق سومري صاحب جي زندگي جي ڪتاب جا اهي باب متعارف ڪرائڻ چاهيون ٿا جن جو تذڪرو نہ ڪرڻ وڏي بخيلي ٿيندي. حضرت مولانا محمد صادق سومرو صاحب جي زندگي جو ڪتاب سرسري مطالعي ڪرڻ سان محسوس ٿيندو تہ هتي فڪر، عمل جو ڪوبہ پهلو خالي ڪونهي. زندگي جي هر شعبي ۾ سندس عملي خدمتن جا داستان گواهہ آهن جيڪي سندس ڪتاب زندگي جي بابن جا سونهري عنوان بنيا بيٺا آهن. بس اسان اهڙن ئي عنوانن مان ڪي حوالي طور پيش ڪنداسون. اهي ئي عنوان اسان جي ايندڙ تفصيلي ڪتاب جا مستقل باب هوندا. خاندان جي ننڍن، وڏن، رت جي رشتي وارن مٽن مائٽن سان سندن سلوڪ، والدين، استادن جو ادب، احترام ۽ انهن جي فرمانبرداري، دوستن جو دوست پر دشمنن جو بہ خيرخواهہ، ديني توڙي دنياوي علوم لاءِ باقاعده ادارا قائم ڪرڻ، مذهبي حلقن ڪي سندن فرائض، ذميدارين جي ياد دهاني ڪرائڻ، ڪتابن سان دلچسپي، مطالعي جو شوق، ڪتبخانا قائم ڪرڻ، علمي ۽ ادبي، اصلاحي خدمتون، پاڙيوارن سان سندس رويو، شادي غمي ۾ هر ڪنهن جي شامل حال ٿيڻ، آئي ويل اڙيات جي هڙان وڙان مدد ڪرڻ، علم دوستي، علم پروري، تحصيل علم لاءِ ڪيل جدوجهد، دعوت و ارشاد، وعظ و تبليغ، فيصلا ۽ فتوائون، روزمرهہ جي زندگي ۾ اٿڻ ويهڻ جا سونهري اصول، اهل اولاد سان سندس تعلق، انهن جي تعليم و ترتيب، ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش وغيره وغيره.

ڪهڙا ڳڻ ڳڻي ڪهڙا ڳڻجن. شاهہ سائينؒ جي چوڻ مطابق تہ،
”ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.“

پر هتي نہ رڳو بهار جي خوشبو جي بهاري آهي پر هتي تہ انساني ڪائنات لاءِ وڏا پروگرام مرتب ڪيل آهن. انيڪ انقلابي ۽ اصلاحي جذبا آهن. سڌارڪ سوچون آهن. انسانيت جي ڀلائي ۽ بهتري بهبود و فلاح جا فڪر آهن. دوستي جا راز و نياز بہ لين ٿا تہ دشمنن

سان نبرڻ جا نوان اصول به. برادر، جماعت ۽ رشتيدارن سان زندگي گهارڻ جا رهبر منصوبا به آهن ته سڌي راهه کان ٽڙيل پٽڪيل پليل لاءِ مڪمل رهنمائي به آهي. اهي سڀ اوصاف حضرت مفتي صاحب جي دل جي دفتر ۾ سمايل آهن. پڙهندڙن مان ڪو اچي ساڻس هم ڪلامي ٿئي ته ان مهل اهي سمورا باب سندس آڏو پڌرا ٿي پوندا ۽ ڪيس يقين ٿي ويندو ته واقعي هن جامع الصفات ۽ بقية السلف بزرگ جي دل ۾ آڳاٽن انقلابي مجاهدن، اصلاح عالم لاءِ جدوجهد ڪندڙ عالمن جا جذبا پنهنجي عملي جدوجهد لاءِ آتا آهن. پر پيرسني ۾ اسباب جي اڻ هوند مخلص رفيقن جي ڪوٺ بي سر وساماني وقت ۽ حالات جي ناموافقت جهڙا ڪيترائي ڪارڻ رڪاوٽ بنيل آهن. نه ته سائين صادق سومرو ضرور پنهنجي صداقت جا جوهر ڏيکاري سماج ۾ اهڙو سڌارو آڻي جو هي سماج هڪ مثالي معاشرو(آئيڊل سوسائٽي) بنجي وڃي.

دوستي جا دستور ته سائين مفتي صاحب نه رڳو زباني ٻڌائي ٿو. پر سندس عملي زندگي به انهن اصولن جي پابند رهي آهي. مجال آهي جو ڪڏهن انهن اصولن جي ڀڃڪڙي ٿئي. سندس شاندار ماضي جا روشن باب اڄ به ان جا گواهه آهن. سندس هم عصر دوست جيڪي شاگردي واري زماني ۾ جنهان سومرو، سجاول، ٽنڊو غلام علي، پيندو، رحيم يار خان، راولپنڊي، حيدرآباد، ڪراچي ۾ ساڻس هم ڪلاسي رهيا سي عيني شاهد آهن ته ڪنهن به شاگرد سان ڪنهن به شاگرد طرفان ڪا به ناجائزي ٿي ته سائين صادق سومرو پنهنجي پريشر گروپ سان انهي شاگرد جي مدد ۽ پلاند ونڻ لاءِ جاءِ واردات تي ائين پهچي ويندو هو جيئن فائربرگيڊ فوري پهچي پنهنجو فرض نڀائي ٿي. جڏهن خيرن جو علم جي تحصيل کان فارغ ٿي استاد جي منصب ۽ مسند تي ويهي شاگردن کي درس و تدريس علمي فيض ڏيڻ جا فرائض سنڀاليائين ته نه رڳو شاگردن کي لڪير جو فقير بنائي ڪتاب جا چار باب پڙهايائين. پر انهن ۾ علمي جوت جلائڻ سان اهڙي همت ۽ حوصلو پيدا ڪيائين جو اهي شاگرد بلند حوصله جا مالڪ ٿي سماج ۾ ٿيندڙ هر اهنج ۽ انياءَ جو مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ لڳا.

ذاتي طرح سان مفتي صاحب قوت حافظ ۾ ڪمال جو صاحب آهي. سندس روشن ذهن ۽ ضمير جون يادگيريون چٽيون، صاف ۽ واضح آهن. جو اڄ بہ ٻالڪپڻ ڪان وٺي، شاگردي، درس و تدريس جي زمانہ تائين ۽ عملي زندگي جو هڪ هڪ واقعو تفصيل سان ياد اٿس. نہ تہ وڏي عمر ۾ گھٽڻ جا ذهن ذهول جو شڪار ٿي ويساري جي ور چڙهي وڃن ٿا.

آئون جڏهن بہ ساڻس ملندو آهيان تہ ڪچهري ۾ اهڙا اهڙا واقعا ٻڌائي ٿو جن ڪي سالن جا سال گذري ويا پر هتي مفتي صاحب جي دل تي نقش برسنگ ذرو پرزو محفوظ.

سندس ڪيترن ئي معرڪة الآرا فتوائن جي طفيل حقدارن کي سندن حق مليا، ۽ جيڪي زمانہ جي ظلم زورين جو شڪار ٿيا هئا تن سان هن سماج جي زور آورن ڪي مجبور ٿي انصاف وارو برتاءُ ڪرڻو پيو.

مفتي صاحب کي قدرت واري فيصلي جي قوت بہ اهڙي عطا ڪئي آهي جو تمام ڏکيا مسئلا، منجهيل معاملا، جهيڙا جهٽا، پوءِ اهي سڱابندي جا تڪرار هجن يا زوري قبضن جا، زرعي زمينن جا هجن يا پلاٽن دڪانن جا يا پائيواري، ڏنڌي ۽ وٽج واپار جا هجن، سي پنهنجي خدا داد صلاحيت سان مکڻ مان وار ڪڍڻ وانگر اهڙا تہ فيصلا ڪيائين جو متنازعہ سيئي ڌريون هميشہ لاءِ نہ رڳو کير کنڊ ٿي ويون پر انهن ۾ سچي محبت، اخلاص، پائپي پيدا ٿي وئي. مفتي صاحب ڪشاده ظرف، حليم الطبع، سخاوت ۽ سنجيدگي، ذي فهم ۽ زيرڪ، دوراندیشي ۽ دانائي، وڏي علم ۽ عقل جو مالڪ آهي. ڪيس تفسير، حديث توڙي فقهہ ۾وڏو ادراڪ حاصل آهي. جواني جي ابتدا کان وٺي سندس پسنديده مشغلو ديني علوم جي درس و تدريس رهيو آهي. پاڻ سنڌ جي ڪامياب مُدرّسن ۽ ناميارن عالمن مان آهن. درس قرآن دوران سندس علمي نقطا ٻڌڻ وٽان آهن. سندس شائستہ ۽ شستہ گفتگو ۾ وڏي ڪشش رکيل آهي. جو ٻڌندڙ پيا چاهيندا تہ پاڻ پيو ڳالهائي ۽ اسان پيا ٻڌون.

تقرير جو فن بہ ڪيس قدرت جي عطا آهي. سندس فڪر انگيز خطاب، سهڻي ۽ سريلي انداز ۾ سامعين کي موهي رکندو آهي. حق

ڳالهه سمجهائڻ ۽ حق مڃائڻ جو ڪيس وڏو ڏانءُ آهي. پاڻ علم نفسيات ۽ علم قيافه شناسي ۾ به مهارت رکن ٿا. هر ماڻهو ڪي هڪ پيرو ڏسڻ ۽ ملڻ سان پرکي وٺن ٿا. گهڻو ڪري سندس پرکڻ جو انداز ڪسوٽي تي پرکڻ مثل تير بهدف ثابت ٿئي ٿو. گفتگو جي اثرائتي ٿيڻ جو ڪارڻ هي به آهي جو هر ماڻهو سان ان جي عقل، فهم ۽ نفسيات مطابق سندن مخاطب ٿيڻ آهي.سندس ڳالهه ۾ اجائي ڊيگهه نه پر جامع الفاظ هوندا آهن، جو ڪچهري ڪندڙ ورڇڻ بجاءِ همه تن گوش ٿي ٻڌڻ جي خواهش پيو ڪندو آهي. سندس مدلل گفتگو مخالف کي به مڃڻ تي مجبور ڪندي آهي. مٿس مولويت کان وڌيڪ فقيري رنگ چڙهيل آهي. جيتوڻيڪ سندس وضع قطع، اٿي ويٺي نام نهاد فقيرن واري ڪانهي. سفر توڙي حضر ۾ پنهنجي رفيقن لاءِ سندس ايثار جو جذبو متاثر ڪندڙ آهي. ڪنهن به دوست کي ڪنهن به مشڪل ۾ ٻڏي يا ڏسي روگرداني ڪرڻ ۽ منهن موڙڻ بجاءِ دل کولي همدردي ۽ حال پائي ٿيڻ ته سندس شيوو آهي. دوست پري هجي يا ويجهو، هن لاءِ فاصلا ڪوبه فرق نٿا رکن. فوراً پهچي دوست جو درمان ڪرڻ ته ڄڻ سندس فطرت ۾ پيل آهي.

حق ۽ سچ چوڻ کان ذرو به ڪين ڪيٻائي چونه سندس ويجهو عزيز پيارو پٽ يا گهاٽو دوست هجي. شايد انهي ڪري ڪيترا دوستي جو دم هڻڻ وارا ڪم عقل ۽ ڪم فهم ڪانئس پري به ٿي ويا، پر هن مرد مجاهد انهي ڳالهه جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. حق چوڻ تي هن کي گهڻو ڪجهه ڀوڳڻو به پيو پر هن همت جي پهاڙ انسان، سقراط وانگر زهر جو پيالو پيئڻ کي ترجيح ڏني ليڪن حق جو دامن نه ڇڏيو.

مفتي صاحب باغ و بهار شخصيت جو مالڪ هجڻ سان گڏ وڏي شعور ۽ وسيع ادراڪ جو مجسمو آهي. آئون سمجهان ٿو ته سندس شمار سنڌ جي وڏن فيلسوفن ۽ دانائن ۾ ٿئي ٿو. جيڪي تاريخ جا روشن باب آهن. سندس سوچ جو دائرو ملاڻڪي تنگ نظري کان مٿي آهي. انهيڪري سندس تعلق هر مڪتبه فڪر سان رهي ٿو. جن ۾ قومپرست، ڪامريڊ، سياستدان، سرڪاري عملدارن سميت، اديب، عالم، شاعر، سگهڙ، فقير منش صوفي، سماجي ورڪر، خلق جي حقيقي خدمت ڪرڻ

وارا، ڊاڪٽر، انجنيئر، پروفيسر وغيره آهن. انهيڪري سندس دوستن احبابن جو حلقو سنڌ جي هر وڏي شهر توڙي ڳوٺ ۾ تمام وسيع آهي. سرڪاري توڙي غير سرڪاري اداري ۾ سندس معتقد ۽ مريد موجود آهن. پرائمري کان وٺي يونيورسٽي ليول تائين هر علم دوست سندن مداح آهي. جيتوڻيڪ پاڻ شهرت جو قائل ڪونهي، پر خوبي ۽ خوشبوءِ ٻہ اهڙيون شيون آهن جن جي ڪابہ سرحد ڪونهي. چوڻ گلن جي سرهاڻ يا مشڪ عنبر جي هبڪار جڏهن هلڻ شروع ڪندي آهي تہ، هر واهڻ ۽ وستي، هر گلي، هر گام، شهر توڙي ڳوٺ ڪي واسي ڇڏيندي آهي.

سچ پچ تہ، اسان سنڌ وارا اهڙين تاريخ ساز شخصيتن جي گهڻ رخين خوبين تي ۽ انهن جي پاڪيزه زندگي جي شاندار ماضي تي بجا طور فخر ڪري سگهون ٿا ۽ وڏي واکي چئي سگهون ٿا تہ اجا سنڌ جي ڪک سائي آهي، جو اهڙا سپوت پٽ ڄڻي پئي!! جيڪي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا حقيقي هڏ ڏوکي آهن، جن کي نہ رڳو ديني درد آهي پر اهي پنهنجي قوم جي اصلاح لاءِ ڏينهن رات سرگردان رهي قوم جي صحيح رهنمائي ڪن ٿا.

اڄ ڪلهہ سنڌ ۾ قيادت جو فقدان (اڳواڻن جي اڻاٺ) سبب قوم جو ٻيڙو تباهي ڏي ڏوڪيندو پيو وڃي!!! جيڪي نام نهاد قائد آهن تن کي قوم جي تباهي جو ڪوبہ احساس ڪونهي. اهي فقط پنهنجا پيٽ پرڻ لاءِ سنڌ جو يا سنڌي قوم جو نعرو هڻي فريبڪاري جي فن سان مال ميڙڻ ۾ لڳا پيا آهن. شايد سامراج اهڙن اڳواڻن کي قوم، قوم جهڙن پرڪشش الفاظن جي قوالي ڳائڻ جي ۽ قوم جي دردن جو راڳ آلاپڻ واري ڪم تي لڳائي ڪنهن حقيقي قائد جي اچڻ ۽ قوم جي صحيح رهنمائي ڪرڻ لاءِ رستا روڪ ڪئي آهي. تڏهن تہ اهڙن قائدن هوندي بہ قوم ترقي بجاءِ تباهي ڏي پئي وڃي!! ڪاش! مفتي صاحب جهڙا جوان هر ڳوٺ، هر تعلقي، هر ضلعي ۾ هجن ها تہ اسان جي سنڌي قوم جو اهو حشر ڪونہ ٿئي ها جيڪو اڄ تي رهيو آهي ۽ اهو ڀيانڪ منظر ۽ هولناڪ حشر اکئين ڏسي رهيا آهيون. سنڌ جي 70 سيڪڙو آبادي بہ اصلي سنڌين جي آهي. پر پوءِ بہ پنهنجي ديس ۾ دربدر، پنهنجي ڌرتي تي ڌڪاريل، هر دور ۾ پٽ تي پيل، جهالت جي اونداهي ۾ هٿوراڙيون

هٽندڙ، سرڪار توڙي سماج جا ستايل اهي ئي سنڌي آهن. ان هوندي بہ ٻاجهاري ڌڻي جي ٻاجھہ ۾ اميدوار آهيون تہ ضرور هن کي هيٺن تي ڪهل ايندي ۽ هن قوم جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ اهڙا باصلاحيت ۽ باهمت مجاهد پيدا ٿيندا تہ جيئن سنڌ ۽ سنڌي قوم جو مستقبل روشن ٿئي.

اسان هن تعارفي مقالہ ۾ فقط نمونہ طور حوالہ ڏنا آهن. جيڪڏهن زندگي وفا ڪئي ۽ حالات موافق رهيا تہ انشاءَ الله مولانا مفتي محمد صادق سومرو صاحب مدظلہ العالي بابت ڪا تفصيلي تصنيف تحرير ڪبي تہ جيئن سنڌس سونهري ڪارناما، بي لوث علمي، ادبي، مذهبي ۽ سماجي خدمتون ڪتاب جي سونهن بنجي تاريخي طور يادگار هجڻ سان گڏ هر سنڌي لاءِ رهنمائي ٿئي. دل تہ چوي ٿي تہ پوءِ بہ سنڌس شاندار مذهبي ۽ سماجي خدمتون قلم جي قيد ۾ آڻي، ڪاغذ جي سوڙهي سيني ۾ سمائي نٿيون سگهجن.

هي جيڪي ڪجھہ لکيو اٿم سو سنڌس ڀلاري زندگي جو عڪس يا اولڙو آهي.

هينئر سنڌس عمر مبارڪ 60 بهارون ماڻي اڳتي روان دوان آهي. خلقڻهار ۾ اميد آهي تہ، ڪيس خضري عمر عطا فرمائي ۽ صحت و عافيت سان قائم دائم رکي. (آمين ثم آمين)

(حصو ٻيو)

# انجمن مشعل راهه

# مسڻوڙي

## هڪ تحريڪ هڪ ادارو

# تعارف انجمن مشعل راهہ مسڻ وڏي

حافظ صدام حسين شورو

مسڻ وڏي سنڌ جو اهو مردم خيز خطو رهيو آهي جنهن کي علم و ادب جو گلشن هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. هتي جي بزرگ شخصيتن، عارف بالله هستين کي سنڌ جي سمورن علمي حلقن ۾ چڱي پر ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. اهي شخصيتون حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رحمت الله عليہ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رحمت الله عليہ ئي آهن، جن جي ڪوشش سان هتي علم جي هڪ اهڙي لاٽ ٻري جنهن نہ صرف ولهار جي خطي کي روشن ڪري پنهنجي بي لوث ۽ عظيم خدمتن سبب هڪ اعليٰ مثال پيش ڪري ڏيکاريو. انهي لاٽ جو نالو "مدرسہ دارالهديٰ" آهي جنهن جو بنياد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رحمت الله عليہ فيبروري **1934**ع ۾ پنهنجي وفادار جماعت جي ڀرپور ساٿ سان وڌو. ان وقت حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رحمت الله عليہ زير تعليم هو. بعد ۾ **1941**ع ڌاري مولانا عبدالڪريم لغاري دارالعلوم ديوبند مان فارغ التحصيل ٿي پنهنجي ماسات مولانا محمد اسماعيل لغاري جي قائم ڪيل ديني مدرسي دارالهديٰ ۾ سندن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو ۽ پنهنجو تدريسي عمل شروع ڪيائين. اهڙيطرح ٻنهي بزرگن جي گڏيل ڪوشش سان مدرسہ دارالهديٰ روز بروز ترقي جي بلندين کي ڇهڻ لڳو.

سنڌ جي انهي مشهور علائقي مسڻ وڏي مان انجمن مشعل راهہ جو قيام **22** آگسٽ **2009**ع بروز ڇنڇر آچر جي رات بعد نماز عشاءَ عمل ۾ آيو. هن تحريڪ جو آغاز مسڻ وڏي جي نوجوانن پاران

نهايت ئي جوش ۽ جذبي تحت ٿيو. اجلاس ۾ مسڻ وڏي جي ڪيترن ئي نوجوانن پاران ڀرپور شرڪت ڪئي وئي. فهيم فدا شوري ڪي هن تحريڪ جو باني چيئرمين هئڻ جو اعزاز حاصل آهي جنهن جي سڏ ۾ سڏ ڏيئي مسڻ وڏي جي نوجوانن، انجمن جي باقي عهديدارن، ميمبرن ۽ هم خيال ساٿين ساڻس هن تحريڪ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو. مسڻ وڏي جي نوجوانن کي انجمن مشعل راهه جي صورت ۾ هڪ اهڙو پليٽ فارم مليو جنهن نه صرف مسڻ وڏي جي ستل نوجوانن کي جاڳائي وڌو پر سندن آواز پري پري تائين به پهچڻ لڳو. هن وقت انجمن مشعل راهه جي هي ٽين هلندڙ ڪابينا (مرڪزي جنرل باڊي) آهي جيڪا خوش اسلوبي سان انجمن جي منشور کي ڪٺي سمورن ميمبرن ۽ وفادار ساٿين سميت پنهنجي منزل ڏي رواں دوان آهي. اميد آهي ته هي قرب ڀريو قافلو پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ ضرور ڪاميابي ماڻيندو. شروع شروع ۾ انجمن مشعل راهه جي پليٽ فارم تان نوجوان ساٿين تائين علمي مواد عام ڪرڻ لاءِ مسڻ وڏي مان هڪ ڪتابي سلسلو "سلسليوار سونهن"شروع ڪيو ويو. جنهن جا ٽوٽل ٽي شمارا ڇپائي منظر عام تي به آندا ويا.

2009ع ۾ انجمن مشعل راهه کي قائم ٿيندي جنهن پهرين مرڪزي باڊي پنهنجي عهدن جو حلف کنيو انهي جا عهديدار هن ريت هئا.

| | |
|---|---|
| باني چيئرمين: | فهيم فدا شورو |
| جنرل سيڪريٽري: | محمد شوڪت لغاري |
| ڊپٽي سيڪريٽري: | سيف الله شورو |
| پروپيگندا سيڪريٽري: | ساگر وسيم شورو |
| پريس سيڪريٽري: | ساقي سجاد حسين لغاري |
| خزانچي: | ظهير احمد لغاري. |

انجمن مشعل راهه جي موجوده مرڪزي باڊي جا عهديدار هن ريت آهن.

| | |
|---|---|
| باني چيئرمين: | فهيم فدا شورو |
| وائيس چيئرمين: | ساگر وسيم شورو |
| ڪو چيئرمين: | حافظ زوهيب ڪنيار |

| | |
|---|---|
| سيڪريٽري جنرل: | سيف الله شورو |
| آفيس سيڪريٽري: | ڏٽي بخش ڪنڀار |
| اطلاعات سيڪريٽري: | عبدالغفار لغاري |
| پريس ترجمان: | بهادر ملڪ |
| خزانچي: | اياز علي ڪنڀار |
| ترجمان: | حافظ صدام شورو |

# ساٿ هلندو رهي لاٽ ٻرندي رهي
# (انجمن مشعل راهه جا ميمبر)

فهيم فدا شورو، محمد شوڪت الزمان لغاري، سيف الله شورو، حافظ زوهيب احمد ڪنڀار، ساقي سجاد حسين لغاري، ظهير احمد لغاري، انجنيئر ساگر وسيم الزمان شورو، حافظ غلام المرتضيٰ لغاري معلم القرآن مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي، قاري صبغت الله سومرو جنهاڻ سومرو ٽنڊو محمد خان، حافظ نعيم صدام شورو، حافظ ثناءُ الله ملڪ، حافظ بلاول لغاري، حافظ محمد وسيم لغاري، حافظ شهمير احمد مڱريو مسڻ ننڍي، حافظ محمد لائق مڱريو مسڻ ننڍي، ساجد علي لغاري مسڻ ننڍي، فهيم احمد مڱريو مسڻ ننڍي.، محمد دائود لغاري لانڍي شاخ، عرفان احمد عمراڻي، انيس احمد ملڪ، سيف الله ڪنڀار، عبدالعظيم لغاري، عبدالرزاق لغاري، مشتاق احمد لغاري، جميل احمد لغاري، محمد اياز ڪنڀار، محمد اشرف لغاري، ميانجي عبدالرزاق لغاري، رياض احمد ڪنڀار، شهباز احمد ڪنڀار، الطاف ڪنڀار، ڏٽي بخش ڪنڀار، عبداللطيف ڪنڀار، سجاد حسين ڪنڀار، عبيدالله ڪنڀار، عبدالرحيم”عبد“ لغاري، امتياز علي ولد مرحوم محمد يعقوب لغاري، اياز علي پلهه/پلهه موري، نظامت علي ملڪ، شفاقت علي ملڪ، اصغر علي ملڪ، سهيل احمد ملڪ، محمد حنيف ملڪ، چوڌري عبداللطيف ملڪ، ارشد علي ملڪ، علي محمد لغاري، امتياز احمد لغاري، جيوڻ لغاري، فياض احمد لغاري، عبدالغفار ولد غازيخان لغاري، فاروق رضا ولد ظهير الدين بابر لغاري، امتياز احمد ولد ظهير الدين بابر لغاري، محمد آصف ولد غازيخان لغاري، ضياءُ الله شورو، منصور احمد ڪنڀار، واجد علي ڪنڀار، پرويز ڪنڀار، نياز احمد لغاري، نظير احمد لغاري، رميش ڪمار سوٽهڙ، راجيش ڪمار سوٽهڙ، مڪيش ڪمار سوٽهڙ، سڪندر علي ڪنڀار، محمد اسلم ڪنڀار، زاهد علي ولد فقير

محمد ڪنيار، عبدالغفور ولد گل محمد ڪنيار، روشن علي لغاري، غلام مصطفيٰ لغاري، محمد پريل لغاري، غلام مرتضيٰ ولد پروفيسر محمد ڪامل لغاري، عبدالوحيد لغاري، اعجاز احمد لغاري، مير مرتضيٰ لغاري، هيبت خان لغاري، تيمور احمد لغاري، شهباز لغاري، آفتاب حسين لغاري، نثار احمد لغاري، الطاف حسين لغاري، اياز احمد لغاري، اصغر علي لغاري، عنايت علي لغاري، اعجاز علي ولد سڪندر علي لغاري، عبدالحميد لغاري، حاڪم علي لغاري، گل محمد لغاري، عاشق حسين لغاري، گل حسن لغاري، (ڏاڏو) غلام محمد لغاري ولد عبدالرحيم ”عبد“ لغاري، نويد احمد ڪنيار، شفقت حسين ڪنيار، امجد علي ولد مرحوم استاد خان محمد لغاري، فيصل ولد مرحوم استاد خان محمد لغاري، استاد محمد جمن لغاري، استاد مدد علي ولد سهراب خان لغاري، ايڊووڪيٽ علي احمد لغاري، غلام شبير لغاري، امداد علي ترڪ، استاد علي محمد ترڪ، عابد علي ترڪ، محمد عليم لغاري قاضي نور محمد لغاري، غلام مصطفيٰ لغاري قاضي نور محمد لغاري، عمران احمد ملڪ، مشتاق احمد ملڪ، عبدالباسط ملڪ، فهيم احمد لغاري، محمد قاسم ملاح، غلام حسين تبسم ملاح، انيس ولي محمد ملاح، رمضان علي ترڪ، اختر حسين شيخ، مدثر احمد شيخ، اقبال شيخ، مصور علي شيخ، عبدالخالق شيخ، محمد ابراهيم لغاري، اصغر علي لغاري (رازو)، زاهد علي لغاري (رازو)، عبدالرحمان ولد استاد غلام مصطفيٰ شورو، عرفان گل شورو، عمران خان شورو، حليم خان لغاري، نجم الدين لغاري، استاد محمد اسلم ولد حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري، اشفاق احمد جٽ، محمد اڪرم لغاري، محمد سليمان سميجو. غلام رسول ڪنيار، ارشد علي جروار ڳوٺ شادمان جروار، امجد علي جروار شادمان جروار، سجاد علي جروار شادمان جروار، گلزار احمد جروار بيگن جروار، فيض محمد لغاري، ذوالفقار علي لغاري، عبدالعزيز لغاري، ارشد علي ولد حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري، سيٺ لياقت علي ولد رئيس گل محمد لغاري. سيٺ شير محمد عرف شيرل لغاري، مظفر علي لغاري، محمد عثمان لغاري، ڊاڪٽر محمد انور مستوئي مستوئي ڪالوني ٽنڊو الهيار، استاد شڪيل احمد لغاري ڳوٺ رئيس

حاجي علڻ خان لغاري، راشد علي لغاري ڳوٺ رئيس حاجي علڻ خان لغاري، امير احمد پنهور ٽنڊو الهيار، غلام رضا رستماڻي بلوچ ٽنڊو الهيار، حافظ ارشاد احمد هاليپوٽو ڪامارو شريف، عبدالرحمان لغاري ڪامارو شريف، محمد علي هاليپوٽو ڪامارو شريف، ابوبڪر لغاري ڳوٺ محمد عثمان لغاري لڳ ڪامارو شريف، نجيب احمد لغاري، جواد احمد لغاري، گلزار احمد ولد محمد اسحاق لغاري، علاءُ الدين ڪنڀار، اسد الله ڪنڀار، نياز علي اوٺو، محمد اسحاق گبول.

## مستقبل جا منصوبا

انجمن مشعل راھ مسڻ وڏي جي مستقبل جي منصوبن ۾ "ٽي نُڪاتي پروگرام" ڪي شامل ڪيو ويو آهي. جنهن سلسلي ۾ (1) مسڻ وڏي جي پروارن ڳوٺن ۾ قرآن مجيد جي تعليم عام ڪرڻ، (2) مسڻ وڏي ۾ پبلڪ لائبريري قائم ڪرڻ ۽ (3) "الفلاح ٽرسٽ" قائم ڪرڻ شامل آهن.

## مسڻ وڏي جي پروارن ڳوٺن ۾ قرآن مجيد جي تعليم عام ڪرڻ

انجمن مشعل راھ مسڻ وڏي جي مستقبل جي هن پروگرام تحت مسڻ وڏي جي پروارن ڳوٺن ۾ جتي مسجدون ويران بڻيل آهن، اذانن جون صدائون ٻڌڻ لاءِ مومنن جون دليون بيتاب آهن. قرآن مجيد جي ناظره تعليم نالي ماتر رهجي وئي آهي، دين اسلام جي بنيادي احڪامن جي ڄاڻ جي ڪافي عرصي کان ڪوٽ محسوس ڪئي پئي وڃي. اهڙن هنڌن، وستين، ڳوٺن ۾ قرآن مجيد جي ناظره و حفظ جي تعليم شروع ڪرڻ جي هن پروگرام ڪي انجمن مشعل راھ جي مستقبل جي منصوبن ۾ اوليت حاصل آهي. انهي پروگرام تحت اهڙن ڳوٺن جي ويران مسجدن ڪي آباد ڪرڻ لاءِ انجمن مشعل راھ طرفان قرآن مجيد جا معلم ۽ مدرس (قاري ۽ حافظ) مقرر ڪيا ويندا. جيڪي في سبيل الله ڳوٺن جي ٻارن، اڻ پڙهيل بالغن ۽ وڏڙن ڪي قرآن مجيد جي تعليم ڏيڻ شروع ڪندا. ڳوناڻن ڪي انهن معلمن ۽ استادن ڪي

ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ پگهار، تنخواه يا مالي تعاون نہ ڪرڻو پوندو. البتہ انجمن مشعل راھ طرفان انهن معلمن ۽ استادن کي معياري پگهار جاري ڪيو ويندو تہ جيئن هو قرآن مجيد جي تعليم، حفظ و ناظره، امامت جا فرائض خوش اسلوبي سان سرانجام ڏيئي سگهن ۽ گذوگذ پنهنجو گذر بسر ڪري سگهن. ايڏو وڏو پروگرام مخير حضراتن جي مالي تعاون کان سواءِ شروع نٿو ڪري سگهجي. بيشڪ الله تعاليٰ اهڙن نيڪ ۽ خالص ديني پروگرامن کي شروع ڪري پايہ تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي نيڪ ٻانهن ۽ مخير حضراتن مان اهڙن اعليٰ ۽ عظيم انسانن جي دلين ۾ مالي تعاون جو جذبو پيدا ڪندو آهي جيڪي خدا پاڪ جا صابرين، شڪرگذار ۽ سخي مرد هوندا آهن.

## مسڻ وڏي ۾ پبلڪ لائبريري جو قيام

شروع شروع ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري جي دور ۾ مسڻ وڏي ۾ انهن ٻنهي بزرگن ڳوناڻن ۽ جماعت جي ڀرپور تعاون سان ”اشاعت العلوم لائبريري“ قائم ڪئي. جنهن مان تنهن وقت جي ڪافي ماڻهن، نوجوانن، سگهڙن، شاعرن ۽ اديبن تمام گهڻو فائدو حاصل ڪيو. انهي سلسلي ۾ مذڪوره اداري طرفان ڪيترن ئي موضوعن تي ڪتاب ۽ **1947**ع واري ورهاڱي کان اڳ جون اخبارون بہ ڪافي مقدار ۾ خريد ڪري پڙهندڙن لاءِ رکيون ويون. جيڪي هاڻي مدرسہ دارالهديٰ جي ڪتبخانہ جي زينت بڻيل آهن ۽ ان سان گذوگذ انهي لائبريري ۾ ادبي محفلون، مجلسون ۽ مشاعرا بہ ٿيندا رهيا جنهن ۾ مسڻ وڏي کان علاوه ٻين علائقن جا اديب، شاعر ۽ سگهڙ شريڪ ٿي محفل مچائيندا هئا. انهي سلسلي کي حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري جي خاص شاگرد، مدرسہ دارالهديٰ جي موجوده ناظم، جامع مسجد مسڻ وڏي جي خطيب مولانا محمد يامين شوري جماعت ۽ ڳوناڻن جي مڪمل تعاون ۽ سهڪار سان جاري رکيو پر وقت جي حالتن ۽ گردشن جي ڪري اهو سلسلو بند ٿي ويو. جيڪو ڪن مجبورين جي ڪري دوباره بحال بہ نہ ٿي سگهيو.

انجمن مشعل راهه انهي سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ مسڻ وڏي ۾ پبلڪ لائبريري جي قائم ڪرڻ جو پروگرام پنهنجي منصوبي ۾ شامل ڪيو آهي. انشاءَ الله انجمن مشعل راهه جي ميمبرن، مخير حضرات جي مالي تعاون ۽ سهڪار سان اهو ڏينهن پري نه آهي جنهن ڏينهن اسان مسڻ وڏي ۾ پبلڪ لائبريري قائم ڪري پنهنجي ڳوٺ واسين کي هڪ علم و ادب جو گهوارو بنائي سگهنداسين.

## مسڻ وڏي ۾ الفلاح ٽرسٽ جو قيام

انجمن مشعل راهه جي مستقبل جي منصوبن مان هڪ منصوبو هي به آهي ته مسڻ وڏي ۾ ”الفلاح“ جي نالي سان هڪ ٽرسٽ قائم ڪئي ويندي جنهن ذريعي مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي غريبن، مسڪينن، يتيمن، بيواهن، لاچارن کي ماهوار يا سالانه امداد، خيرات ۽ زڪوات ڏيئي سندن مالي مدد ڪئي ويندي.

# (حصو ٽيو)

# ماٺو مسڻ جا مور سپ

ماٺو مسڻ جا مور سپ
شانائتا شهزور سپ
سي گهٽگهڙئي تان گهور سپ
آهن املهه تون تور سپ

جو مسڻ جي آ موج ٻي

(مولانا محمد يامين شورو)

# مسڻ وڏي جو تاريخي پس منظر

مسڻ وڏي موجوده ضلع ٽنڊو الهيار جي تعلقہ جهنڊو مري جي اهم شهرن مان شمار ٿئي ٿو. هن جي قدامت بابت تاريخي حوالا ٻڌائين ٿا تہ، جڏهن **1783**ع ڌاري ٽالپرن ڪلهوڙن کي هالاڻي جي جنگ ۾ شڪست ڏيئي سنڌ فتح ڪئي هئي. انهي دور کي ويجهو يعني تہ ڪلهوڙن جي آخري دؤر يا ميرن جي شروعاتي دؤر ۾ مسڻ وڏي ڳوٺ جو بنياد پيو آهي. يعني تہ اڄ کان اڍائي يا ٽي سئو سال اڳ هي ڳوٺ قائم ٿيو. لغاري بلوچ هن ڳوٺ جي ”باني قوم“ آهي. چوتہ، اهي ئي سڀ کان پهرين هي ڳوٺ اڏي اچي آباد ٿيا هئا. ان وقت هي ڳوٺ رستم خان لغاري جي نالي سان سڏبو هو. پر پوءِ جڏهن انگريزن **1901**ع ڌاري سنڌ جي ڳوٺن، ديهن جي سروي ڪري انهن تي مقامي نالا رکي نقشا تيار پئي ڪيا تہ هن ڳوٺ تي مسڻ وڏي نالو رکيو ويو. جنهن جو سبب هي آهي تہ ٽنڊي الهيار جي هڪ تپي ايڊيشنل بلغاءَ جي ديهہ ڪامارو جي سروي نمبر **135** ۾ هڪ قديم قبر ”مسڻ فقير“ جي نالي سان موجود آهي. جيڪا پير اشرف شاهہ عليہ الرحمة ڪاماري واري (**1799**ع ـ **1860**ع) کان بہ اڳ جي آهي.

انگريزن جي دؤر ۾ ساڳري جي پراڻن ڦاٽن مان هڪ ڦاٽ يا شاخ (ڍورو) وهندو هو. جنهن کي هڪ بن هنڌان ڪوٽي زمين جي سيرابي لاءِ موزون بنايو ويو تہ ان ڍوري يا ڪڙئي جو نالو ”مسڻ فقير“ جي نالي پويان ”ڪڙيو مسڻ“ رکيو ويو. جيئن تہ ان ڪڙئي جي ڪپ سان بہ بستيون آباد هيون هڪ ننڍي بستي ۽ ٻي وڏي بستي (جنهن جو شروعاتي نالو ڳوٺ رستم خان لغاري هو. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو.) مسڻ فقير جي نالي پويان وڏي بستي جو نالو مسڻ وڏي ۽ ننڍي بستي جو نالو مسڻ ننڍي پئجي ويو، جيڪي نالا اڄا تائين هلندا پيا اچن. مسڻ

وڏي جي ڀروارن ڳوٺن ۾ مسڻ نندي، مبارڪ جروار، بيگن جروار، منو جروار به هڪ اندازي مطابق مسڻ وڏي جا همعصر ۽ هم سن آهن جن ۾ قائم ٿيڻ جي لحاظ کان ڪو خاص فرق نه آهي.

مسڻ وڏي ڳوٺ جن مکيه چئن انقلابي دؤرن مان گذريو آهي، اهي هي آهن.

1) ٽالپر حڪومت جو زوال ۽ سنڌ تي انگريزن جو قبضو.
2) **1931**ع ۾ چرخي پوک جي پڄاڻي ۽ سکر بئراج جي واهن جو وهي اچڻ.
3) **1947**ع ۾ انگريزن جو زوال ۽ هندستان ۽ پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ. سنڌ جي پراڻي واٽيا قوم جي لڏپلاڻ ۽ پناهگيرن جي آمد.
4) **1958**ع ۾ سنڌ جي جاگيرن خاص ڪري مسڻ جاگير جو خاتمو.

پراڻي جاگرافي لحاظ کان مسڻ وڏي جو علائقو ولهار جي خطي ۾ اچي ٿو. موجوده ولهار ۾ ٽنڊو الهيار جا پنج ٽپا جهڙوڪ ٽپو بُلغاءُ ٽپو ڏالو، ٽپو پاڪ سنگهار، ٽپو سنجر چانگ، ٽپو چمبڙ اچي وڃن ٿا.

مسڻ وڏي کي مقامي آڳاٽن شاعرن مان سڀ کان پهرين پير اشرف شاهه ڪاماري واري (**1799**ع ـ **1860**ع) پنهنجي رسالي جي ”سر سارنگ“ ۾ دعا ڪندي ياد فرمايو آهي ته،

”مسڻ، پلهه پلٽيائين، شاهو چن سنيار،
ڪاراهي تي خير جا ڪي اوهيرا اپيار،
عاصي هن”اشرف“ ڏي، ڪي نبي لڳ نهار،
آڳا مجيج آر، ڪر ڪلام قبول مون.“

پير اشرف شاهه کان علاوه مسڻ کي ميين شاهه عنايت رضوي (متوفيٰ **1160** هجري / **1747**ع) پنهنجي رسالي جي سر سارنگ ۾ به دعا ڪئي آهي.

مسڻ وڏي جي قائم ٿيڻ وقت آسپاس قديم قومن ۾ ڏگا قوم سڀ کان قديم قوم آهي. اهڙيطرح ابو طالب جو دڙو، چٽو پاٽڻي عرف چٽو ولي جو پراڻو پڊ ۽ ڪجهه پريرو يٽيءَ جو قتل ڪوٽ عرف ڀوريءَ جو

ڏڌو آڳاٽا آهن. جڏهن تہ هتي جو مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ مسڻ وڏي جي بنياد پوڻ کان بہ اڳ جو آهي. (نوٽ عبدالله فقير جي باري ۾ معلومات هن ڪتابچي ۾ شامل آهي.)

مسڻ وڏي ۾ آثار قديمہ مان ڪابہ عمارت يا ڪا ٻيءَ تاريخي شئي نہ آهي جيڪا هن جي قدامت جو اهڃاڻ هجي. البت هڪ انجنيئري بنگلو ڳوٺ مسڻ وڏي لڳ ڏکڻ اولهہ طرف (موجوده گرلس پرائمري اسڪول مسڻ وڏي جي بلڪل پر ۾) موجود هو، جنهن تي **1918**ع جو سن تعمير لکيل هو. اهو بنگلو سکر بئراج کان بہ گهڻو اڳ ايريگيشن کاتي طرفان نهرايو ويو هو. هن وقت اهو بنگلو ختم ٿي ويو آهي. موجوده بنگلي جون سرون، ٽيئر، گارڊر بہ تين وال تي ويا. **1896**ع ڌاري حرن جي هلچل دوران انگريزن هتي مسڻ وڏي ۾ پوليس چوڪي بہ قائم ڪئي هئي جنهن ۾ حرن کي ٻاهران آٽي لوڙهي ۾ بند ڪيو ويو هو. ان وقت اها پوليس چوڪي موجوده گورنمينٽ مسلم مين سنڌي پرائمري اسڪول واري جاءِ ۾ هئي.

مسڻ وڏي مير ٻڍي خان ٽالپر کي انگريزن طرفان مليل جاگير ۾ واقع هئي، جتي ڪوبہ تعليمي ادارو، ڪابہ سماج سڌارڪ تنظيم ڪونہ هئي. بس هاري ناري، مالوند مارو پيٽ گذر ڪري پيا وقت گذر ڪندا هئا. پر برصغير جي ورهاڱي (پاڪستان ۽ هندستان ٺهڻ) کان تيرهن سال پهرين هن علائقي تي قدرت واري نظر ڪرم ڪري حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رحمت الله عليہ کي توفيق ۽ سعادت بخشي جو هن هڪ ديني مدرسہ دارالهديٰ جو **1934**ع ڌاري بنياد وڌو. جنهن هن علائقي جي ماڻهن ۾ ديني شعور سان گڏ انقلابي جذبو پيدا ڪيو جنهن ڪري هتي جو ماڻهو تعليم جهڙي زيور سان آراستہ ٿي پيو. منجهن علم شعور اچڻ ڪري زندگي جي طور طريقي ۾ ترقي آئي ۽ مذهبي، تجارتي، معاشي، اقتصادي، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان هن ڳوٺ ترقي ڪري هڪ شهر جو روپ اختيار ڪري ورتو آهي. جنهن ۾ هر قسم جا دڪان، بازارون ۽ زندگي جي جملہ ضروريات جو سامان مهيا آهي.

انهي ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ مسڻ وڏي ۾ جيڪا بہ ترقي، سڌارو ۽ واڌارو آيو آهي سو در حقيقت هتي قائم ٿيل تعليمي

ادارن ديني مدرسہ دارالھديٰ، پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول مان پڙهي نڪرندڙ باشعور نوجوان طبقي جي ڪري آهي. چوڻ ڪابہ قوم جيستائين جهالت جي انڌيرن ۾ هوندي تہ اها قوم ترقي نہ ڪري سگهندي. جهالت جي اهڙن انڌيرن مان نڪرڻ لاءِ تعليم ئي هڪ اهڙي روشني آهي جيڪا ماڻهن کي رهڻ ڪهڻ، اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ پيئڻ، ڪاروهنوار ڪان علاوه پنهنجي مالڪ کي سڃاڻڻ جي باري ۾ سڌي دڳ لڳائي ٿي. تعليمي ميدان ۾ اها عظيم خدمت حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ سندس ماسات حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي گڏيل محنتن، ڪوششن، جدوجهد ۽ بي لوث عوامي خدمت جي طفيل آهي. انهي تعليمي شعور سبب هتي جو هر باشندو آزاد، خود مختيار ۽ پنهنجي مرضي جو پاڻ مالڪ بنيل آهي. نہ تہ اڪثر طور ڳوٺن ۾ هر ماڻهو تر جي وڏيري، سرمائيدار، جاگيردار جي ظلم جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندو آهي. اهڙن ڳوٺن ۽ علائقن جو وڏيرو ۽ پوتار ”ڪاري ۽ اڇي“ جو مالڪ بڻيل هوندو آهي.

مسڻ وڏي جي پکيڙ جي حوالي سان عرض ڪندا هلون تہ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي وڏي ڀاءُ مرحوم حاجي محمد صالح لغاري زمين جي سروي ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. تنهن **1980**ع ڌاري مسڻ وڏي جي سروي ڪري شهر مسڻ وڏي جي ايراضي **48** ايڪڙ ٻڌائي. جيڪڏهن اڄڪلهہ مسڻ وڏي جي چوڌاري رنگ روڊ هجي تہ اهو ڏيڍ ميل ڪن ٿيندو.

## حضرت عبداللّٰہ فقير عليہ الرحمة

عبداللّٰہ فقير جي آخري آرامگاهہ ولهار خطي جي پراڻي ڳوٺ مسڻ وڏي ۾ واقع آهي. مسڻ وڏي جو مقامي قبرستان بہ هن فقير جي نالي سان سڏجي ٿو. هي بزرگ ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ انهي بابت هتي جي ڪنهن بہ باشندي وٽ ڪابہ واضح ثابتي نہ آهي. مسڻ وڏي جي تاريخ تي مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي لکيل ڪتاب ”ٿڌا وڻ ولهار جا“ جي صفحي نمبر **235** تي مولانا لغاري صاحب لکي ٿو تہ:

”ڳوٺ مسڻ وڏي ڪان جنوبي جانب، ڪجهه مفاصلي تي، فقير عبدالله جي نالي سان مشهور مقام آهي. يارهين واٽر ڪان اولهه، اڳوڻي وقت جي هڪ قتل ڪسي جي شمالي ڪناري تي، وٽڪار جي وچ ۾ هڪ پڪي قبر سندس نالي مشهور آهي. نٿو چئي سگهجي ته انهي شهر خموشان جي مڪان جو مڪين فقير صاحب ڪير آهي؟ ڪٿي جو آهي؟ ڪڏهن کان اتي آسوده خواب آهي، سينه بسينه راوي توڙي مقامي تاريخون سندس نشاندهي ڪان صفا خاموش آهن.“ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جن ساڳئي ڪتاب جي ساڳئي صفحي تي عبدالله فقير بابت وڌيڪ لکن ٿا ته: ”ايترو ضرور پيو معلوم ٿئي ته مسڻ وڏي جي نئين پڊ ڪان علاوه ڪنهن قريبي قديم پڊ جو رهاڪو يا ڪنهن ٻئي ملڪ جو مسافر آهي. خاڪ گور چڪي ڪيس هتي آڻي، هتان ڪنيل خمير ۾ اچي جڳهه والاري اٿس.“

# مسڻ وڏي جا تعليمي ۽ فلاحي ادارا

## مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي

مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي جو بنياد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ 1934ع ۾ مدرسه مجدديه مان فقيهه العصر حضرت علامه محمد عثمان قرانيؒ وٽان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد 2 ذوالقعده سن 1352 هجري بمطابق 17 اپريل 1934ع تي رکيو ۽ في سبيل الله درس و تدريس سان گڏ مدرسه جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو. ان وقت عام ماڻهو سان گڏ مسڻ وڏي جي سخي مرد رئيس احمد خان لغاري ۽ رئيس وليداد خان جروار ڳوٺ منو جروار مدرسه دارالهديٰ جي تعمير ۾ خوب مدد ڪئي. مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ هن علائقي جي صورتحال جو جائزو وٺي جهالت خلاف جدوجهد ڪندي مدرسه جي درس و تدريس، تعمير و ترقي سان گڏ آسپاس جي ڳوٺن ۾ وڃي دين جي صحيح پرچار ۽ وعظ تبليغ شروع ڪئي. انهي وقت عوام جو سمورو رجحان مدرسن جي طرف هو. جنهن ڪري مدرسه دارالهديٰ جي قيام سان هن ماحول ۾ سنو علمي ڇهڇٽو پيدا ٿي ويو. 1941ع ڌاري مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي ماسات مولانا عبدالڪريم لغاريؒ دارالعلوم ديوبند انديا مان فارغ التحصيل ٿي مدرسه دارالهديٰ ۾ مدرس ۽ سندن ٻانهن ٻيلي ٿيا. انهن ٻنهي بزرگن جي گڏيل جدوجهد جي نتيجي ۾ مدرسي کي اجا به وڌيڪ ترقي ملي ۽ هن مدرسي جي هاڪ هنڌين ماڳين پهچي وئي جنهن ڪري نه رڳو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، پر بلوچستان ۽ ايران مان به شاگرد اچي هن مدرسي ۾ علم حاصل ڪرڻ لڳا. ان وقت مدرسه ۾ مسافر شاگردن جو تعداد 70_80 کن هو، جن جي کاڌي پيتي، رهائش ۽ علاج معالجه جو سموري خرچ جو پورائو مولانا لغاريؒ جن جي مخلص

۽ وفادار جماعت جي تعاون ۽ ساٿ سان ٿي رهيو هو. انهي وقت مدرسہ دارالهديٰ جو باني و مهتمم مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ تہ صدر مدرس مولانا عبدالڪريم لغاريؒ هو.

مدرسہ دارالهديٰ ۾ جن استادن تدريسي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن تن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ (باني مدرسہ و مهتمم اول)، حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ (صدر مدرس و مهتمم ثاني)، مولانا ميان احمد مولهڻ وارو نوشهروفيروز، مولانا مفتي نثار احمد لغاري ٽنڊو محمد خان، قاري محمد موسيٰ شورو نئي بارڻ ڪوٽڙي، قاري حاجي عبدالله عمراڻي بڪيرا شريف، قاري جمال الدين لغاري ڳوٺ جادو لغاري لڳ ڪامارو شريف، قاري عبدالواحد پنهور ميرپور ساڪرو ٺٽو، ميانجي حاجي عبدالله ڪڇي ڪنيار ڪڇ ﻳﭻ هندستان، قاري محمد حسن شيخ مسڻ وڏي، حافظ ڪريم بخش رونجهو لس ٻيلو بلوچستان، حافظ نصير الدين مهر ميرپورخاص، مولانا خان محمد نوحاڻي ڪنگورو ميرواهہ گورچاڻي، مولوي محمد حسن لغاري مسڻ وڏي، مولوي مير محمد لغاري مسڻ وڏي ۽ حافظ عبدالحق لغاري ڳوٺ رئيس علڻ خان لغاري شامل آهن. جڏهن تہ موجوده استادن ۾ مولانا محمد يامين شورو، مولانا فياض محمد سريوال ڳوٺ غلام حيدر سريوال لڳ ڪامارو شريف، حافظ غلام مرتضيٰ لغاري ڳوٺ حاجي خان محمد لغاري لانڊي شاخ، حافظ نعيم الدين صدام شورو مسڻ وڏي، ميانجي عبدالرزاق لغاري مسڻ وڏي شامل آهن.

مدرسہ دارالهديٰ مان جيڪي شاگرد فارغ التحصيل ٿيا انهن ۾ مولوي عبدالصمد بلوچستان، مولوي عبدالغني بلوچستان، مولوي سعيد احمد بلوچستان، مولوي عبدالرحمان چٽو اڏيرو لال، مولوي عبدالڪريم سريوال گلاب لغاري، مولوي احمد علي لغاري گلاب لغاري، مولوي محمد عمر دائوداڻي ٽنڊو الهيار، مولوي عبدالرحمان شورو مسڻ وڏي، مولوي غلام قادر بروهي سلطان آباد، مولوي رفيق احمد عمراڻي تلهار، مولوي محمد حسن ساند ڳوٺ الهڏنو ساند، مولوي محمد يامين شورو مسڻ وڏي، مولوي محمد ابراهيم ڪنيار مسڻ وڏي، مولوي محمد حسن لغاري مسڻ وڏي، مولوي مير محمد لغاري مسڻ وڏي، مولوي مير محمد

خاصخيلي ڊينگاڻ پرڳڙي، مولوي خليل احمد لغاري ڳاڙهو صدر، حافظ نعيم الدين صدام شورو مسڻ وڏي، حافظ ڏٽي بخش لغاري لانديي شاخ، حافظ منصور لغاري مسڻ وڏي، حافظ يونس لغاري لانديي شاخ، حافظ (اول) بنت علي محمد جٺ مسڻ وڏي، حافظ (ثاني) بنت علي محمد جٺ مسڻ وڏي، حافظ بنت نصير احمد لغاري مسڻ وڏي.

مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ ناظره، حفظ ۽ عربي فارسي جا شعبا بخوبي الحمد لله ڪم ڪري رهيا آهن. هن وقت شعبه ناظره ۾ پڙهندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد **200** آهي. شعبه حفظ ۾ **2** ڇوڪرا ۽ هڪ ڇوڪري جڏهن ته شعبه عربي ۾ پنجين جماعت ۾ پڙهندڙ **3** شاگرد هر هڪ فهيم الدين ولد مولانا محمد يامين شورو، سيف الله ولد مرحوم مولانا عبدالرحمان شورو ۽ محمد شوڪت ولد نياز محمد لغاري زير تعليم آهن. اهڙيطرح ٽوٽل شاگردن جو تعداد **206** آهي.

## حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي منتخب ڪيل ڪاميٽي

مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ (باني مدرسه و مهتمم اول) جي وفات بعد مدرسه جي اهتمام جون ذميداريون مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ڏي منتقل ٿيون جيڪي پاڻ سهڻي نموني سرانجام ڏيندا رهيا. جڏهن پاڻ عمر رسيده ٿي ويا ته مدرسه جون انتظامي ذميداريون سنڀالڻ لاءِ بتاريخ **18** آڪٽوبر **1996**ع بمطابق **3** جمادي الاول **1417**هجري تي هڪ مشاورتي ڪاميٽي نامزد ڪيائون جنهن جي عهديدارن ۽ ميمبرن اڳتي هلي مدرسي جي انتظام هلائڻ لاءِ مجلس شوريٰ جو انتخاب ڪيو ۽ پوءِ وقت جي نزاڪت کي محسوس ڪندي مدرسو **2005**ع ڌاري رجسٽرڊ ڪرايو ويو جنهن مطابق ذميدار ۽ عهديدار هن ريت آهن.

مهتمم: ميان رياض احمد لغاري (فرزند مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ)

نائب مهتمم: استاد محمد عثمان ڪنڀار

ناظم: مولانا محمد يامين شورو

خزانچي اول: استاد خان محمد لغاري

خزانچي دوم: ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري

ايگزيڪيوٽو ميمبر:ظهير الدين بابر لغاري

ايگزيڪيوٽو ميمبر: عبداللطيف دائودپوٽو

الحمد لله هيستائين اها ئي انتظاميه مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جن جي ٻڌايل رهنما اصولن ۽ سندن طريقه ڪار جي روشني ۾ مدرسه ۽ مسجد جو انتظام سنڀالي ۽ هلائي رهي آهي. هن وقت فقط مقامي شاگرد قرآن شريف، عربي ۽ فارسي جي ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، فنڊ جي ڪمي سبب مسافر شاگردن جي قيام و طعام لاءِ في الحال ڪوبه انتظام ڪونه آهي. البته مسلمانن پاران مستقبل ۾ مالي تعاون ڪرڻ تي مسافر شاگردن لاءِ انتظام ڪيو ويندو. (انشاءَ الله)

## انجمن اشاعت العلوم مسڻ وڏي

جهالت جي خاتمي لاءِ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رحمت الله عليه ديني تعليم سان گڏ پنهنجي ماسات حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رحمت الله عليه جي ساٿ سان اسڪولي تعليم به شروع ڪئي. ان جي انتظام هلائڻ لاءِ سيپٽمبر **1953**ع ۾ انجمن اشاعت العلوم رجسٽرڊ ڪرائي وئي. جنهن جو سرپرست چيئرمين مولانا محمد اسماعيل لغاري ته مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جنرل سيڪريٽري ۽ حاجي موسيٰ خان لغاري خزاچي هئا. انجمن جا باقي ميمبر هي هئا.

1. رئيس محمد اسماعيل لغاري مسڻ وڏي
2. جناب پير محمد اسماعيل صادق قريشي ڪامارو شريف ٽنڊو الهيار
3. حڪيم محمد اسحاق لغاري
4. خان محمد ولد جمع خان لغاري
5. حاجي عبدالله لغاري مسڻ وڏي
6. فتح علي خان لغاري مسڻ وڏي
7. حڪيم عبدالرحمان لغاري مسڻ وڏي
8. حاجي محمد هاشم لغاري مسڻ وڏي

9. مولوي عبدالرحمان شورو مسڻ وڏي

مذڪوره انجمن **29** سالن تائين پرائمري اسڪول، **19** سالن تائين هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل تمام خوش اسلوبي سان هلائي. آخر **1972**ع ۾ گورنمينٽ جي تقاضا تي ٻئي اسڪول سرڪاري تحويل ۾ ورتا ويا تہ هاسٽل کي بہ بند ڪيو ويو. انهي بعد اها انجمن اشاعت العلوم ڪالعدم ٿي وئي.

اشاعت العلوم جي ناليِ سان ٻنهي بزرگن (حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ) هڪ لائبريري بہ قائم ڪئي. جنهن ۾ علمي، ادبي، اخلاقي، سياسي، سماجي ۽ مذهبي ڪتاب موجود آهن. ڪتاب اڪثر ڪري سنڌي، عربي، اردو، فارسي ۽ ڪجھ انگريزي ٻولين ۾ آهن. جڏهن تہ مذڪوره لائبريري ۾ هڪ الڳ شعبہ نوادرات بہ آهي جنهن ۾ پاڪستان کان اڳ شايع ٿيل ڪتاب، چند قلمي نسخا (مخطوطا) جنهن ۾ قرآن شريف جو قلمي نسخو بہ شامل آهي. علاوه ازين شعبہ نوادرات ۾ پاڪستان کان اڳ جون سنڌي ۽ اردو اخبارون جهڙوڪ الوحيد، ڪاروان، الحنيف، الفاروق، الجمعيت دهلي، مدينہ بجنور، زمزم لاهور، امروز لاهور، ڪوثر لاهور جا فائل، ڪافي تعداد ۾ ماهوار رسالا ۽ هفتيوار جريدا ۽ آسپاس جي پراڻن ڪنڊرن، دڙن مان هٿ آيل قديم سڪا، برتن وغيره بہ رکيل آهن. پر افسوس تہ انهن کي سينگاري سنواري رکڻ جي لاءِ گهربل شوڪيس ۽ فرنيچر وغيره جي دستياب نہ هئڻ ڪري اهي تاريخي نوادرات صندوقن جي زينت بڻيل آهن.

## انجمن مشعل راهہ مسڻ وڏي

انجمن مشعل راهہ جو قيام مسڻ وڏي ۾ **22** آگسٽ **2009**ع بروز ڇنڇر ٿيو. فهيم فدا شورو هن اداري جو باني چيئرمين آهي. هن اداري کي منظم ۽ بهتر نموني سان هلائڻ جي لاءِ مرڪزي باڊي جي ٻين عهديدارن ۾ وائيس چيئرمين ساگر وسيم الزمان شورو، سيڪريٽري جنرل سيف الله شورو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري حافظ زوهيب احمد ڪنيار ، آفيس سيڪريٽري ڏٽي بخش ڪنيار، اطلاعات سيڪريٽري

محمد عثمان لغاري، پريس ترجمان عبدالغفار ولد غازيخان لغاري، ترجمان انجمن حافظ نعيم صدام شورو، خزانچي اياز علي ڪنڀار ۽ چيف آرگنائيزر ساقي سجاد حسين لغاري شامل آهن. هن اداري طرفان وقت بوقت مختلف ادبي، اصلاحي ۽ مذهبي لٽريچر تي ڪتابي سلسلي جي صورت ۾ مواد بہ شايع ڪري نوجوانن توڙي مسڻ وڏي جي رهواسين تائين پهچايو ويندو آهي. انجمن مشعل راهہ جي موجوده هيڊ آفيس ”جنرل هيڊ ڪوارٽر“ (جي. ايچ. ڪيو) جي نالي سان شورا چيمبر ۾ موجود آهي. ان ڪان علاوه مسڻ وڏي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ”ريڊ زون“ جي نالي سان انجمن جون يونٽ آفيسون بہ قائم ٿيل آهن. فهيم فدا شوري طرفان مسڻ وڏي جي موجوده تاريخ جي حوالي سان ترتيب ڏنل هي ڪتاب بہ انجمن مشعل راهہ مسڻ وڏي طرفان ڇپرايو ويو آهي.

## جامع مسجد مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي

برصغير جي ورهاڱي (1947ع) ڪان تيرهن چوڏهن سال اڳ مسڻ وڏي ۾ ڪابہ ديني درسگاهہ ڪانہ هئي البتہ ڳوٺ جي قائم ٿيڻ وقت هڪ اوڏڪي مسجد تعمير ڪئي وئي هئي جيڪا اڄ ڪان هڪ ڏيڍ صدي اڳ ڳوٺ مسڻ وڏي جي رئيس حاجي نهال خان لغاري شهيد ڪرائي ڳوٺاڻن جي مدد ۽ تعاون سان پڪسري مسجد تعمير ڪرائي. جنهن جي ماپ 15x25 فٽ هئي. مٿان لوهہ ۽ ڪاشيءَ جون سرون هيس تہ ڇت اچي چن جي ڳچ سان بند ٿيل هئي. ديوارن تي چيروليءَ نيرو جو راڱو ٿيل هو. مسجد ڪي ورانڊو ڪونہ هو البتہ سوڙهو اڱڻ هئس. انهي مسجد ۾ مشهور ڪاتب قاضي نور محمد لغاري جو والد مرحوم حافظ دريا خان لغاري عرف حافظ دولهہ خان قرآن شريف جي تعليم سان گڏ امامت جا فرائض بجا آڻيندو هو.

موجوده جامع مسجد مسڻ وڏي ساڳي اصلي مسجد جي جڳهہ تي تعمير ٿيل آهي. البتہ پهرئين مسجد ڪان وڏيڪ ڪشادي ۽ هوادار آهي. موجوده جامع مسجد جو بنيادي پٿر 14 ذوالقعده 1393 هجري بمطابق 8 ڊسمبر 1973ع سومر ڏينهن رکيو ويو. جامع مسجد جي

تعميراتي ڪم جي پوري ٿيڻ جي تاريخ مسجد جي اولهہ اتر واري مينار جي بنياد ۾ فرش تي 21 جنوري 1975ع لکيل آهي. هن مسجد جي اندروني ماپ 18x36 فوٽ آهي. ڪيس پنج دروازا ۽ ڇهہ ڪشاديون هوادار دريون آهن. حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ پنهنجي ڇپايل ڪتاب "ٽڏا وڻ ولهار جا جلد پهريون" جي صفحي نمبر 66 تي جامع مسجد بابت لکن ٿا تہ "بروايت شيخ محمد حسن صاحب تہ بنياد جي کوٽائيءَ مان پهرئين دور جي اوڏڪي ڪچي پٽ جا وڏا پتر پيڙهہ مان نڪري رهيا هئا." حضرت مولانا لغاريؒ مذڪوره ڪتاب جي ساڳئي صفحي تي وڌيڪ لکن ٿا تہ "جديد مسجد جي تعمير جو ڪم محترم مولانا محمد اسماعيل صاحب جماعت جي اڳواڻ جي تحريڪ سان شروع ڪيو ويو هو." هن مسجد جي تعمير ڪرڻ ۾ جن صاحبن جاني ۽ مالي تعاون ڪيو انهن ۾ قاري شيخ محمد حسن صاحبؒ حڪيم صوبو خان لغاري، رئيس محمد صالح خان ولد احمد خان لغاري، سندس ڀاءُ رئيس حمزو خان ولد احمد خان لغاري، رئيس الحاج محمد موسيٰ خان لغاري لانڊي شاخ وارو شامل آهن. هن مسجد جو تعميراتي ڪم ٻن رازن غلام شبير ۽ مستري عبدالمجيد سنڌي پنجابي پورو ڪيو. تنهن دور ۾ هن مسجد تي منو لک خرچ آيو، سو بہ انهي وقت جڏهن اجوڪي ڀيٽ ۾ سستائي جو دؤر هو. انهي وقت هر هڪ رازي جي تاريخ 15 روپيا ۽ مزدور جي 6 روپيا ۽ سيمنٽ في ٻوري 8 روپيا هئي. حضرت مولانا عبدالڪيم لغاريؒ جامع مسجد مسڻ وڏي جي جديد تعمير کان متاثر ٿي 15 بندن تي هڪ سنڌي نظم لکيو جنهن جي هڪ قطعہ ۾ تعميرات جي سن بابت لکي ٿو تہ،

"سال ڇهہ گهٽ هئا منجهان چوڏهين صدي،
ٿي مڪمل مسڻ جي مسجد شريف." (يعني 1394 هجري)

الهديٰ پبليڪيشن مسڻ وڏي مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي جو هڪ ذيلي اشاعتي ادارو آهي جيڪو سن 2004ع ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي مشوري سان قائم ڪيو ويو.

هن اداري طرفان هن وقت تائين ”حالات زندگي حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ “ ليکڪ: مولانا محمد يامين شورو، قصيده برده شريف جو سنڌي ترجمو ۽ شرح، سنڌي ترجمو: حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ۽ سنڌي شرح از مولانا محمد يامين شورو ڇپرائي منظر عام تي آندا ويا آهن، جن مان اهل علم و ادب دوست مستفيض ٿي رهيا آهن. ان کان علاوه حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي مشهور تصنيف ”سڪ جو سفر“ جي ٻئي ڪاپي تيار ڪرائي وئي آهي جيڪا عنقريب ڇپائي منظر عام تي آندي ويندي.

هن اداري جي ڪوشش سان مدرسه دارالهديٰ جي باني ۽ مهتمم اول حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ صدر مدرس ۽ مهتمم ثاني حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي تصنيفن ڇپائڻ سان گڏ عام مسلمانن جي ديني رهنمائي لاءِ خالص اسلامي لٽريچر شايع ڪيو ويندو. علاوه ازين هن اداري جي پروگرام ۾ مقامي عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ دانشورن جي قلمي ڪاوشن کي سهيڙي سموهي شايع ڪرڻ جو پروگرام به شامل آهي. اميد ته مقامي اهل علم ۽ ادب دوست رابطي ۾ ايندا ته جيئن سندن تعاون سان علمي ۽ ادبي شهپارا ڇپائي محفوظ ڪري سگهجن.

## مدرسه فاروق اعظم مسڻ وڏي

مدرسه فاروق اعظم مسڻ وڏي ۽ مسڻ ننڍي جي وچ ۾ گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي لڳ واقع آهي. هي مدرسو مولانا محمد حسن ولد گل محمد (برهماڻي) لغاري 2001ع ڌاري قائم ڪيو. هن مدرسي قائم ڪرڻ کان پهرين مولانا محمد حسن لغاري مدرسه دارالهديٰ ۾ سن 1995ع کان وٺي 2000ع تائين شعبه عربي ۽ فارسي جو مدرس رهيو. مدرسه دارالهديٰ مان ڇڏي وڃڻ بعد پاڻ هي مدرسو

قائم ڪيائين. هي مدرسو چئن ڪمرن، برامده ۽ هڪ بورچي خانہ تي مشتمل آهي. هن مدرسي جي استاد ۽ طلباءِ لاءِ مدرسہ جي پر ۾ مسجد بہ تعمير ڪئي وئي آهي. ياد رهي تہ هي مدرسو مسڻ نندي جي زميندار محمد اشرف ميئو جي زمين ۾ واقع آهي. هن وقت هن مدرسي ۾ قرآن مجيد ۽ فارسي جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

## مسجد بلال لوهار پاڙو مسڻ وڏي

مسجد بلال مسڻ وڏي شهر جي اولهہ ڏکڻ طرف لوهارن جي پاڙي ۾ تعمير ٿيل آهي. مسجد بلال لوهارن جي نيڪ ۽ چڱي مڙس علي محمد لوهار پنهنجي پاڙي لاءِ نهرائي هئي. هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ٻاهريان ماڻهو ڪونہ ٿا اچن ۽ نہ ئي منجهس باقاعدگي سان پنجوقت باجماعت نماز ٿيندي آهي. ويجهڙائي ۾ هن مسجد جو متولي محترم محمد عثمان لوهار وفات ڪري ويو آهي.

## محمدي مسجد مسڻ وڏي

هن مسجد جو بنياد سن **1371** هجري بمطابق **1952**ع ۾ ٿيو. انهي مسجد جي قائم ٿيڻ کان پهرين مسڻ وڏي شهر جا سمورا مسلمان بنا ڪنهن ذات پات، رنگ نسل جي جامع مسجد مسڻ وڏي ۾ جمعہ، عيدون ۽ پنجوقتي نمازون گڏجي پڙهندا هئا. مولانا عبدالڪريم لغاريؒ هن مسجد بابت پنهنجي ڪتاب ”ٿڌا وڻ ولهار جا جلد پهريون“ ۾ لکن ٿا تہ ”اها جديد مسجد هندن جي متروڪ ملڪيت هڪ هندو ٻائي مستيرام نالي لوهاڻي جي خيراتي کوهہ واري ايراضي ۾ واقع آهي.“ هن مسجد کي منظم نموني هلائڻ لاءِ باقاعده هڪ مسجد ڪاميٽي آهي جنهن جا سرپرست عبدالغفور ملڪ (ٽيلر) ۽ سيٺ علي محمد ملڪ آهن. هن وقت مسجد کي نئين سر جديد طرز تي ٽائلس وغيره لڳرائي تعمير ڪيو ويو آهي ۽ گڏوگڏ پر ۾ بہ ماڙ شاندار قرآن ڪلاس بہ زير تعمير آهي.

## گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مسڻ وڏي

مسڻ وڏي ۾ محترم ڊاڪٽر محمد حسين ولد صوبو خان لغاري جي ذاتي ڪوشش سان حڪومت سنڌ طرفان هڪ ڊگري ڪاليج به منظور ڪيو ويو آهي. مذڪوره ڪاليج جي سنگ بنياد جو پٿر سابق سينيئر وزير تعليم پير مظهر الحق بتاريخ 12 فيبروري 2012ع تي رکيو. هن ڪاليج جي عمارت جو تعميراتي عمل به شروع ٿي چڪو آهي. هن اداري جي بلڊنگ چٽو ولي پاٽي جي قبرستان جي پرسان، رورل هيلٿ سينٽر (سرڪاري اسپتال) مسڻ وڏي جي ويجهو سابق ايم پي اي محترم عبداللطيف مگريو جي ذاتي زمين ۾ زير تعمير آهي.

## گورنمينٽ نيشنلائزڊ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي

شروع شروع ۾ هي اسڪول انجمن اشاعت العلوم جي زير نگراني هلندو رهيو. هن اسڪول جا منتظم مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ هئا. هن اسڪول جي مسافر شاگردن جي لاءِ هاسٽل جو به انتظام ٿيل هو جتي شاگردن کي رهائش کان علاوه ضروريات زندگي جون سموريون سهوليتون ميسر هيون. هن اسڪول جي موجوده عمارت اداره انجمن اشاعت العلوم مسڻ وڏي جي خرچ سان تعمير ڪيل آهي. هن عمارت تي ان وقت ڏيڍ لک خرچ آيو. هي ادارو حڪومت سنڌ طرفان 1972ع ڌاري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ قومي تحويل ۾ ورتو ويو. گورنمينٽ جي حوالي ٿيڻ بعد هن اداري جو نالو”گورنمينٽ نيشنلائزڊ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي“ رکيو ويو. هن اداري جو پهريون هيڊماسٽر مسٽر مولچند هندو لوهاڻو وينل غلام نبي شاهه ضلع ٿرپارڪر هو، ٻيو نمبر هيڊماسٽر الحاج عبدالله ولد حاجي محمود دائوداڻي هو. حاجي عبدالله دائوداڻي جي دور ۾ هن اداري تمام گهڻي ترقي ڪئي. ان وقت ٽنڊي الهيار ۾ هن اداري ۽ گورنمينٽ نيشنلائزڊ سنڌ ماڊل اسڪول اسٽيشن روڊ ٽنڊو الهيار کان سواءِ ٻيو ڪو به سرڪاري تعليمي ادارو نہ هو. حاجي عبداللہ کان پوءِ ڪيترائي هيڊماسٽر ٿيا. پوءِ جي ٿيندڙ هيڊماسٽرن ۾ محترم استاد الهڏنو لغاري

ڳوٺ قاضي نور محمد لغاري جي دور ۾ نہ صرف هن اداري جي تعليم جي هنڌين ماڳهين هاڪ هئي پر استاد الهڏني لغاري جي ذاتي دلچسپين جي ڪري هن اداري تعليمي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو. هن وقت هن اداري جو انچارج مسٽر الاهي بخش لغاري مسڻ وڏي آهي.

## گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول مسڻ وڏي

هي ادارو مسڻ وڏي جي نياڻين جي تعليم لاءِ خاص آهي. هن اداري جو بنياد **11** نومبر **1991**ع ڌاري پيو. هن اداري کي ترقي وٺرائڻ ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ۽ حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري جون ڪوششون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن. شروع شروع ۾ هن اداري کي مدل سطح تائين هلايو ويو پر بعد ۾ **17** اپريل **1995**ع ڌاري هن اداري کي اپ گريڊ ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏنو ويو. نياڻين جي تعليم جو هي ادارو مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي زمين ۾ واقع آهي. نياڻين کي تعليم ڏيڻ جي حوالي سان هن اداري جو تعليمي معيار هر دور ۾ بهتر رهيو آهي. مختلف وقتن تي هن اداري جون ڪيتريون ئي هيڊمسٽريس مقرر ٿيون. هن وقت مذڪوره اداري جي هيڊمسٽريس محترمہ صاحبزادي عرف باجي صابي بنت حڪيم نبي بخش خان لغاري بلوچ آهي جيڪا **30** اپريل **1995**ع کان وٺي تعليمي خدمتون ادا ڪرڻ سان گڏ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول مسڻ وڏي جو انتظام وغيره بهتر ۽ منظم نموني سان هلائي رهي آهي.

## گورنمينٽ مسلم مين سنڌي پرائمري اسڪول

هي ادارو شروع شروع ۾ مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي جي زير سرپرستي پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ بتاريخ پهرين جنوري **1944**ع ۾ ”ملا مڪتب“ جي نالي سان قائم ٿيو. بعد ۾ انجمن اشاعت العلوم جي زير نگراني رهيو ۽ پوءِ هن ملا مڪتب جو نالو مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي رکيو ويو. هن اداري جو پهريون نائب هيڊماستر

مرحوم علي محمد عباسي مسو پرڳڙي وارو مقرر ٿيو هو. **28** سالن تائين انهي اداري کي پرائيويٽ طور هلايو ويو. بعد ۾ **23** فيبروري **1972**ع ۾ انهي وقت جي حڪومت جي نئين پاليسي موجب گورنمينٽ جي تحويل ۾ ڏنو ويو. ان وقت هن اداري جو هيڊ معلم حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ هو. اهو پرائمري اسڪول اڄ بہ ساڳئي جاءِ تي ”گورنمينٽ نيشنلائزڊ مسلم مين سنڌي پرائمري اسڪول مسڻ وڏي“ جي نالي سان موجود آهي. وچ ۾ تعليم ڪاتي ۾ پيغمبري پيشي سان وابستہ نا اهل ۽ نام نهاد ماڻهن جي اچڻ جي ڪري هي علم و ادب جو گلشن بلڪل ويراني جي ور چڙهي ويو. پر بعد ۾ مسڻ وڏي جي شهرين جي ڪيل ڪوشش جي نتيجي ۾ هي ادارو نئين سر تعليمي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

# گورنمينٽ مولوي عبدالڪريم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي

هي ادارو **15** آگسٽ **1978**ع ۾ قائم ٿيو. شروع شروع ۾ هي ادارو مقامي انجمن اشاعت العلوم مسڻ وڏي هلايو، جنهن سلسلي ۾ هن اداري جي ڪاروبار جي جوابداري ڪجهہ وقت تائين ان وقت جي انجمن اشاعت العلوم جي جنرل سيڪريٽري حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري جي حوالي ٿيل هئي. هن اداري جو پهريون هيڊ ماستر مرحوم استاد خان محمد ولد محمد علي لغاري رهيو. هن وقت هي ادارو گورنمينٽ جي تحويل ۾ هلي رهيو آهي. مسڻ وڏي ۾ ابتدائي تعليم جي حوالي سان هن اداري جو تعليمي معيار پهرئين نمبر تي آهي. هن وقت گورنمينٽ مولوي عبدالڪريم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي جو هيڊماستر حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري جو فرزند جناب محمد اسلم لغاري آهي. جنهن جي ذاتي دلچسپي جي ڪري هن اداري جي تعليم جي هنڌين ماڳهين هاڪ آهي.

## گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي

هي ادارو **21** فيبروري **1967**ع ۾ قائم ٿيو. هن اداري جو پهريون هيڊماستر عبدالعزيز پرهياڙ هو. هن وقت هي ادارو به پنهنجي تعليمي معيار جي ڪري تمام گهڻو مشهور آهي. منجهس گهڻو ڪري مهاجرن جا ٻار ڪافي مقدار ۾ زير تعليم آهن. هن اداري جو موجوده هيڊماستر محترم عبدالرشيد ملڪ آهي.

## گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مسڻ وڏي

گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول جو قيام **15** اپريل **1980**ع ۾ ٿيو. شروع ۾ هن اداري کي گورنمينٽ جي طرفان به پڪا ڪمرا دالان سميت نهي راس ٿي مليا. هن اداري ۾ مسڻ وڏي جي سمورن نياڻين تعليم پرائي پنهنجو مستقبل سنواريو آهي. هن اداري ۾ مسڻ وڏي جي نياڻين کي بهتر نموني سان تعليم ڏني وڃي ٿي. پرائمري تعليم جي ميدان ۾ هن اداري خوب مجرايو آهي.

## پريس ڪلب مسڻ وڏي

پريس ڪلب مسڻ وڏي جو قيام **6** آگسٽ **1999**ع تي ٿيو. پريس ڪلب قائم ٿيندي ئي جنهن پهرين انتظاميه (جنرل باڊي) جو وجود عمل ۾ آيو ان ۾ سرپرست اعليٰ مرحوم حاجي عبدالمجيد لغاري چونڊيو ويو جيڪو ان وقت روزاني آفتاب حيدرآباد اخبار ۾ صحافت جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو هو. جڏهن ته صدر حاجي محمد اشرف لغاري (روزاني عبرت حيدرآباد) نائب صدر محمد رمضان ترڪ (روزاني سنڌو حيدرآباد)، جونيئر نائب صدر مرحوم عبدالخالق لغاري (روزاني سنڌ حيدرآباد)، جنرل سيڪريٽري محمد قاسم ملاح (روزاني تعمير سنڌ حيدرآباد)، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري خليق الزمان مگريو، اطلاعات سيڪريٽري ارشاد احمد ملڪ (سچ اخبار)، خزانچي شاهنواز ”شاد“ لغاري (روزاني هلچل حيدرآباد)، آفيس سيڪريٽري سوڀراج مينگهواڙ (الڪ

اخبار) چوندبيا ويا. ان وقت پريس ڪلب مسڻ وڏي جا جيڪي ميمبر هئا انهن ۾ نثار احمد ملڪ، معشوق علي مگريو، فاروق احمد لغاري، ممتاز علي مگريو، عبدالستار خاصخيلي، اختر حسين شيخ شامل آهن. ان وقت پريس ڪلب مسڻ وڏي جي آفيس موجوده الطاف ميدبيڪل سينٽر شاهي بازار مسڻ وڏي وٽ هڪ ڪمري ۾ هئي. جنهن ۾ چار ڪرسين، هڪ ٽيبل ۽ هڪ الماري جو فرنيچر موجود هو. پريس ڪلب جي موجوده انتظاميہ ۾ صدر حاجي محمد اشرف لغاري، نائب صدر محمد رمضان ترڪ، جنرل سيڪريٽري محمد قاسم ملاح، جوائنٽ سيڪريٽري نور احمد ٽيبو، اطلاعات سيڪريٽري محمد اشرف مگريو، خزانچي عبدالرشيد عباسي ۽ آفيس سيڪريٽري مرتضيٰ ترڪ شامل آهن.

# مسڻ جا محسن

## حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رح

سنڌ جو برک عالم دين، بي باڪ بهادر، حق گو مجاهد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ حاجي خان محمد لغاري جي گهر ۾ 1908ع ڌاري پيدا ٿيو.سندس جنم ڀومي ٽنڊو الهيار جي هڪ ڳوٺ جرار ٽيبو لڳ ڳوٺ ”سونهري ڪسي“ آهي. سندس تعليمي زندگي جي شروعات 1915ع ۾ حافظ محمد تقي هاليپوٽيؒ وٽ پڙهڻ کان ٿي. جيڪا 1934ع ۾ شادي پلي لڳ ڳوٺ عمر ينيري ۾ فقيهہ العصر حضرت مولانا مفتي محمد عثمان قرانيؒ ينيري وٽ دستاربندي سان مڪمل ٿي. ساڳئي فراغت واري سال 1934ع ۾ سندس اباڻي ڳوٺ کي ويجهو مشهور بستي مسڻ وڏي جي رهاڪن جي تقاضا تي دارالهديٰ نالي ديني مدرسي جو بتاريخ 2 ذوالقعده 1352 هجري بمطابق 17 فيبروري 1934ع بروز ڇنڇر تي بنياد وڌائين. مدرسي کي هلندي ستون سال هو تہ سندس ماسات مولانا عبدالڪريم لغاريؒ بہ دارالعلوم ديوبند مان پڙهي سَنَد وٺي آيو تہ اهو بہ ساڻس ديني مدرسي جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ٻنهي بزرگن جي علمي هاڪ سبب مدرسي جي شهرت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي. ايتريقدر جو پري پري کان مسافر شاگرد جهڙوڪ ايران، بلوچستان، لس ٻيلو، لاڙ، ٿر ۽ آسپاس جا ڪيترائي شاگرد هن علم جي چشمي مان سيراب ٿيڻ لڳا.

جنهن ڳوٺ مسڻ وڏي ۾ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ديني مدرسو قائم ڪيو هو. سو مير ٻڍي خان جي جاگير ۾ واقع هو. جيئن تہ جاگيرداري جي پاڇي ۾ پلجندڙ ۽ زميندارن جي زير سايہ رهندڙ عوام کي عموماً جاهل، بيحس ۽ غلام بڻايو وڃي ٿو. انهيڪري مولانا محمد

اسماعيل لغاريؒ انهي علائقي جي غلام قوم کي آزادي جو شعور ڏنو. ڳوٺن راڄن ۾ تقريرون ڪري ماڻهن کي آزاد زندگي ۽ هڪ پڪي مسلمان ۽ موحد واري زندگي جا طور طريقا سمجهايا. پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جي همت ۽ حوصلو ڏنو. خاص ڪري هاري طبقو پوئتي پيل هو. تنهن جي حقن لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪئي. اڳتي هلي پاڻ حيدربخش جتوئي ۽ ان جي ٻين ساٿين سان گڏجي هاري تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن رهيا. نتيجي ۾ علائقي جا جاگيردار ۽ زميندار مولانا محمد اسماعيلؒ ۽ سندس همخيال ساٿين جا دشمن ٿي پيا ۽ طرحين طرحين ڪيسن، ڦڏن ۾ ڪيس ڦاسائي پريشان ڪرڻ لڳا. پر هي عزم و همت جو پهاڙ ٻنجي پنهنجي ساٿين سميت انهن ظالمن سان مقابلو ڪندو رهيو. ڪيس حق ۽ سچ جي راهه تان هٽائڻ لاءِ ظالم زميندارن ۽ انهن جي ڇاڙتن پاران سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مٿس 82 ڪيس ڪيا ويا. پر انهن سڀني ڪيسن مان سندن باعزت بري ٿيڻ سندس حق گوئي ۽ سچائي جي فتح جو وڏو ثبوت آهي. نيٺ انهن ظالم زميندارن کي شڪست کائڻي پئي. مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي عزت ۽ عظمت جو ستارو آسمان تي چمڪڻ لڳو. انهي سموري هلندڙ جدوجهد ۾ مولانا لغاري پنهنجي مدرسي جي تعليم و تدريس بہ جاري رکي تہ مسجد ۾ وعظ و نصيحت جو فرض بہ نڀائيندو رهيو. ديني مدرسو آب و تاب سان مولانا لغاريؒ جي اهتمام سان هلندو رهيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي. البتہ مولانا لغاريؒ جي وفات بعد هن وقت مدرسي جو مهتمم سندس فرزند ميان رياض احمد لغاري تہ ناظم مولانا محمد يامين شورو آهي.

جهالت جي خاتمي لاءِ پاڻ ديني تعليم سان گڏ پنهنجي ماسات مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي ساٿ سان اسڪولي تعليم بہ شروع ڪيائين. ان جي انتظام هلائڻ لاءِ سيپٽمبر 1953ع ۾ انجمن اشاعت العلوم رجسٽرڊ ڪرائي وئي. جنهن جو پاڻ سرپرست چيئرمين تہ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جنرل سيڪريٽري ۽ حاجي موسيٰ خان لغاري خزاچي هئا. انجمن جا باقي ميمبر هي هئا.

1. رئيس حاجي محمد اسماعيل لغاري
2. جناب پير محمد اسماعيل صادق قريشي ڪامارو شريف ٽنڊو الهيار

3. حڪيم محمد اسحاق لغاري
4. خان محمد ولد جمع خان لغاري
5. حاجي عبدالله لغاري مسڻ وڏي
6. فتح علي خان لغاري مسڻ وڏي
7. حڪيم عبدالرحمان لغاري مسڻ وڏي
8. حاجي محمد هاشم لغاري مسڻ وڏي
9. مولوي عبدالرحمان شورو مسڻ وڏي

مذڪوره انجمن 29 سالن تائين پرائمري اسڪول، 19 سالن تائين هاءِ اسڪول ۽ هاسٽل تمام خوش اسلوبي سان هلائي. آخر 1972ع ۾ گورنمينٽ جي تقاضا تي ٻئي اسڪول سرڪاري تحويل ۾ ورتا ويا ته هاسٽل کي به بند ڪيو ويو. انهي بعد اها انجمن اشاعت العلوم ڪالعدم ٿي وئي.

مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ علم و عمل، تقويٰ ۽ فتويٰ جو صاحب هو. ڪيس فتويٰ ۾ ته اجتهاد جو ملڪو حاصل هو. سندس معرڪة الآراءَ فتوائون اڄ به مدرسي جي فتويٰ رجسٽر ۾ موجود آهن.

پاڪستان نهڻ کان اڳ آزادي جي تحريڪ ۾ جمعيت علماءِ هند جي پليٽ فارم تان ٿيندڙ جدوجهد ۾ حضرت مولانا محمد صادق ميمڻ کڏو ڪراچي ۽ حضرت مولانا عبدالحق ربانيؒ نصرپوري سان شريڪ رهيو. پاڻ جمعيت علماءِ هند جي صوبہ سنڌ جي مجلس عاملہ جو ميمبر رهيو. 1944ع ۾ پڪي قلعي حيدرآباد ۾ جمعيت علماءِ هند طرفان ملڪي سطح تي جيڪا سہ روزه اهم ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي تنهن جي انتظاميہ ڪاميٽي جا پاڻ ميمبر هئا. هند و پاڪ جي چوٽي جي ليڊرن جهڙوڪ مولانا امام الهند ابوالڪلام آزادؒ، مولانا عبيدالله سنڌيؒ، مولانا حسين احمد مدنيؒ، خان عبدالغفار خان، عبدالصمد اڇڪزئي سان سندس وقت بوقت ملاقاتون ۽ تبادلہ خيالات ٿيندا رهيا. علاوه ازين سنڌ جي رهنمائن جهڙوڪ مولانا محمد صادق ميمڻؒ کڏو ڪراچي، شيخ السند مولانا عبدالحق ربانيؒ نصرپوري، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، حفيظ قريشي وڪيل سان ته گهري دوستي هئي. مولانا لغاريؒ متحده هندستان ۾ جمعيت

علماءِ هند جي طرفان ٿيندڙ وڏن وڏن جلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ جيڪي ڪراچي، ممبئي، دهلي، ديوبند ۽ لاهور وغيره ۾ ٿينديون رهيون انهن ۾ به شريڪ ٿيندو رهيو. پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پاڪستاني سياست کان ڪناره ڪش رهيو. البته سنڌ ۽ سنڌي قوم سان ٿيندڙ ظلم، زيادتين ۽ ويساهه گهاتين جي تدارڪ لاءِ پنهنجي تقريرن ۾ اقتدار ڌڻين کي آگاهه ڪندو رهيو.

پاڻ بهترين شاعر به هو. سندس شاعري سنڌي ۽ فارسي ۾ آهي جيڪا دفتر جي صورت ۾ محفوظ آهي. ڪيس ٽي شاديون هيون جن مان ٽي نياڻيون ۽ ٽي فرزند هر هڪ مرحوم ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ، ظهير الدين بابر ۽ رياض احمد لغاري آهن.

آخر عمر ۾ پاڻ زندگي جون يادگيريون آتم ڪٿا جي صورت ۾ لکڻ شروع ڪيائين پر زندگي وفا نه ڪئي. اها آتم ڪٿا اڌوري رهجي وئي. البته جيڪي لکيو اٿن سو شاگردي واري زماني کان عالم و فاضل ٿيڻ جي عرصي تائين آهي. پر انهي حصي ۾ به ان وقت جون سياسي سماجي حالتون، ڳوٺن جو ثقافتي ۽ مذهبي پهلو، شهرن توڙي ٻهراڙين جا جائزا، مختلف مندن ۽ موسمن ۾ ٻهراڙي جا قدرتي نظارا ۽ ڪي اهم واقعا دلچسپ نموني لکيا اٿن. سندس وفات 81 سالن جي ڄمار ۾ 28 جون 1989ع ۾ بمطابق 23 ذوالقعده 1409هجري بروز اربع تي ٿي. ڪيس هزارين آلين اکين سان مسڻ وڏي جي ”عبدالله فقير“ قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندن تاريخ وفات واري ڪتبي تي سندن ماسات حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ فارسي جو هي شعر لکرايو.

اغنيا سازند گنبذ از طِلاؤ نقش و زر
بر مزار ما غريبان گنبذ گردون بس است

شاهوڪار سون چاندي سان چٽيل گنبذ ناهين ٿا. پر اسان غريبن جي قبر تي آسمان جو گنبذ ڪافي آهي.

# حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري رح

مولانا عبدالڪريم لغاري جو پورو نالو مولانا حاجي عبدالڪريم ولد حاجي علي محمد لغاري هو. پاڻ ڳوٺ الهه ڪاهي جي ڪسي، ديهه ڳاڙهو صدر ٽپو ڏالو تعلقو ٽنڊو الهيار حيدرآباد ۾ بتاريخ 25 ربيع الثاني 1333هه مطابق 12 مارچ 1915ع بروز خميس بوقت صبح صادق پيدا ٿيا.

**ابتدائي تعليم:** مولانا عبدالڪريم لغاري جي تعليم جي ابتدا مدرسه مولانا يعقوب پنهور (فاضل مدرسه قراني) وٽ 1340هه مطابق 1922ع ڌاري ٿي. پاڻ جن مدرسن ۾ تعليم ورتائين انهي ۾ هيٺيان مدرسا شامل آهن

1. مدرسه مولانا محمد يعقوب پنهور ڳوٺ پير بخش لغاري
2. مدرسه مولانا محمد نوح خاصخيلي (فاضل مدرسه قراني) ڳوٺ حاجي وريام خاصخيلي لڳ ميرواهه گورچاڻي
3. مدرسه مولانا حاجي ابراهيم خاصخيلي ڳوٺ حاجي مبين خاصخيلي لڳ ميرواهه گورچاڻي
4. مدرسه مولانا علي محمد درس (فاضل ديوبند) ڳوٺ ٺوها درس لڳ ماتلي.
5. مدرسه قراني مولانا محمد عثمان قراني ڳوٺ عمر پنيرو لڳ شادي پلي.
6. مدرسه مولانا محمد صالح ميمڻ نصرپوري ڳوٺ دولت لغاري تعلقه ميرپور خاص.
7. مدرسه مظهرالحق نصرپور (شيخ السند مولانا عبدالحق رباني نصر پور)
8. مدرسه دارالعلوم ديوبند سهانپور انديا

**فراغت ۽ دستاربندي:**

1359 هجري ڌاري غالبن 1941_1940ع دارالعلوم ديوبند ۾ علم جي تحصيل کان فراغت حاصل ڪري دستار بندي ڪيائين.

**درس وتدريس:**

مولانا عبدالڪريم جن پنهنجي ڇپايل ڪتاب "مرد قلندر" جي صفحي 21 تي لکن ٿا ته "دارالعلوم ديوبند مان فارغ ٿي واپس وطن اچڻ بعد پختو ارادو ڪيم ته، ديني تعليم تي نه پگهار وٺڻو آهي ۽ نه ئي مدرسي جي نالي ڪنهن مغرور، متڪبر وڏيري جي اڳيان سر جهڪائي بيک ڇڏائڻي آهي. جنهن کي اجوڪي اصطلاح ۾ "چندو" چوندا آهن اهي ٻئي معمول بحمدالله اڄ تائين پختگي سان هلندا اچن.

وڏيک ساڳئي ڪتاب ۾ لکن ٿا ته،

"منهنجي پهچڻ کان (ست سال) اڳ هتي (مسڻ وڏيءَ ۾) معزز مهربان، رفيق شفيق، عزيز محترم مولانا محمد اسماعيل لغاري هڪ ديني اداري مدرسه دارالهديٰ مسڻ جو بنياد 2 ذوالقعده 1352 هه مطابق 1934ع ۾ اڳي ئي رکي چڪا هئا"

ساڳئي احوال کي وڏيک تفصيل سان سندس آتم ڪٿا بنام "نقوش زندگي" صفحي 17 تي لکن ٿا ته ڏٽي تعاليٰ جي لطف و ڪرم جو بيک جان نه بصد جان ممنون و مشڪور آهيان جو دارالعلوم ديوبند کان فراغت بعد مهربان، معزز، مشفق عزيزي مولانا محمد اسماعيل لغاري صاحب جي رفاقت نصيب ٿي. جنهن جي اعليٰ ارادن عزم مصمم، خودداري، بلند خيالي، جفا ڪشي، جدوجهد جو بنده تي به ڪجهه نه ڪجهه اثر پيو.

"وگر نه من هُمان خاڪم ڪ هستم "

انهي نعمت عظمي لاءِ سر بسجود آهيان. رب پاڪ منهنجي رڳو مهربان نه، بلڪ مربي (تربيت ڪندڙ مولانا محمد اسماعيل لغاري) کي جنت ۾ جايون ڏئي. اسان پوين کي سندس نقش تي هلڻ جي توفيق عطا ڪري. آمين.

پهرين هي ته اسان ٻنهي رفيقن عهد ڪيو هو ته، پنهنجي ساري زندگي پنهنجي ڏتڙيل قوم جي خدمت ۾ صرف ڪرڻي آهي، ڪهڙيون به حالتون سر تي اچن بقول شاهه ته،

"ڇڏج نه پير پرينءَ جو توڙي لُڪون لڳن لڪ"

انهي غريب جماعت سان رهڻوآهي. ڏٽيءَ جي دهليز تي آخري پساهه ڏيڻو آهي. ٻيو ته پنهنجي لاءِ يا قومي ادارن لاءِ ڪنهن به سرمائيدار

جي اڳيان هرگز هٿ ڊگهيرڙو ڪونهي توڙي جو ضرورتون حد کان وڌي وڃن."ساڳي آتم ڪتا "نقوش زندگي " ۾ اڳتي صفحي نمبر 19 تي لکن ٿا ته،

"مون کي ياد آهي ته، 1359 ھ ۾ ديوبند کان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ پهتو هئس ته ڪامارو شريف جي سجاده نشين مرحوم مغفور پير حاجي خان محمد قريشي پيغام موڪليو ته، مون کي پنهنجي نور چشم اسماعيل صادق کي ديني تعليم ڏيارڻي آهي انهيڪري اوهان اچي ڪامارو شريف ۾ پڙهايو. جواب ۾ مون پير صاحب کي گذارش ڪيم ته مون پڪو پهه ڪيو آهي ته برادرم عزيز مولوي محمد اسماعيل صاحب لغاري جي ڪوليل ديني اداري (مدرسه دارالهديٰ) ۾ تعليم ڏيڻي آهي. اوهان جي فرزند کي ديني تعليم جي ضرورت آهي ته هتي موڪلي ڏيوس مون کي ياد آهي ته، اسماعيل صادق ڪامارو مان هر روز سواري تي مدرسي پهچندو هو"

مولانا عبد الڪريم لغاري لڳاتار 46 سالن تائين مولانا محمد اسماعيل لغاري جي قائم ڪيل اداري مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ درس و تدريس جا فرائض سر انجام ڏنا. انهي سان گڏ مدرسه جي اندروني نظام کي سنڀالڻ، استادن ۽ شاگردن جي نگهداشت، جڏهن ته مدرسي سان واسطو رکندڙ ٻاهريان ڪم ڪار، مدرسه جي موافقت يا مخالفت ۾ ٿيندڙ معاملن، واقعن کي منهن ڏيڻ ۽ اهڙي قسم جي دفاع ۽ برتاءُ جي اهم جوابداري مدرسه جي باني ۽ مهتمم اول مولانا محمد اسماعيل لغاري جي حوالي هئي .

مدرسي ۾ درس و تدريس کان علاوه مولانا عبدالڪريم لغاري مدرسه دارالهديٰ جا 48 سالن تائين ناظم اعليٰ به رهيا. 1989ع ۾ مدرسه جي باني ۽ مهتمم اول مولانا محمد اسماعيل لغاري جي وفات بعد مدرسه جا 15 سالن تائين مهتمم به رهيا.

## اسڪولي تعليم لاءِ جدوجهد

مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ مولانا عبد الڪريم لغاري جي گڏيل ڪوشش ۽ سندن جماعت جي تعاون سان 1954 کان اسڪولي تعليم جي شروعات ملا مڪتب سان ڪئي وئي جيڪو اڳتي هلي مسلم

سنڌي پرائمري اسڪول جي نالي خانگي طرح هلندو رهيو جنهن جو **29** سالن تائين مولانا عبد الڪريم لغاري هيڊ معلم رهيو. **1953**ع ۾ انگلش ڪلاس بہ شروع ڪيو ويو جيڪو اڳتي هلي مڊل اسڪول پوءِ اسلاميہ هاءِ اسڪول جي سطح تائين پهچايو ويو. ٻنهي اسڪولن ۾ ٻاهر جي مسافر شاگردن لاءِ هاسٽل جو بہ معقول انتظام ڪيوويو. اهاسموري جدوجهد انهن ٻنهي بزرگن مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ مولانا عبد الڪريم لغاري جي گڏيل ڪوششن ۽ سندس هم خيال دوستن ۽ جماعت جي تعاون سان جاري رهي. آخرڪار **1972**ع ۾ اهي اسڪول قومي تحويل ۾ ورتا ويا.

## سماجي ۽ فلاحي خدمتون

**1953**ع ڌاري سنڌ ۾ ڀهراڙين جي ڳوٺن جي لاءِ ڳوٺ سڌار تحريڪ شروع ٿي. 1954ع ۾ پاڻ پنهنجي دوستن، شاگردن سميت ڳوٺ سڌار تحريڪ ۾ خالص سماجي خدمتن جي حوالي سان عملي طرح حصو ورتائون.

## مذهبي پرچار، وعظ ۽ تقرير

اڪثر ڪري پاڻ جمعي جي ڏينهن جامع مسجد مدرسہ دارالهديٰ ۾ تقرير ۽ وعظ فرمائيندا هئا. انداز بيان نج سنڌي، سليس ٻولي ۾ اصلاحي نقطہ نظر سان شريعت جا خالص احڪام سمجهائڻ، ماڻهن جي اخلاق سڌارڻ تي پيار پرين ڀاجهارن لفظن سان مخاطب ٿيندا هئا. سندس وعظ جو مرڪزي نقطو رجوع الي الله هوندو هو.

## تصنيف و تاليف

ڇپيل تصنيفون:

**1).** **مرد قلندر:** سندس ننڍپڻ جي دوست سائين صاحبخان لغاري دولتاڻي جي علمي، ادبي خدمتن بابت لکيل آهي. جيڪو پاڻ مارچ **1979**ع ۾ شايع ڪيائون.

**2).** **سڪ جو سفر:** دارالعلوم ديوبند جي صد سالہ جشن **1980**ع جو اکين ڏٺو احوال ۽ انهي سلسلي ۾ ڪيل سفر جي روئداد، ديوبند جي تاريخ تي لکيل آهي، جيڪو پاڻ جنوري **1982**ع ۾ ڇپرايائون.

3). **ٺڏاوڻ ولهارجا**: هي ڪتاب مسڻ جي قديم ۽ جديد تاريخ بابت لکيل آهي جيڪو پاڻ 1984ع ۾ ڇپرايائون.

4). **قصيده برده شريف جو سنڌي ترجمو:** هي سندن سڀ کان آخري تصنيف آهي. مذڪوره ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ شرح سندس خاص شاگرد ۽ مدرسه دارالهديٰ جي موجوده ناظم اعليٰ مولانا محمد يامين شوري لکي الهديٰ پبليڪيشن مسڻ وڏي طرفان 2006ع ۾ شايع ڪرايو آهي.

اڻ ڇپيل تصنيفون:

1). **نقوش زندگي:** هي سندن هٿ اکر لکيل آتم ڪٿا آهي. جيڪا فل اسڪيپ سائز جي 19 صفحن تي مشتمل آهي. مذڪوره آتم ڪٿا ماهوار شريعت سکر ۾ مضمون جي صورت ۾ شايع ٿي هئي.

2). **ڊائري:** 1978ع کان 1997ع تائين ۽ ڪجھ 1998ع جا مهينا، روزانه جا احوال، واقعا، ملڪ ۽ قوم جي سياسي، سماجي احوال بابت هڪ يادگيري آهي. اهي ڊائريون مدرسه دارالهديٰ جي اشاعت العلوم لائبريري ۾ موجود آهن.

## بيماري ۽ وفات

1998ع ۾ ڪين بلڊ پريشر جو عارضو ٿي پيو، جنهن کان بعد وقت بوقت پيريءَ جي ڪمزوري سان گڏ ڪجھ طبعي شڪايتون وڌڻ لڳيون. تان جو هلڻ چلڻ کان بس ٿي بستري داخل ٿي ويو. تقريبن 8 سالن تائين هڪ ئي کٽ تي گذاريائون. جيتوڻيڪ هوش و حواس، عقل و فهم ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيو. انهي دوران سندس علاج معالجه لاءِ دوائون ٽيسٽون ڊاڪٽر غلام محمد ٻگهيو ۽ ڊاڪٽر محمد هاشم پنهور ميرپور خاص وارن جي ذاتي خرچ سان ۽ سندن زير نگراني هلنديون رهيون. ٻئي ڊاڪٽر صاحبان تقريبن هر جمعي تي سائين جن جي زيارت ڪرڻ به ايندا هئا ته، چيڪ اپ به ڪري ويندا هئا. جن شاگردن ۽ متعلقين سائين جي بيماري دوران خدمت ڪئي تن ۾ عبدالله ڪنيار، اياز علي ڪنيار، مدثر شيخ، نجم الدين لغاري، قيمت سوٿهڙ ۽ زاهد ڪنيار شامل آهن. البته ٻاهران دوائون آڻڻ ۽ وقت تي کارائڻ، ماني ٽڪي، ڦل فروٽ آڻڻ، ڌوتي پوتي، صفائي پاڪائي جي ذميداري عبدالله ڪنيار خوب

نيائي. الله تعاليٰ انهن سيني کي سندن خدمت جو بهتر صلو عطا فرمائي (آمين). پر ڪمزوري حد کان وڌي وئي. آخر 2004ع جي 27 نومبر تي ڇنڇر رات 2 وڳي ڌاري 14 شوال 1425هجري ۾ سندس روح قفس عنصري مان پرواز ڪري ويو. سندس وصيت مطابق سندس خاص شاگرد مولانا محمد يامين شوري ۽ سندس ڀائيٽي حاجي محمد ايوب لغاري کيس آخري غسل ڏنو ۽ سندس آخري آرامگاهہ مولانا محمد اسماعيل لغاري جي قبر جي پيراندي کان آهي.

# مياں خليل الرحمان لغاري (ايڊووڪيٽ)

## ماهر تعليم استاد، بهترين مقرر، اديب، شاعر، وڪيل ۽ سياستدان

مياں خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ جو پورو نالو خليل الرحمان ولد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ هو. پاڻ 20 مئي 1944ع ڌاري ديهه ٻاڙهي صدر ۾ جنم ورتائين. سندس تعليم ناظره قرآن مجيد کان علاوه فارسي ۽ عربي جون ابتدائي ٻه ٽي جماعتون ۽ بي اي، ايل ايل بي (سند يافته وڪيل) هئي.

**تعليم تربيت:** سندس ابتدائي تعليم ۽ تربيت سندس والد مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي زير نگراني ٿي جڏهن ته، سندس چاچي مولانا عبدالڪريم لغاري به مٿس خاص توجهه ڏنو، جنهن ڪري ٻالڪپڻ کان سندس ذهانت ۾ سون تي سهاڳي جو اثر ٿيو.

ننڍي هوندي پنهنجي چاچي مولانا عبدالڪريم لغاري سان گڏ ڳوٺ سڌار تحريڪ جي گڏجاڻين ۽ ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي تقريرون ڪرڻ سان سندس صلاحيت اجاگر ٿيڻ لڳي. سندن والد مولانا محمد اسماعيل لغاري هڪ مجاهد عالم، مجتهد، فقيهه، اعليٰ پايه جو ذهين، بيباڪ بهادر، حق گو ۽ حق پرست، هر ظالم ۽ جابر سان مهاڏو اٽڪائيندڙ، مظلوم جو ساٿي، سماج سڌارڪ، ۽ جهاد جو جذبو رکندڙ جيد عالم دين هو. جيئن ته مياں خليل الرحمان جي ذهني نشو نما ۽ فڪري تربيت اهڙي گهر ۾ ٿي تنهنڪري منجهس اهي سڀ خوبيون قدرت واري سمائي ڇڏيون جو پاڻ هڪ ئي وقت بهترين اديب ۽ شاعر به هو ته بهترين سياسي ليڊر ۽ سماجي رهنما به هو. هر موضوع تي مدلل گفتگو ڪندڙ مقرر به هو ته پنهنجي قوم جو سچو همدرد ڏوڪي، مظلوم جو بنا فيس وڪيل به هو.

**عملي زندگي جو آغاز:** ملڪي سياست توڙي عالمي سياست جهڙن موضوعن تي لکڻ سان صحافتي ادب ذريعي سندس سرگرمين جي ابتدا ٿي. ملڪي سياست خاص ڪري ون يونٽ وارو مسئلو سندس تحريرن ۽

تقريرن جو موضوع رهيو. اهڙي طرح ون يونٽ خلاف هلايل تحريڪ ۾ خوب بهرو ورتائين. عالمي سياست ۾ مصر جي صدر جمال ناصر جي دور ۾ نهر سوئيز جي هلندڙ مسئلي تي لکڻ جي شروعات ڪيائين ۽ پوءِ اقوام متحده جي عالمي مسئلن ڪي حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي بابت لکڻيون بہ تحرير ڪرڻ ڪان علاوه پاڻ ڪيترن علمي ادبي سماجي شخصيتن جا سوانحي خاڪا بہ تحريرڪيائين.

**شاعري:** صدر ايوب جي دور ۾ بنيادي جمهوريتن واري اليڪشن بابت نظم لکي ابتدا ڪيائين. ۽ پوءِ سندس شاعري ۾ معاشري ۾ ٿيندڙ ڏاڍايون، زميندار جا هاري تي ظلم، سيٺ جا مزدور تي ظلم، مٿئين طبقي جا هيٺئين طبقي تي ٿيندڙ ظلم خاص موضوع رهيا. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ٽنڊوالهيار جو ميمبر بہ رهيو. اهو اهو زمانو هو جو حيدرآباد وارو مشهور وڪيل جناب امام علي ميمڻ سنڌي ادبي سنگت جو چيئرمين هو.ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سندس ڳوٺ مسڻ وڏي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ قائم ڪيائين جنهن جو پاڻ چيئرمين رهيو 1966_67ع دوران روزانہ نواءِ سنڌ ۾ پهرين ٽرانسليٽر ۽ پوءِ سب نيوز ايڊيٽر رهيو. ان وقت اخبار جو ايڊيٽر مولانا عبدالغفور سيتائي هو.

انهن ڏينهن اردو بورڊ حيدرآباد ۾ نيازهمايوني وٽ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون جن ۾ شيخ اياز سميت سنڌ جا ممتاز اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيندا هئا انهن گڏجاڻين ۾ ٻن سالن تائين خليل الرحمان بہ لڳاتار شريڪ ٿيندو رهيو.

**سماجي خدمتون:** اڪثرڪري ڳوٺ مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي مسڪين طبقي جي هرڏکي ويل واهر ۽ مدد ڪرڻ، ڪيسن، ڦڌن ۽ زور آورن جي ظلم جي شڪار ٿيل مسڪين ۽ بيڏوهي قسم جي پنهنجي توڙي پرائي جي بنا معاوضہ ڪورٽن تائين قانوني، اخلاقي ۽ مالي مدد ڪرڻ. علاوه ازين پاڻ 1970ع ڪان 1972ع تائين انجمن اشاعت العلوم جو بہ سال ان وقت ڪان جنرل سيڪريٽري رهيو جنهن وقت مولانا عبدالڪريم لغاري سيڪريٽريشپ تان رٽائر ڪيو. جڏهن تہ انجمن اشاعت العلوم جي زير نگراني ان وقت مسلم سنڌي پرائمري اسڪول، اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي هلندڙ هئا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾

1972ع ڌاري اهي ٻئي اسڪول سرڪاري قومي تحويل ۾ ورتا ويا تہ انجمن خودبخود ڪالعدم ٿي وئي.

**سياسي سرگرميون:** 1968ع ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي پاڪستان پيپلز پارٽي قائم ڪئي تہ پاڻ پنهنجي والد صاحب مولانا محمد اسماعيل لغاري، شيخ السند مولانا عبدالحق رباني نصرپوري ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر حيدرآباد جي مشوري سان 1968ع ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار جو صدر منتخب ٿيو. صدر ايوب خلاف پيپلز پارٽي جي تحريڪ دوران 1968ع ۾ گرفتار ٿي جيل حوالي ٿيو ۽ 1970ع ۾ آزاد ٿيڻ بعد وري بہ تعلقي ٽنڊي الهيار جو صدر رهيو. 1976ع ۾ پيپلز پارٽي جي پاليسين سان اختلاف سبب پي پي تان دستبردار ٿي سياست کان ڪناره ڪش ٿي ويو. ميان خليل الرحمان لغاري عملي طرح سياست تان دستبردار ٿي پنهنجي ڳوٺ جي ايرن مسڪينن جي خدمت ڪندي ۽ پنهنجي اباڻي معمولي زمينداري تي گذر بسر ڪندي زندگي جا ڏينهن پورا ڪيا.

**ادبي خدمتون:** پاڻ وقت بوقت سياسي، سماجي، ادبي ۽ مشهور اهل علم شخصيتن بابت مضمون ۽ نظم لکندو رهيو جيڪي روزانہ نواءِ سنڌ، عبرت، آفتاب ۽ مهراڻ کان علاوه ماهوار رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. ان کان علاوه سندس شاعري جو مجموعو "بياض خليل" جي نالي سان پونئيرن وٽ موجود آهي.

**علمي خدمتون:** پاڻ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي (جڏهن اهو خانگي طرح هلندڙ هو) ۾ ڪافي عرصو بلامعاوضہ استاد ٿي رهيو ۽ پنهنجي قوم جي ٻارن کي علم جي زيور سان نوازيندورهيو.

**اولاد:** ميان خليل الرحمان لغاري کي هڪ پٽ زاهد جو اولاد ٿيو جيڪو ننڍي هوندي گذاري ويو.

**وفات:** ميان خليل الرحمان لغاري 5 شعبان 1422ھ مطابق 24 آڪٽوبر 2001ع تي وفات ڪئي.

# سي لاهوتي لڏي ويا

## حضرت مولانا عبدالرحمان شورو رح

مولانا عبدالرحمان شورو ولد فقير محمد عمر شورو ڳوٺ بقا شورو ديهه سميجاڻي جاگير تعلقه ميرپورساڪرو ضلع ٺٽو ۾ سن 1924ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس مائٽاڻو نالو روض الدين هو. پاڻ قرآن مجيد پنهنجي علائقي جي ملا مڪتب ۾ ميانجي طالب شوري وٽ، سنڌي چار درجا ۽ ڪريما فارسي تائين ميانجي قادر بخش شوري وٽ پڙهيائين. سندس استاد ميانجي قادربخش شورو تنهن وقت جي فائنل پاس هو. بعد ۾ پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ محمد الياس شوري جي معرفت نصرپور ويجهو فاضلاڻي سيدن وٽ مزدوري ڪرڻ آيو. فاضلاڻي سيدن وٽ سندس مائٽ اڪثر و بيشتر مزدوري ڪرڻ جي خيال سان ايندا رهندا هئا. پاڻ فاضلاڻي سيدن جي گهوڙن جو گاهه ڏهه روپين جي ماهانه پگهار تي ڪندو هو. هڪ ڀيرو گاهه ڪندي ڪيس خيال آيو ته پاڻ پنهنجي تعليم کي اڳتي وڌائي. اهو خيال ڪري پاڻ گاهه اتي ئي ڇڏي نصرپور ۾ مولانا عبدالحق رباني جي مدرسي ۾ پڙهڻ جي خيال سان پهتو. نامعلوم ۽ اڻ سڃاتل ماڻهو سمجهي مولانا عبدالحق رباني وٽ ڪيس داخلا نه ملي سگهي. مسڻ وڏي جي مدرسي جي باري ۾ ڄاڻ ملڻ تي پاڻ نصرپور کان مسڻ وڏي پيدل سفر ڪيائين. آخرڪار ڪيس مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ داخلا ملي وئي. اهو 1941ع وارو سال هو، انهي سال ئي مولانا عبدالڪريم لغاريؒ دارالعلوم ديوبند مان فارغ التحصيل ٿي مدرسه دارالهديٰ ۾ مدرس جي مسند تي ويٺا. پاڻ مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ مولانا عبدالڪريم لغاري وٽ موقوف عليه تائين ڪتاب پڙهيائين. مدرسه دارالهديٰ کان علاوه مولانا عبدالرحمان شوروؒ چؤنره مدرسه ميرواهه گورچاڻي ۾ مولانا محمد ابراهيم خاصخيلي ۽ مولانا رسول بخش چانديو (مولانا رسول بخش چانديوؒ مولانا عبدالڪريم

لغاريؒ جو استاد هو.) وٽ پڙهيو. ۽ سنڌ جي قديم تعليمي درسگاهه مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچي ۾ ٻه ٽن مهينن تائين پڙهيو. پر ڪراچي جي آبهوا سندس طبيعت جي موافق نه هئڻ ڪري واپس مسڻ جي مدرسي ۾ آيو. پاڻ زياده تر مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ پڙهيو. موقوف عليه پڙهڻ بعد سن 1947ع ڌاري برصغير جي ورهاڱي، هندستان ۽ پاڪستان جي ٺهڻ، واٽين جي لڏ پلاڻ ۽ پناهگيرن جي آمد جي ڪري جيئن ته پورو ملڪ افراتفري جو شڪار ٿي ويو انهي ڪري سندس پڙهائي رولڙي جو شڪار ٿي وئي جنهن ڪري پاڻ دوره حديث نه پڙهي سگهيو. مولانا عبدالرحمان شورو مولانا محمد اسماعيل ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي اوائلي شاگردن ۾ هو. پاڻ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي غير موجودگي ۾ وقت بوقت جامع مسجد مسڻ وڏي ۾ خطابت ۽ امامت جا فرائض به سرانجام ڏيندو هو. مولانا عبدالرحمان شوروؒ نهايت ئي ڪفايت شعار، ٿوري تي صبر شڪر ڪندڙ هڪ اعليٰ انسان هو. سندس استادن سان ڪيس ايتري ته محبت هئي جو پاڻ پنهنجو مائٽاڻو وطن ڇڏي هميشه هميشه لاءِ مسڻ وڏي کي پنهنجو مسڪن بنايائين. مولانا عبدالرحمان شورو وقت بوقت پنهنجي مائٽن جي غلط عقيدن ۽ غيرشرعي رسمن جي اصلاح ڪرڻ واسطي ميرپورساڪرو ضلع ٺٽو ۾ وڃي انهن کي وعظ نصيحت ۽ دين اسلام جي تبليغ ڪندو هو. پاڻ اتي ڳوٺ ٻقا شوري ۾ هڪ عيدگاهه جو بنياد وڌائين جتي پاڻ 18 سال آخر دم تائين باقاعدگي سان عيدون پڙهائيندو رهيو. 1944ع ۾ پڪي قلعي حيدرآباد ۾ جمعيت علماءِ هند طرفان ملڪي سطح تي جيڪا سه روزه اهم ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي تنهن ۾ مولانا عبدالرحمان شورو رضاڪار ٿي ڪم ڪيائين. ياد رهي ته انهي تاريخي ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن جي ميزباني مير علي احمد ٽالپر ڪئي هئي. پاڻ امام انقلاب علامه عبيدالله سنڌيؒ جي زير نگراني قائم ڪيل جمعيت طلباءِ سنڌ جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري رهيو. ان ڪان علاوه پاڻ هند و پاڪ جي چوٽي جي ليڊرن جهڙوڪ امام انقلاب علامه عبيدالله سنڌيؒ، قاري محمد طيب قاسميؒ، مولانا محمد صادق ميمڻؒ کڏو ڪراچي، شيخ السند مولانا عبدالحق ربانيؒ نصرپوري، مير علي احمد

خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، حفيظ قريشي وڪيل، مولانا عطاءُ الله پناڻؒ، مولانا عبدالحئي نوحاڻيؒ، مولانا محمد هاشمؒ رڪن وارو (سکر) ۽ ٻين سان ملاقاتون به ڪيائين. مولانا عبدالرحمان شوريؒ بتاريخ 30 مئي سن 1997ع بروز جمع بوقت فجر نماز سجده جي حالت ۾ اجل کي لبيڪ چيو. ڪيس مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. مولانا عبدالرحمان شوري شادي به ڪئي. ڪيس 8 پٽن ۾ هڪ مولانا محمد يامين شورو (موجوده ناظم ۽ خطيب جامع مسجد مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي)، استاد عبيدالله شورو، غلام مصطفيٰ شورو، غلام مرتضيٰ شورو، ثناءُ الله شورو، امان الله شورو، ضياءُ الله شورو، سيف الله شورو ۽ چار نياڻين جو اولاد ٿيو. سندس خاندان علمي ميدان ۾ پوري علائقي ۾ اڄ به مشهور آهي.

•

## حضرت قاري محمد حسن شيخ عليہ الرحمة

قاري محمد حسن شيخؒ سن 1922ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس جاءِ پيدائش جو پتو نہ پئجي سگهيو آهي. پاڻ پنهنجي خاندان ۾ اسلام قبول ڪندڙ پهريون شخص آهي. سندس والدين غير مسلم هئا. ان ڪري سندس والد صاحب جي نالي جي به چڱي ريت خبر نہ آهي. قاري محمد حسن شيخ صاحب پنهنجو مختصر تعارف ”محمد حسن ولد آدم“ چئي ڪرائيندو هو. پاڻ 1935ع ڌاري دين اسلام قبول ڪيائين. حقيقت ۾ اها سندس وڏي قرباني آهي جو پاڻ پنهنجي اباڻي ۽ ڏاڏاڻي ڌرم کي ڇڏي دين اسلام قبول ڪيائين. اهي کهڙيون حقيقتون ۽ ڳالهيون هيون جن کان متاثر ٿي پاڻ مسلمان ٿيو انهن بابت به ڪا خاص ڄاڻ نہ آهي. قاري محمد حسن شيخ ابتدائي ديني تعليم مدرسہ مدينة العلوم پيننده شريف لڳ راهوڪي اسٽاپ مان حاصل ڪئي. ۽ پوءِ شڪارپور وجهي سنڌ جي مشهور قاري محمد ميهڙ واري وٽ قرئت جو ڪورس مڪمل ڪيائين. پاڻ ڳوٺ محمد صديق لغاري لڳ لانڊي شاخ ۾ به معلم القرآن رهيو. ان کان علاوه پاڻ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ

جي قائم ڪيل ديني درسگاهه مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ به قرآن جي تعليم لاءِ استاد مقرر ڪيو ويو، جتي آخر عمر تائين قرآن مجيد پڙهائڻ ڪان علاوه جامع مسجد ۾ اذان ۽ امامت جا فرائض به سرانجام ڏيندو رهيو. قاري محمد حسن شيخ جي اذان لائوڊ اسپيڪر نه هئڻ باوجود به مسڻ ڪان ڪافي پنڌ پري تائين ٻڌي ويندي هئي. قاري محمد حسن شيخؒ بتاريخ 27 آگسٽ 1992ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ وفات ڪئي. ڪيس مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي پرسان "چڱن جي چوياريءَ" ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. قاري صاحب 1955ع ڌاري شادي به ڪئي. ڪيس چئن پٽن ۽ ڇهن نياڻين جو اولاد ٿيو. پٽن جا نالا هي آهن. اختر حسين شيخ، محمد اقبال شيخ، عبدالخالق شيخ ۽ محمد طارق شيخ.

## ميانجي حاجي عبدالله ڪڇي ڪنيار عليہ الرحمة

هي بزرگ اصل هندستان جو هو. سندس پيدائش تعلقه گهڙولي ضلع لکپت ڪڇ ڀڄ ۾ ٿي. ميانجي ذات جو ڪنيار هو. ڪڇ ڀڄ رياست ڏي نسبت جي ڪري ڪيس ڪڇي ڪنيار سڏيو ويندو هو. سورهن سالن جي عمر ۾ پاڻ هڪ قافلي سان پنهنجي گهران نڪري پيو جيڪو بدين سنڌ ڏانهن اچي رهيو هو. سفر ۾ اڙانگي پنڌ جون تڪليفون برداشت ڪري پاڻ بدين پهتو. ڪيترا ڏينهن راتيون پيرين پنڌ هلڻ سبب سندس پير سڄي پيا، ٻُڪن، اڃن ڪيس هيڻو ڪري وڌو جنهن ڪري بدين ۾ ڪجهه وقت مسافرن وانگر مختلف مسجدن ۾ گذاريائين. بعد ۾ علم پڙهڻ جي خيال سان مدرسه دارالفيوض هاشميه سجاول ۾ داخلا ورتائين. مدرسه دارالفيوض هاشميه ان وقت شاهه عبدالرحيم سجاول واري جي ذاتي بنگلي ۾ هلي رهيو هو. شاهه عبدالرحيم ان مدرسي جي لاءِ ٽي سئو ايڪڙ زمين وقف ڪري ڇڏي. شاهه صاحب اهو طئي ڪيو هو ته انهن ٽن سئو ايڪڙن مان هڪ ته اهو مدرسو هلايو وڃي ۽ ٻيو شاهه ولي الله محدث دهلويؒ جي نظريي ۽ فڪر جي پرچار لاءِ ڪو ادارو به قائم ڪيو وڃي. شاهه عبدالرحيم ڪي صرف ڌي جو اولاد هو جنهن مان

پروفيسر غلام مصطفيٰ پيدا ٿيو جيڪو بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر بہ ٿيو. ميانجي حاجي عبدالله ڪنڀار مدرسہ دارالفيوض هاشميہ سجاول ۾ گلستان ۽ بوستان تائين فارسي بہ پڙهيو. گهڻ ذهن ۽ معمولي حافظي جي ڪري پاڻ اڳتي نہ پڙهي سگهيو. ميانجي صاحب پنهنجي ذهين ۽ هوشيار نہ هئڻ جو خود بہ اعتراف ڪندو هو. بعد ۾ پاڻ مسجدن ۾ ٻارن کي قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ڪيائين. ان سلسلي ۾ شروع شروع ۾ پاڻ مولوي عبدالحئي نوحاڻي ڪنگورو ۾ ٻارن کي قرآن مجيد جي تعليم ڏنائين، جتي ڪانئس مولوي محمد ابراهيم نوحاڻي ناظره قرآن شريف جي تعليم ورتي. ان بعد هوسڙي ۾ حاجي محمد موسيٰ شوري جي ڳوٺ ۾ بہ قرآن مجيد جي تعليم ڏنائين جتي حاجي محمد موسيٰ شوري جو پٽ حاجي محمد رحيم شورو بہ وٽس قرآن مجيد پڙهيو. ميانجي حاجي عبدالله جو پيندہ شريف جي مدرسي ۾ تقريبن وجهہ ٿيندو رهندو هو. جتي اتفاق سان سندس ملاقات حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري سان ٿي، جيڪو ڪنهن ڪم سانگي مدرسي ۾ آيل هو. مولانا محمد اسماعيل لغاري کيس پنهنجي مدرسي دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ ٻارن کي قرآن مجيد پڙهائڻ جي پيشڪش ڪئي جيڪا ميانجي صاحب خوشي سان قبول ڪئي. اهڙيطرح ميانجي حاجي عبدالله ڪڇي جو **1961-62**ع ڌاري مسڻ اچڻ ٿيو ۽ پوءِ آخري دم تائين مسڻ جي مدرسہ ۾ ٻارن کي قرآن مجيد پڙهائيندو رهيو. مسڻ وڏي جي آبادي ۾ تقريبن پنجاهہ سالن کان وڏي عمر جا مرد ماڻهو ۽ عورتون وٽس قرآن مجيد پورو ڪيو اٿن. ميانجي صاحب بتاريخ 24 آڪٽوبر **1993**ع ڌاري وفات ڪئي. کيس مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي قبر جي پير ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## مرحوم حافظ عبدالحق ولد حاجي فضل لغاري

حافظ عبدالحق لغاري ڳوٺ سونهري ڪسي لڳ جرار ٽيبو ۾ حاجي فضل لغاري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ديني تعليم جي شروعات

مدرسہ مدينة العلوم پيندہ شريف کان ڪيائين. پاڻ مدرسہ پيندہ شريف ۾ ٻن سالن تائين پڙهيو. بعد ۾ استادن جي معرفت جنهاڻ سومرو ٽنڊو محمد خان جي مدرسي ۾ مولانا عبدالرحمان سومري وٽ داخلا ورتائين. جنهاڻ سومري جي مدرسي ۾ سندس استاد حاجي محمد حسن سومرو ۽ حافظ امير الدين چٽو چني ٽڪري وارو رهيا. جن وٽ لڳ ڀڳ پنڌرهن سالن ۾ حفظ مڪمل ڪيائين. حفظ مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي قائم ڪيل ديني مدرسہ دارالهديٰ ۾ اٽڪل چاليهہ سالن تائين قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو رهيو. پاڻ نہ صرف معلم القرآن هو پر جامع مسجد مسڻ ۾ امامت جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. مسڻ وڏي جي ٽوٽل آبادي جي نئين ٿهي سندس شاگرد آهي. پاڻ آخر دم تائين مدرسہ دارالهديٰ سان لاڳاپيل رهيو. حافظ عبدالحق لغاري ڪي ننڍي هوندي ماتا جي بيماري ٿي پئي هئي جنهن جي ڪري پاڻ اکين جي نور کان محروم رهيو. حافظ عبدالحق لغاري جي بيعت امام العصر حضرت حماد الله هاليجويؒ سان ٿيل هئي. پاڻ لاولد رهيو. پوري ڄمار شادي نہ ڪيائين. حافظ صاحب ڪي پيٽ ۾ شديد سور پوڻ جي ڪري راجپوتانا اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو. جتي پاڻ تڪليف نہ سهندي ڇنڇر جي رات بوقت عشاءَ بتاريخ **19** جمادي الثاني **1430** هجري بمطابق **12** جون **2009**ع تي دم ڏنائين. ياد رهي تہ ڪيس بلڊ پريشر جو بہ عارضو رهندو هو. سندس جنازو سندس اباڻي ڳوٺ رئيس علڻ خان لغاري آندو ويو جتي مقامي قبرستان ”سيد اسحاق شاهہ“ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. (حافظ صاحب بابت هي معلومات راشد علي لغاري ڳوٺ رئيس علڻ خان لغاري کان ملي سگهي.)

## مرحوم ميان جان محمد ولد عبدالڪريم سميجو

مرحوم ميان جان محمد سميجو ولد عبدالڪريم سميجو ڳوٺ ڏيتاڻي تعلقو سيئو ضلع باڙمير راجستان هندستان ۾ پيدا ٿيو. ناظره قرآن مجيد جي شروعاتي تعليم هڪ نيڪ خاتون حاجياڻي حُرمت وٽ پڙهيائين، جيڪا ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن مجيد جي تعليم ڏيندي هئي.

حاجياڻي حُرمت ڏورونارو لڳ ڳوٺ غلام نبي شاهه جي رهاڪو هئي. ميان جان محمد سميجي حاجياڻي حُرمت وٽ ڪجهه قرآن شريف ناظره پڙهڻ بعد امام العصر علامه محمد عثمان قرانيؒ جي مدرسه مجدديه شادي پلي ۾ ناظره قرآن مجيد پورو ڪيو. مدرسه مجدديه ۾ پڙهندي ڪيس ڪن طالبن ڪان مسڻ وڏي ۾ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي قائم ڪيل ديني مدرسه دارالهديٰ جي خبر پئي. ان وقت مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ ٿر جي علائقي جا مرحوم عبدالرشيد سمون ۽ خميسو سمون پڙهندا هئا. ميان جان محمد سميجي **1953**ع ڌاري مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ وٽ ڪريما، نام حق، پندنامه، گلستان تائين فارسي ۽ بنيادي عربي ڪتاب پڙهيا. غريب هئڻ ڪري ميان جان محمد سميجو مرحوم رئيس موسيٰ خان وٽ ٿوري معاوضي تي دڪان جي ملازمت ڪيائين. ڪجهه وقت ڪان پوءِ پاڻ حاجي عبدالله ولد حاجي علي محمد (عرف حاجي علُو) لغاري سان پائيواري تي ڏالو لڳ لانڍي شاخ ۾ سال دڪان هلايائين. **1960**ع ڌاري ميان جان محمد سميجي مسڻ وڏي ۾ دريا خان لغاري جي پلاٽ ۾ پنهنجو ذاتي دڪان کوليو. آهسته آهسته سندس ننڍڙي دڪانداري ۽ ڪاروبار وڌندو ويو. آخرڪار سندس شمار مسڻ وڏي جي مشهور سيٺن ۽ دڪاندارن ۾ ٿيڻ لڳو. بعد ۾ ميان جان محمد سميجي شاهي بازار مسڻ وڏي ۾ محمد عثمان ولد عمر فقير شوري ڪان چار هزار روپين ۾ پلاٽ خريد ڪري هڪ وڏو ريزڪي دڪان کوليو. جيڪو ڪافي وقت هلائيندو رهيو. بعد ۾ ڪجهه وقت اهو دڪان استاد محمد عمر ولد مراد سميجي وٽ به رهيو. ميان جان محمد سميجي مسڻ وڏي ۾ سُڪيي سنڌي مينگهواڙ ڪان پلاٽ خريد ڪري اتي پنهنجو گهر تعمير ڪري **1964**ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ ڏيتاڻي مان شادي ڪئي ۽ مستقل طرح مسڻ وڏي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. هي اهو وقت هو جڏهن مولانا محمد اسماعيل لغاري مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي ظالم وڏيرن وٽ غلامي جي زنجيرن ۾ قاتل ڏتڙيل عوام کي ڪڍڻ لاءِ همه تن ڪوشان هو. هڪ طرف علم جي لاٽ ۽ شمع پنهنجي آب و تاب سان ٻري رهي هئي ته ٻي طرف مولانا محمد اسماعيل لغاري کي هر وقت وڏيرن جي ٿيندڙ

چالبازين سان مھاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار رھڻو ٿي پيو. ميان جان محمد سميجو نہ صرف مولانا لغاريؒ جو ھڪ اوائلي شاگرد ھو پر پاڻ مولانا لغاريؒ جي جماعت جو خاص ڪارڪن، حق ۽ سچ جو ھمسفر ھو. **40** سالن جي ويڙھاند دوران مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي ظالم وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن طرفان مولانا لغاريؒ تي لڳ ڀڳ ڏھ سئو بي بنياد ڪيس ڪيا ويا. اھڙين مشڪلات وارين گھڙين ۾ ميان جان محمد سميجو مولانا لغاريؒ جو وفادار ساٿي ٿي رھيو. ميان جان محمد سميجو مدرسہ دارالھديٰ ۽ جامع مسجد مسڻ وڏي جو تا دم زيست مالي معاون رھيو. جڏھن مولانا عبدالڪريم لغاريؒ علالت وگھي مدرسہ جي انتظام کان ڪناره ڪش ٿي مدرسہ کي ھلائڻ لاءِ جيڪا ڪاميٽي جوڙي ھئي، ميان جان محمد سميجو ان ڪاميٽي ۾ خزانچي مقرر ڪيو ويو ھو. ميان جان محمد سميجو آخر گھڙي تائين مدرسہ دارالھديٰ مسڻ وڏي جي مجلس شوريٰ جو ميمبر بہ ٿي رھيو. ميان جان محمد سميجو مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي لائق فرزند ميان خليل الرحمان لغاريؒ (ايڊووڪيٽ) جو بہ ساٿاري رھيو. سماج ۾ ھڪ نمايان حيثيت حاصل ھئي. مسڻ وڏي ۽ آسپاس جو ھر رھواسي ڪيس عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندو ھو. پاڻ پاڙيوارن جو ھڏ ڏوکي، صوم و صلوات جو پابند، مظلوم، مسڪين ۽ بيواھن جي وس آھر مدد ڪندڙ ھڪ اعليٰ ظرف ۽ سچو انسان ھو. ميان جان محمد سميجي کي ٽن پٽن ھر ھڪ ڪرم الله سميجو (عربڪ ٽيچر)، حاجي محمد صديق سميجو (مسڻ وڏي جو مشھور واپاري ۽ مدرسہ دارالھديٰ جو خاص معاون) ۽ امان الله سميجو جو اولاد ٿيو. ميان جان محمد سميجي بتاريخ **3** مارچ **2004**ع بروز اربع **75** سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. ڪيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس نالي پويان ابو طالب لڳ **2007**ع ڌاري ھڪ ڳوٺ جان محمد سميجو جو بنياد وڌو ويو آھي. (نوٽ: ھي مواد استاد محمد عمر ولد مراد سميجي وٽان مليو.)

# مرحوم استاد خان محمد ولد محمد علي لغاري

استاد خان محمد ولد محمد علي لغاري مسڻ وڏي ۾ بتاريخ 14 ڊسمبر 1941ع ڄاري جنم ورتو. ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. پاڻ تنهن وقت جي فائنل پاس هو. ان ڪان علاوه پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص، گورنمينٽ نيشنلائزڊ سنڌ ماڊل اسڪول ٽنڊو الهيار ۾ به پڙهيو. حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سندس بهترين استاد ۽ مربي ٿي گذريا آهن. استاد خان محمد لغاري امام الهند مولانا ابوالڪلام آزادؒ، امام انقلاب علامه عبيدالله سنڌيؒ، شيخ العرب والعجم مولانا سيد حسين احمد مدنيؒ جي فڪر سان لاڳاپيل ۽ انهن جو بيحد شيدائي هو. پاڻ زندگي ۾ جن شخصيتن سان ملاقات ڪيائين انهن ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، سنڌ جو برک سياستدان آغا غلام نبي پٺاڻ، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، خان عبدالغفار خان، حيدر بخش جتوئي، گل محمد جکراڻي، مولوي نذير احمد جلالي جتوئي، رسول بخش پليجو، مير علي احمد خان ٽالپر، گورنر سنڌ مير رسول بخش خان ٽالپر، مولانا حافظ محمد اسماعيل ڪڏي ڪراچي وارو، علامه آءِ آءِ قاضي، پروفيسر ڊاڪٽر ابو سلمان شاهجهانپوري ڪراچي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. استاد خان محمد لغاري آغا غلام نبي پٺاڻ جو پنجويهه سالن تائين سيڪريٽري به ٿي رهيو. استاد خان محمد لغاري نه صرف هڪ اعليٰ ظرف انسان هو پر هڪ بهترين مدبر ۽ ماهر تعليمدان به هو. پاڻ ڪيترائي ناياب ڪتاب ذاتي خرچ تي خريد ڪري مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي قائم ڪيل اشاعت العلوم لائبريري ۾ جمع ڪرايائين. ان ڪان علاوه پاڻ گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ جي موجوده عمارت جي تعمير ۾ به مالي تعاون ڪيائين. مولانا محمد اسماعيل لغاري جا جڏهن ولهاري خاندان سان تنازعا هلي رهيا هئا انهن ڏينهن استاد خان محمد مولانا محمد اسماعيل لغاري سان وفاداري ۽ حمايت ۾ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيو. هر موقعي ۽ مهل تي مولانا لغاري ۽ سندس فرزند ميان خليل الرحمان سان ڏکي سکي ۾ گڏ رهيو.

مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ تر جي ظالم زميندارن جي وچ ۾ ڏکهي ويڙهاند جي ڪري مسڻ وڏي ۽ پرپاسي جو علائقو ميدان جنگ بڻيل هو. استاد خان محمد لغاري مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ سندس حريف جي وفات کان پوءِ ٻنهي ڌرين جي پونئيرن ۾ سرچاءُ ڪرائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ پاڻ ئي ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ صلح ڪرائي ويو ۽ هميشه لاءِ سالن کان هلندڙ تڪرار جو خاتمو اچي ويو. استاد خان محمد لغاري آخر عمر تائين مدرسه دارالهديٰ ۽ جامع مسجد مسڻ وڏي جي مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿي رهيو. پاڻ 1965ع ڌاري شادي ڪيائين جنهن مان پنج پٽن هر هڪ مرحوم مجيب الرحمان، عبدالغفار، امجد علي، اجمل خان، فيصل ۽ ست نياڻين جو اولاد آهي. استاد خان محمد لغاري 17 جولاءِ 2011ع ڌاري وفات ڪيائين. کيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## مرحوم پروفيسر محمد ڪامل لغاري

سندس پورو نالو محمد ڪامل ولد لعل محمد لغاري آهي. پاڻ ديني تعليم سان گڏ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان ۽ انٽرميڊيئيٽ (پري انجنيئرنگ) گورنمينٽ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم جي لاءِ پاڻ ايم. اي. سي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. سندس استادن ۾ مسڻ وڏي جي تاريخ ساز شخصيت حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ کان علاوه حڪيم نبي بخش ولد حڪيم صوڀو خان لغاري، استاد مير محمد خاصخيلي شامل آهن. تعليم حاصل ڪرڻ بعد پاڻ ڪيتري وقت تائين في سبيل الله گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. بعد ۾ سرڪاري ملازمت ملڻ ڪري 1975ع ۾ پاڻ جامعه مليه اسلاميه ڪاليج ملير ڪراچي، 1992ع ۾ حيدرآباد ڪاليج ڪاري موري ۽ انهي کان پوءِ رٽائرمينٽ تائين گورنمينٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور تعليم ڏيندو رهيو. پاڻ بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد جي امتحانن جو انٽرنل به رهيو. انهي لاءِ ڪين وقت بوقت رشوتن ۽ سفارشن جون آفرون به ٿينديون رهيون پر پاڻ بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي

اهي آفرون ۽ پيشڪشون ٺڪرائي ڇڏيائين. پروفيسر محمد ڪامل نہ صرف ماهر تعليمدان هو پر گڏوگڏ پاڻ مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي جو معاون بہ رهيو. مسڻ وڏي جي ٻنهي بزرگن حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان سندس والهانہ عقيدتمندي هئي. پاڻ اشاعت العلوم لائبريري ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ تاريخي سڪا هديي طور جمع ڪرايائين. پروفيسر محمد ڪامل لغاري 7 جنوري 2010ع تي بوقت چار بجي شام جو اسراءَ يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. ڪيس بلڊ پريشر ۽ شگر جو عارضو رهندو هو. پاڻ سوڳوارن ۾ تي پٽ هر هڪ غلام مرتضيٰ، گل محمد ۽ لعل محمد ۽ پنج نياڻيون ڇڏيون. ڪيس مسڻ وڏي جي تاريخي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ دفن ڪيو ويو.

## مرحوم حاجي غلام محمد لغاري

هي علياڻي لغاري جي حاجي مير محمد لغاري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قرآن شريف ناظره پڙهيل هو. وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو پر ديندارن ۽ عالمن جو صحبتي هجڻ ڪري ڪافي ديني مسئلن جي ڄاڻ هئس. پاڻ تمام وڏومحنتي ۽ جفاڪش ماڻهو هو. سندس گذر بسر ٻني ٻاري تي هو. سادگي پسند ۽ ٿوري گهٽي تي صبر شڪر سان پنهنجي زندگي گذاريائين. پاڻ مسڻ وڏي جي لغاري بلوچن ۾ ڪثير العيال شمار ٿيندو هو. سندس سچائي، وفاداري ۽ پرهيزگاري جا سيئي ڳوناڻا شاهد آهن. پاڻ صوم و صلواة جو پابند، مدرسہ ۽ مسجد جو خاص خادم رهيو. سندس شمار مولانا محمد اسماعيل لغاري جي وفادار ساٿين ۾ ٿئي ٿو. حاجي غلام محمد لغاري بتاريخ 26 مارچ 1990ع ڌاري وفات ڪئي. ڪيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## حڪيم عبدالرحمان ولد حاجي محمد يوسف لغاري

حڪيم عبدالرحمان ولد حاجي محمد يوسف لغاري جو اصل ڳوٺ "سونهري جي ڪسي" لڳ جرار ٽيبو آهي. پاڻ تمام غريب گهراڻي ۾ جنم ورتائين. حڪيم صاحب شروعاتي ديني تعليم به حاصل ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ طبيه ڪاليج حيدرآباد مان طب جي شعبي ۾ ڊگري ورتائين. حڪيم صاحب حڪمت جي شعبي سان ڪافي وقت تائين وابسته رهيو. آئي وئي جي مدد ڪرڻ، صوم صلوات جو پابند، رلڻو ملڻو ۽ نيڪ انسان ٿي زندگي گذاريائين. حڪمت سان گڏوگڏ پاڻ زميندراي به ڪندو رهيو. حڪيم صاحب مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي جماعت جو خاص ماڻهو ۽ مدرسه دارالهديٰ جو معاون ۽ آخر عمر تائين پاڻ مدرسه جي مجلس شوريٰ جو ميمبر رهيو. حڪيم عبدالرحمان بتاريخ 12 آڪٽوبر 2006ع ڏاري وفات ڪئي. کيس مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ دفن ڪيو ويو.

## مرحوم حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري

حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري 5 مارچ 1933ع تي ڳوٺ الهه ڪاهي ديهه ڳاڙهو صدر جي هڪ غريب گهراڻي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم مسلم پرائمري اسڪول مسڻ ۽ ميٽرڪ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان پاس ڪيائين. طب جي شعبه ۾ پاڻ "اعظم طبيه ڪاليج حيدرآباد" مان فارغ التحصيل ٿيو. سن 1980ع ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان گڏ دارالعلوم ديوبند انڊيا جو سفر به ڪيائين. پاڻ ڪافي وقت مسڻ وڏي جي شاهي بازار ۾ حڪمت خانو به هلايائين. ان ڪان علاوه حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي نالي تي "ڪريمي فائونڊيشن مسڻ وڏي" قائم ڪري مسڻ ۽ آسپاس جي غريب، مسڪين ۽ ڏتڙيل مارو ماڻهن جي خوب مدد ڪيائين. ياد رهي ته "ڪريمي فائونڊيشن مسڻ وڏي" ادارو هن وقت ڊاڪٽر عبدالرحمان ولد مرحوم حاجي عبدالله لغاري جي زير نگراني هلي رهيو آهي. حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري بتاريخ پهرين آگسٽ 2000ع بروز اڱارو تي وفات

ڪئي. ڪيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## مرحوم استاد سهراب خان ولد عبدالله لغاري

استاد سهراب خان ولد عبدالله لغاري **1934**ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم مسلم مين سنڌي پرائمري اسڪول مسڻ وڏي مان ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان حاصل ڪيائين. پاڻ جن استادن وٽ پڙهيو انهن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ صوفي محمد صديق لغاريؒ، حاجي عبدالله عمراڻي، ملهاڏنو جوهو، نذر محمد عباسي ميرپورخاص وارو شامل آهن. مرحوم استاد سهراب خان لغاري کي سنڌس استاد جي معرفت **1954**ع ڌاري پرائمري ٽيچري جي نوڪري ملي. پاڻ **1971**ع واري جنگ دوران اسلام ڪوٽ ۾ پڙهايائين. ان کان علاوه پاڻ پرائمري اسڪول ڳوٺ مير محمد لغاري لڳ ريلوي ڦاٽڪ ميرپورخاص ۾ به استاد ٿي رهيو. مرحوم استاد سهراب خان **1980**ع ڌاري گورنمينٽ مسلم مين پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۾ استاد مقرر ٿيو جتان **1986**ع ڌاري رٽائرمينٽ ڪيائين. پاڻ سن **1957**ع ڌاري شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس چئن پٽن هر هڪ مدد علي، ممتاز علي، منور علي، عبدالرشيد ۽ پنجن نياڻين جو اولاد ٿيو. استاد سهراب خان لغاري رمضان شريف جي مهيني ۾ليلة القدر جي رات بتاريخ **28** فيبروري **1998**ع ڌاري وفات ڪئي. ڪيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## مرحوم رئيس محمد خان پٽيل لغاري بلوچ

سنڌس پورو نالو محمد خان ولد رئيس هاشم خان هو. پاڻ مسڻ وڏي ۾ سن **1939**ع ڌاري جنم ورتائين. رئيس محمد خان پٽيل صرف چار درجا سنڌي پڙهيل هو جيڪي پاڻ مسڻ وڏي مان پڙهيائين. حضرت

مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سندس استاد هئا. پاڻ ملڪي سياست ۾ بہ حصو ورتائين. يونين ڪائونسل مسڻ جو هڪ دفعو پاڻ وائيس چيئرمين ۽ ٻيو ڀيرو ڪائونسلر بہ ٿيو. پاڻ سياست جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت سان ڪيائين ۽ آخر دم تائين پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ رهيو. سياست جي ميدان ۾ مرحوم ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ ولد مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ (ان وقت صدر پيپلز پارٽي تعلقہ ٽنڊوالهيار) مخدوم ميون علي محمد ولهاري، پورل شاهہ سان گڏ رهيو. پاڻ آخر عمر ۾ پيپلز پارٽي ضلعي ٽنڊو الهيار جي بزرگ سياستدان محترم عبداللطيف مگريو (سابق ايم پي اي سنڌ اسيمبلي) سان وابستہ رهيو. رئيس محمد خان پٽيل هڪ سياستدان هئڻ سان گڏ سخي مرد بہ هو. ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي ڪرڻ جو ڪيس منفرد ڍانءُ هو. فيصلو اهڙي طرح ڪندو هو جو ٻئي ڌريون هميشہ هميشہ لاءِ ڪير ڪنڌ ٿي پنهنجا وير ۽ دشمنيون وساري ڇڏينديون هيون. رئيس محمد خان پٽيل بتاريخ **15** آڪٽوبر **2006**ع ڏاري مسڻ وڏي ۾ وفات ڪئي. ڪيس مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

# مرحوم رئيس حمزه خان ولد احمد خان لغاري

سندس پورو نالو حمزه خان ولد احمد خان لغاري هو. پاڻ مسڻ وڏي ۾ **1920**ع ڌاري پيدا ٿيو. رئيس حمزه خان کي خدا پاڪ ڌن ۽ دولت سان نوازيو هو. پاڻ نهايت ئي سخي ۽ گهڻيون خيراتون ڪندڙ، غريبن، يتيمن ۽ بيواهن جو هڏ ڏوکي هو. حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان سندس والهانہ محبت هوندي هئي. پاڻ جامع مسجد مسڻ وڏي جي تعمير ۾ بہ خوب حصو ورتائين. پاڻ پنهنجي زندگي ۾ هڪ شادي ڪيائين جنهن مان هڪ پٽ رئيس رحيم خان ۽ ٽن نياڻين جو اولاد ٿيو.

# مرحوم رئيس علڻ خان لغاري

سندس پورو نالو علي محمد عرف علڻ خان ولد حاجي محمد خان لغاري هو. سندس پيدائش 1929ع ڌاري ڳوٺ الهه ڪاهي جي ڪسي لڳ جرار ٽيپو ٽنڊو الهيار ۾ ٿي. سندس والد صاحب نهايت درويش صفت انسان هو. رئيس علڻ خان لغاري، حاجي محمد خان لغاري جو چوٿون نمبر پٽ هو. ڪيس ٻيا ڀائر رئيس ابراهيم خان، رئيس الهه بچايو خان، حاجي محمد هاشم، حاجي قاسم خان ۽ ٻه ڀينرون هيون. رئيس الحاج علڻ خان لغاري صوم و صلوات جو پابند، نيڪ نمازي، غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ مسڪينن جو پرجهلو رهيو. ڪيس سنا دوست رکڻ، بنگلا ناهڻ، مهانگيون گاڏيون استعمال ڪرڻ جو شوق رهندو هو. الله پاڪ ڪيس تمام گهڻي ڌن دولت، مال ملڪيت سان نوازيو هو. سندس شمار سنڌ جي امير ترين ماڻهن ۾ ٿيندو هو. پاڻ پنهنجي زندگي ۾ ڏهه عمرا، ۽ تقريبن ڇهه حج ڪيائين. ڪيس مائٽاڻي زمين 160 ايڪڙ هئي. سندس ذاتي زمين 3000 ايڪڙ جي لڳ ڀڳ هئي. پاڻ سن 1950ع ڌاري پنهنجي نالي سان هڪ الڳ ڳوٺ بہ آباد ڪيائين. سندس بهترين دوستن ۾ حرن جو روحاني پيشوا ستون پير پاڳارو حضرت پير شاهه مردان شاهه ثانيؒ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، سابق وزيراعظم پاڪستان محمد خان جوڻيجو، غلام مصطفيٰ جتوئي، ڄام صادق علي، خانبهادر بهادر خان وساڻ، حاجي نجم الدين سريوال، سردار ملڪ اسد سڪندر، مخدوم طالب المولىٰ، پير غلام رسول شاهه جيلاني، مير علي احمد خان ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، جي ايم سيد، رئيس حاڪم علي زرداري، جسٽس سيد سجاد علي شاهه، سنڌ جو ڪلاسيڪل وڏيرو شاهنواز جوڻيجو ڪان علاوه ٻيا ڪيترائي سندس گهرا دوست هوندا هئا. رئيس حاجي علڻ خان لغاري ڪل ٻہ شاديون ڪيون. جنهن مان پهرين شادي مان ڪيس هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. سندس وفات 25 جنوري 2008ع ڌاري آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ ٿي. سندس جنازي نماز مرحوم مولوي خليل احمد ولد عبداللطيف لغاري ڳاڙهو صدر واري پڙهائي. ڪيس مقامي قبرستان ”اسحاق شاهه“ ۾ دفن ڪيو ويو. (هي

معلومات ڏاڏا علي نواز لغاري ڳوٺ رئيس علڻ خان لغاري لڳ لانڊي شاخ کان مليل)

## مرحوم محمد عثمان جٽ

سندس پورو نالو محمد عثمان ولد سکندر جٽ هو. پاڻ هندستان جي ضلع فيروزپور ۾ سن **1920**ع ڌاري ڳوٺ ياري والا مشرقي پنجاب ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اڻ پڙهيل هو. البت نماز، روزي جو پابند هوندو هو. پاڻ ڪُشتي جو مشهور پهلوان هو. محمد عثمان جٽ اصل ۾ سڌو جٽ گوت برال هو. پاڻ مذهبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. مشهور بين الاقوامي ڪُشتي پهلوان گاما پهلوان جو شاگرد هو. گاما پهلوان مشهور سياسي ليڊر وزيراعظم پاڪستان ميان نواز شريف جي ڏاڏي جو سڳو سئوٽ هو. گاما پهلوان امرتسر ضلع ڳوٺ جٽي امراءَ جو رهاڪو هو. هي اصل ڪشميري بٽ هو جيڪي لوهارڪو ڌنڌو ڪندا هئا. محمد عثمان جٽ جي زندگي جو هڪ يادگار واقعو آهي ت سن **1946**ع ڌاري فيروزپور فوجي ڇانوڻي ۾ انگريز سرڪار طرفان ديسي ڪُشتين جو مقابلو ٿيو. اتي ٻ سياسي حريف هڪ مسلم ليگ جو نواب افتخار ممدوٽ پنهنجو سک پهلوان سورتي سنگهہ آندو، جنهن جو وزن ٻ مڻ **28** ڪلو هو. ٻيو ڪانگريسي ليڊر غلام سرور بودلہ پهلوان محمد عثمان جٽ آندو. جنهن جو وزن ٻ مڻ **10** ڪلو هو. ٻنهي پهلوانن سورتي سنگهہ ۽ محمد عثمان جٽ جي وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو. ٽن ڏينهن تائين ٻنهي پهلوانن ۾ مقابلو هلندو رهيو پر ڪوبہ حتمي فيصلو ن ٿي سگهيو. انگريز سرڪار محمد عثمان جٽ کي سورتي سنگهہ کان گهٽ وزن هوندي ب سخت مقابلو ڪندي فاتح قرار ڏيندي وڏي انعام سان نوازيو. سورتي سنگهہ عثمان کان پڇيو ت تون گهٽ وزن هوندي مون کان هارجي ن سگهين؟ محمد عثمان ان جو سبب مسلمان هجڻ ٻڌايو. وڌيڪ چيائين ڪلمي جي ڪري تون مون کي هارائي ن سگهين. انهي ڳالهہ کان متاثر ٿي ڪري هفتي بعد سورتي سنگهہ مسلمان ٿي ويو. محمد عثمان جٽ کي ”خانا پهلوان“ ڪري سڏيندا هئا. محمد عثمان

جڻ جي وفات 21 آگسٽ 1995ع ڌاري ٿي. کيس مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## مرحوم محمد بچل ملاح

مرحوم محمد بچل ملاح 1943ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. سندس والدين سندس ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويا. اهڙي ريت پاڻ يتيمي واري زندگي ۾ وڏي وڏو ٿيو. کيس هڪ پيٽ ۾ ٿي پيائر هئا جيڪي علم جي زيور کان بلڪل محروم هئا. سندس خانداني وابستگي ٽنڊي الهيار جي مشهور ولهاري خاندان سان رهي آهي. پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ قائم ٿيڻ شرط ڪارڪن طور شامل ٿيو. مرحوم محمد بچل ملاح پنهنجي دوست محمد صديق ولد خان محمد لغاري جي محنتن سان ابتدائي سنڌي درجا پڙهي پورا ڪيائين. مرحوم محمد بچل ملاح نه صرف هڪ سماجي ورڪر ۽ ڳوٺ سڌارڪ ڪارڪن هو، پر گڏوگڏ ملاح برادري کي متحد ڪرڻ لاءِ پڻ جاکوڙيندو رهيو، انهي سلسلي ۾ سنڌ ترقي پسند ملاح تنظيم جوڙي مسڻ وڏي ۾ مذڪوره تنظيم جا ٻه وڏا ڪامياب جلسا ڪرايائين. پٽ شاهه جي جلسي ۾ ناليواري اديب تاجل بيوس هٿان کيس ميڊل به مليو. محمد بچل ملاح ڪينسر جي بيماري وگهي 12 مئي 2011ع ڌاري وفات ڪئي. کيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

## مرحوم محمد عثمان لوهار

مرحوم محمد عثمان لوهار ولد مرحوم محمد بچل لوهار مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. مرحوم محمد عثمان لوهار گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي مان پنج ڪلاس پاس ڪيائين. پاڻ غربت ۽ مسڪيني جي ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو، ۽ پنهنجو اباڻو ڌنڌو لوهارڪو ڪرڻ لڳو. لوهارڪي ڌنڌي ۾ پاڻ تمام گهڻو ماهر ڪاريگر هو. سندس ناهيل ڪوڏرون سنڌ توڙي پنجاب تائين وڪرو

ٿينديون هيون. ان کان سواءِ ڪاماري شريف جا قريشي بزرگ سجاده نشين حضرت پير محمد ابراهيم خليل قريشيؒ ۽ حضرت پير محمد اسماعيل صادق قريشيؒ وٽائنس آرڊر تي ڪوڏرون ۽ لوهه جو ٻيو سامان ٺهرائيندا هئا. مرحوم محمد عثمان لوهار آخري دم تائين حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو خاص عقيدتمند ٿي رهيو. پاڻ صوم و صلوات جو پابند، حلال روزي تي صبر، شڪر ڪندڙ انسان هو. ڪيس ستن پٽن هر هڪ خليل احمد، عبدالرحمان، سليم احمد، اسلم، اعجاز احمد، امجد علي، محمد يامين ۽ ستن نياڻين جو اولاد ٿيو. محمد عثمان لوهار بتاريخ ڇهين جنوري 2012ع ڌاري 77 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، ڪيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## مرحوم محمد حنيف جٽ

مرحوم محمد حنيف ولد محمد عثمان جٽ سن 1946ع ڌاري ڳوٺ ياري والا تحصيل فيروزپور مشرقي پنجاب (هندستان) ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم ۽ ميٽرڪ مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. اعليٰ تعليم جي لاءِ پاڻ اسلام آباد به ويو. پاڻ ڳوٺ جي سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ به خوب حصو ورتائين. حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري، مولانا عبدالڪريم لغاري ۽ ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ سندس استاد هئا. مرحوم محمد حنيف جٽ لاهور مان شادي ڪئي جنهن مان ٽن پٽن ناصر علي، غلام مصطفيٰ، غلام مرتضيٰ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. پاڻ 62 سالن جي عمر ۾ ڇنڇر ڏينهن بتاريخ پهرين نومبر 2008ع ڌاري پي. اين شفا اسپتال ڪراچي چانوٽي ۾ وفات ڪيائين. سندس تدفين مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ ٿي. سنڌ ۽ پنجاب جي جٽ قبيلي ڪيس ”سنڌ جو سورمون“ جو خطاب ڏنو هو. پاڻ يتيمن جو غمخوار، بيواهن، مسڪينن ۽ لاچارن جو پرجهلو هو. ۽ هر ڏکي ويل پاڙيسرين جي سارسنڀال ڪندو رهندو هو. جي ايچ ڪيو سان سندس گهرا لاڳاپا هئا. جي ايچ ڪيو ۽ آرمي ۾ اعليٰ عهدن تي فائز

سندس دوستن جو حلقو به تمام وسيع هو. انهن مان هڪ ڪرنل برقي به هو جنهن سنڌ صوبي مان ڏاڙيل ڪلچر کي ختم ڪيو.

## مرحوم حاجي علي نواز ملڪ

مرحوم علي نواز ولد حاجي جمال الدين مرحوم هندستان جي رياست پٽياله ۾ **1926**ع ڌاري پيدا ٿيو. **1947**ع واري ورهاڱي دوران پاڻ پاڪستان لڏي آيو. پاڪستان ۾ مسڻ وڏي ٽنڊو الهيار ۾ مستقل رهائش پذير ٿيو. پاڻ ٻني ٻاري سان وابسته رهيو. کيس سرڪار طرفان ڪليم ذريعي زمين جو ڪجهه ٽڪڙو به عنايت ٿيو. ان کان علاوه پاڻ پنهنجي هڙان وڙان ڪوشش ڪري چوويهن ايڪڙ زمين مان وڌائي اسي ايڪڙ زمين خريد ڪيائين. کيس ڇهن پٽن ۽ ٽن ڌيئرن جو اولاد ٿيو. حاجي علي نواز ملڪ بتاريخ 2 ڊسمبر 2002ع ڌاري وفات ڪئي. کيس مسڻ وڏي جي مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ دفن ڪيو ويو.

## مرحوم شاهنواز ملڪ

مرحوم شاهنواز ملڪ ولد محمد يوسف ملڪ متحده هندستان جي شهر پٽيالا ۾ **1923**ع ڌاري پيدا ٿيو. **1947**ع جي ورهاڱي دوران پاڻ پنهنجي جنم ڀوميءَ کي خيرآباد چئي پاڪستان ڏي لڏ پلاڻ ڪيائين. پاڪستان ۾ هن مسڻ وڏي کي پنهنجو مسڪن بنايو. مسڻ وڏي ۾ آباد ٿيندي ئي ڪپڙي جو واپار ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪپڙي جي واپار کان علاوه کيس حڪومت پاڪستان طرفان ليز تي **28** ايڪڙ زرعي زمين به ملي. کيس ٽن نياڻين کان علاوه ڇهن پٽن جو اولاد ٿيو. پاڻ بتاريخ **10** سيپٽمبر **2003**ع ڌاري وفات ڪيائين. کيس مقامي قبرستان ”عبدالله فقير“ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

# جي مري ٿيا ن مات

حڪيم سوڀو خان لغاري، احمد خان گبول، ڪاڪا محمد لغاري، رئيس محمد خان پٽيل لغاري، رئيس صالح خان لغاري، رئيس مجيري محمد هاشم خان لغاري، رئيس مجيري عبدالرحمان لغاري، رئيس ڪامريڊ عبدالرحمان لغاري، رئيس شهمير خان لغاري، رئيس حمزو خان لغاري، رئيس حمزو خان ولد احمد خان لغاري، رئيس نورمحمد خان ولد احمد خان لغاري، رئيس عرس خان ولد گل محمد خان لغاري، رئيس محمد علي خان لغاري (پيري)، رئيس حاجي محمد اسماعيل خان لغاري، رئيس علي احمد خان لغاري، رئيس مزار خان لغاري، رئيس سهراب خان لغاري، رئيس غلام علي لغاري، رئيس محمد شفيع خان لغاري، رئيس محمد خان ولد حاجي غلام محمد لغاري، رئيس جمال خان لغاري، رئيس خان محمد لغاري، رئيس عباس خان لغاري، رئيس گلشير خان لغاري، رئيس ابراهيم خان لغاري، رئيس جان محمد خان لغاري، رئيس ابراهيم خان ولد شهلي خان لغاري، رئيس محمود خان لغاري، رئيس هوت خان لغاري، رئيس محمد حسن لغاري، رئيس الهيار خان لغاري، رئيس محمد عثمان لغاري، رئيس محمد هاشم لغاري، رئيس موسيٰ خان لغاري، رئيس گل محمد لغاري، رئيس محمد يوسف خان لغاري، رئيس سونو خان لغاري، رئيس سومار خان لغاري، مرحوم ساجد علي ولد حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري، مرحوم محمد صديق لغاري، مرحوم غلام قادر لغاري، مرحوم عبدالڪريم ولد محمد يوسف لغاري، مرحوم دين محمد شيخ، مرحوم محمد عثمان ولد محمد بچل لوهار، مرحوم محمد بچل ملاح، مرحوم محمد عمر ملاح، مرحوم محمد عرس ملاح، مرحوم حاجي محمد حسين عرف ڪارو ملاح، مرحوم محمد طاهر ملاح، مرحوم الهرڪيو ملاح، مرحوم محمد يوسف ملاح، مرحوم محمد ملاح، مرحوم سانوڻ ملاح، مرحوم پنهون ملاح، مرحوم گل محمد ملاح، مرحوم ڪبڙ ملاح، مرحوم عبدالله لغاري، مرحوم غلام مرتضيٰ ولد محمد عثمان لغاري، مرحوم سيٺ محمد اڪبر لغاري، مرحوم علي خان

لغاري (هوٽل وارو)، مرحوم محمد يعقوب لغاري، مرحوم بشير خان ولد دولت خان لغاري، مرحوم عبداللطيف ولد بخش علي لغاري، مرحوم ماڻک خان ولد بهار خان لغاري، مرحوم بهادر لغاري، مرحوم رياض احمد ولد حمزو خان لغاري، مرحوم مجيب الرحمان ولد استاد خان محمد لغاري، مرحوم استاد محمد اسماعيل ذبيح ولد نظر علي لغاري، مرحوم مُلا محمد رحيم لغاري مؤذن محمدي مسجد مسڻ وڏي، مرحوم عبدالحق کنيار، مرحوم علي محمد کنيار، مرحوم محمد عرس کنيار، مرحوم ولي محمد کنيار، مرحوم محمد قاسم کنيار، مرحوم محمد حسين کنيار، مرحوم عبدالرحيم کنيار، مرحوم طاهر کنيار، مرحوم محمد هاشم کنيار، مرحوم محمد عمر کنيار، مرحوم مير محمد کنيار، مرحوم محمد خان کنيار، مرحوم احمد خان کنيار، مرحوم جمال ولد حاجي سونهارو سمون، مرحوم عبدالرشيد سمون، مرحوم حافظ وسند سمون، مرحوم احمد خاصخيلي، مرحوم سيٺ محمد صديق ملک، مرحوم شاهنواز ملک، مرحوم فضل الدين ملک، مرحوم علي نواز ملک، مرحوم وڪيل احمد ملک، مرحوم عبدالغني ملک، مرحوم خليل احمد ملک (درزي)، مرحوم فتح محمد ملک، مرحوم محمد عثمان جٽ، مرحوم محمد حنيف جٽ، مرحوم عبدالعزيز جٽ، مرحوم عبدالجبار جٽ، مرحوم نورحسن ملک، مرحوم صوفي شريف ملک، مرحوم حاجي محمد يوسف عمراڻي، مرحوم محمد صديق عمراڻي، مرحوم ڏٽي بخش عمراڻي، شهيد نور محمد اوٺو، شهيد ماما شوڪت علي لغاري، شهيد اسد حيات لغاري، شهيد تنوير احمد ولد جمع خان لغاري، شهيد محمد انور ولد گل محمد ملاح، شهيد ارباب ملاح ولد گل محمد ملاح، شهيد رحمت الله عمراڻي، سرڳواسي چيلو مل سوٿهڙ، سرڳواسي گيهي مل سوٿهڙ، سرڳواسي هرچند مل سوٿهڙ، سرڳواسي ڪرشن مل سوٿهڙ، سرڳواسي ڏاڙهون مل مينگهواڙ، سرڳواسي مرچو مل مينگهواڙ، سرڳواسي ڏنو مل مينگهواڙ، سرڳواسي ڪرشن مل مينگهواڙ.

# مقامي علماءِ ڪرام

## مولانا محمد يامين شورو

مولانا محمد يامين شورو مسڻ وڏي ۾ مرحوم مولانا عبدالرحمان شوريؒ جي گهر ۾ بتاريخ 16 اپريل 1959ع ڌاري جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. ننڍي هوندي پاڻ پنهنجي والد صاحب مولانا عبدالرحمان شوريؒ سان مسڻ وڏي جي جامع مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويو جتي حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سندس ٻانهن ڪان جهلي سندس والد صاحبؒ کي چيو ته ”هي ٻانهن مون کي ڏيو.“ مولانا عبدالرحمان شوريؒ پنهنجي مربي استاد حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ کي ڪلندي وراڻيو ته ”سائين اها ٻانهن آئي اوهان کي.“ ان ڏينهن کان مولانا محمد يامين شورو حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي زير تعليم و تربيت رهيو. پاڻ ديني تعليم مسڻ وڏي جي مدرسه دارالهديٰ مان حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ کان حاصل ڪيائين. مدرسه دارالهديٰ کان علاوه پاڻ سنڌ جي ٻين به ڪيترن ئي مدرسن مان علم حاصل ڪيائين. 1978ع ڌاري پاڻ مفتاح العلوم حيدرآباد مان فارغ التحصيل ٿيو. سندس استادن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري، حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري، حضرت مولانا مفتي عبدالغفار ڪٽپر، حضرت مولانا عبدالعزيز ٻانڊي قبي وارو، حضرت مولانا انور احمد عباسي، حضرت مولانا مفتي محمد صادق سومرو، حضرت مولانا مفتي نثار احمد لغاري ٽنڊو محمد خان، شيخ الحديث حضرت مولانا جمال الدين تعلقه صوابي ضلع مردان، علامه بحرالعلوم پناڻ، مولانا عبدالرئوف مهاجر ۽ مولانا سيد وصي مظهر ندوي اچي وڃن ٿا. پاڻ سنڌ ۽ هند جي جن مشهور و معروف شخصيتن سان وقت بوقت ملاقاتون ڪيائين انهن ۾ حضرت مولانا اسعد مدنيؒ (شيخ الاسلام سيد حسين احمد مدنيؒ جو وڏو

فرزند ۽ قائد جمعيت علماءِ هند)، شيخ السند مولانا عبدالحق ربانيؒ، مولانا محمد خان نوحاڻي (فاضل ديوبند) ڪنگورو، مولانا قاري عزيز احمد نيڙهي، مولانا عبدالله چانڊيو رتو ديرو، مولانا سلطان احمد جتوئي رتوديرو، مولانا عبدالعزيز سومرو رتو ديرو، مولانا عبداللطيف مهر سکر، مولانا عبدالمالڪ ڪانڌيلوي، مولانا محمد مراد انڙ هاليجوي، مولانا محمد يوسف لڏيانوي، مولانا عبدالرحمان سومرو جنهاڻ سومرو، مولانا محمد اسماعيل پنهور ٽنڊو غلام علي، مولانا محمد عالم پنهور پينڊو شريف، مولانا مفتي محمودؒ، قائد جميعت مولانا فضل الرحمان، اڳوڻو سينيٽر ڊاڪٽر خالد محمود سومرو، مولانا حافظ محمد اسماعيلؒ ڪڏي ڪراچي وارو، مؤرخ هندستان قاضي اطهر مبارڪپوري، حضرت مولانا مفتي زرولي خان، شيخ سليم الله خان صاحب، مولانا احترام الحق ٿانوي، مولانا تنوير الحق ٿانوي، مفتي وجيهہ الدين مدرسہ مظاهر العلوم حيدرآباد، مولانا عزيزالله جروارؒ پنو عاقل (شاگرد امام انقلاب علامہ عبيدالله سنڌيؒ)، علامہ غلام مصطفيٰ قاسميؒ، مولانا عبدالغفور قاسمي، حضرت مولانا محمد شاهہ امروٽيؒ، شهيد ملت اسلاميہ علامہ علي شير حيدريؒ، حضرت مولانا عبدالڪريم قريشيؒ بير شريف وارو، حضرت مولانا محمد حسن عباسيؒ (جنهن سان پاڻ قادري سلسلي ۾ بيعت ڪئي اٿس)، حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، حضرت مولانا محمد قاسم سومرو، حضرت مولانا مفتي محمد ادريس سومرو، حضرت مولانا عبدالصمد هاليجوي، مولانا محمود حسن ڪڏي ڪراچي وارو، مولانا حافظ غلام مصطفيٰ راڄپر، مولانا محمد اسحاق ڪڏي ڪراچي وارو، علامہ محمد صديق ولي اللاهيؒ، محترم جي ايم سيد، شهيد ابن شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، عوامي تحريڪ جو اڳواڻ رسول بخش پليجو، دودو مهيري، جسقم چيئرمين عبدالواحد آريسر، حفيظ قريشي، ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي، اياز لطيف پليجو، ڪامريڊ جام ساقي، علي احمد بروهي، ڊاڪٽر سليمان شيخ، تاج جويو، ارباب نيڪ محمد نهڙي، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نظام الدين هاليپوٽو، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ڪامريڊ روچيرام وڪيل، حافظ محمد صديق ميمڻ ڪراچي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. مولانا

محمد يامين شورو سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي جو ڄاڻو، عالم، اديب ۽ بهترين شاعر آهي. مولانا محمد يامين شورو فاضل درس نظامي، فاضل وفاق المدارس العربيه، ايم اي عربي سنڌ يونيورسٽي آهي. هن وقت مولانا محمد يامين شورو هڪ ئي وقت گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ اوٽيهين گريڊ ۾ عربڪ ليڪچرار، 1995ع کان ناظم مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي، 1989ع کان جامع مسجد مسڻ وڏي جو خطيب، 1992ع کان اشاعت العلوم لائبريري جو انچارج، سنڌ جي ڪيترين ئي لائبريرين ۽ ادارن جو ميمبر آهي. سنڌ جي سيني اخبارن، رسالن کان علاوه سعودي عرب جي مجله الحرس الوطني رياض، هفتيوار الشرق رياض، هفتيوار سيدتي جده، الرائد لکنئو انديا، ماهوار الصادق سنڌي ڪراچي، سه ماهي منبر الاسلام اردو ڪراچي لاءِ مضمون ۽ مقالا لکندو رهندو آهي. جيڪي وقت بوقت شايع ٿيندا رهندا آهن. سندس ڇپيل مضمونن جو تعداد 200 کان مٿي آهي. پاڻ "خادم سنڌي" جي تخلص سان شاعري به ڪئي اٿس. شاعري ۾ سندس استاد حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ۽ حافظ محمد احسن چنڙؒ آهن. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ ۽ مرتب به آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ سفرنامه حج بابت لکيل مشهور و معروف تصنيف "مسڻ کان مديني تائين"، پنهنجي استاد ۽ مربي حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري جي زندگي بابت لکيل ڪتابچو "حالات زندگي حضرت مولانا عبدالڪريم لغاري"، "پير اشرف شاهؒ جو رسالو"، دو وايه ۽ ٽه وايه طرز تي لکيل ابتدائي عربي ڪتاب "مفردات عربيه" شامل آهن. هن وقت امام انقلاب علامه عبيدالله سنڌيؒ جي ڪتاب "التمهيد جو سنڌي ترجمو"، "دارالعلوم ديوبند جا سنڌي فضلاءَ"، "تاريخ جا روشن باب" سندس زير تصنيف ڪتاب آهن. ان کان سواءِ پاڻ سورت يوسف جي تفسير احسن القصص جو سنڌي ترجمو ۽ تعليم الاسلام جو عربي ترجمو به ڪيو اٿس جيڪي قلمي صورت ۾ وٽس موجود ۽ محفوظ آهن. مولانا محمد يامين شوري کي ٽن پٽن هر هڪ فهيم الدين (راقم الحروف)، وسيم الدين، حافظ نعيم الدين عرف صدام شورو ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. سندس وڏو فرزند فهيم الدين درس نظامي جي ڇهين جماعت جي طالب العلم هئڻ سان گڏ گورنمينٽ

مڊل اسڪول ڪامارو شريف ۾ عربڪ ٽيچر، جڏهن تہ مولانا صاحب جو ٻيون نمبر فرزند وسيم الدين مهراڻ يونيورسٽي ۾ ٿرڊ ييئر جو شاگرد ۽ سندس آخري فرزند نعيم الدين عرف صدام شورو قرآن مجيد جو ياد حافظ بہ آهي ۽ گڏوگڏ سنڌ يونيورسٽي جي اليڪٽرانڪ ڊپارٽمينٽ ۾ ٿرڊ ييئر جو شاگرد بہ آهي.

# مولانا محمد حسن لغاري

مولانا محمد حسن ولد گل محمد لغاري ڳوٺ غلام علي لغاري ۾ جنم ورتو. پاڻ شروعاتي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. اجا پاڻ نائين ڪلاس ۾ پڙهندڙ هو تہ ڪيس ديني علم پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. پاڻ ديني تعليم جي اڄ اجهائڻ لاءِ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي قائم ڪيل ديني مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ داخل ٿيو جتي پاڻ ٻين استادن کان علاوه حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ وٽان علم حاصل ڪيائين. آخر ۾ پاڻ سنڌ جي قديم ديني درسگاهہ جامع مدينة العلوم ڀينده شريف مان فارغ التحصيل ٿي مختلف مدرسن ۾ درس و تدريس جي مسند تي وينو. پاڻ 1995ع کان 2000ع تائين مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ بہ مدرس ٿي ديني تعليم پڙهايائين. مولانا محمد حسن لغاري تبليغي جماعت سان وابستہ هئڻ ڪري ٻاهرين ملڪن جو دورو بہ ڪري آيو آهي. مدرسہ دارالهديٰ مان ڇڏڻ بعد مولانا محمد حسن لغاري 2001ع ۾ مسڻ وڏي ۾ مدرسہ فاروق اعظمؓ جو بنياد وڌو جنهن ۾ اجا تائين مهتمم ۽ مدرس طور فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ياد رهي تہ اهو مدرسو مسڻ نندي جي زميندار محمد اشرف ميئو راجپوت جي زمين ۾ نزد گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۾ واقع آهي.

# مولانا محمد ابراهيم ڪنيار

مولانا محمد ابراهيم خليل ولد محمد هاشم ڪنيار مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ اورينٽل ڪاليج عالم پلي عمرڪوٽ، انٽر ڪان بي اي تائين علامه اقبال يونيورسٽي جي اورينٽل ڪاليج عالم پلي ڪئمپس مان، ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. ديني تعليم ۾ ناظره قرآن مجيد، پراڻو مروجه فارسي ڪورس ۽ عربي ۾ موقوف عليه تائين مسڻ وڏي جي قديم ديني درسگاهه مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ پڙهيو. سندس استادن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ حضرت مولانا مفتي عبدالغفار ڪٽپر، شيخ الحديث حضرت مولانا جمال الدين صوابي شامل آهن. پاڻ دوره حديث مدرسه عربيه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ ڪيائين ۽ اتان ئي فارغ التحصيل ٿي نڪتو. مولانا محمد ابراهيم خليل طب شعبي ۾ ايم اي ڊي ميڊيڪل ڪاليج سکر مان پاس ڪئي. پاڻ نه صرف هڪ عالم دين آهي پر گڏوگڏ هڪ بهترين حڪيم به آهي. هن وقت پاڻ گورنمينٽ مڊل اسڪول ڳوٺ رئيس علڻ خان لغاري ۾ اوٺيهين گريڊ ۾ عربي ٽيچر طور تعليمي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. مولانا محمد ابراهيم خليل شادي به ڪئي. ڪيس هڪ پٽ سيف الله ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي.

# مولانا مير محمد لغاري

مولانا مير محمد عاجز ولد رئيس محمد خان لغاري مسڻ وڏي ۾ **25** مئي **1960**ع ڏاري پيدا ٿيو. سندس ڏاڏي جو نالو حاجي غلام محمد لغاري آهي جيڪو جامع مسجد مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي جو جهونو جماعتي ۽ مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو خاص عقيدتمند هو. مولانا مير محمد لغاري ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان ۽ ديني تعليم جي شروعات مدرسه دارالهديٰ کان ڪئي. حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم

لغاري، مولانا مفتي محمد تقي عثماني ۽ مولانا مفتي رفيع عثماني سندس قابل استاد رهيا آهن. پاڻ دارالعلوم ڪراچي مان **1988**ع ڌاري فارغ التحصيل ٿيو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد ڪيترن ئي مدرسن ۾ مدرس طور رهيو. مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۽ مدرسه فاروق اعظم مسڻ وڏي ۾ به پڙهائي چڪو آهي. مولانا صاحب کي هڪ پٽ محمد جو اولاد آهي.

# مقامي سگهڙ، شاعر ۽ اديب

## مرحوم محمد عثمان مانجهي

سندس پورو نالو محمد عثمان ولد عبدالحق ڪنيار هو ۽ سندس تخلص "مانجهي مسٽائي" رهيو. سندس جنم مسڻ وڏيءَ ۾ انتهائي غريب گهراڻي ۾ 16 جون 1943ع ڌاري ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. تعليمي ميدان ۾ پاڻ گريجوئيٽ هو. حڪومت سنڌ طرفان ڪيس تعليم کاتي ۾ پرائمري ٽيچر جي ملازمت ملي ۽ مختلف وقتن تي پاڻ ممتحن (ايگزامنر)، سپروائيزر ۽ گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي جو هيڊ ماستر به رهيو. بعد ۾ پاڻ تعليم کاتي مان رٽائرڊ ٿيو ۽ پوسٽ آفيس مسڻ وڏي جو پوسٽ ماستر پڻ رهيو. محمد عثمان مانجهي جو تعلق هر وقت مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۽ انجمن اشاعت العلوم لائبريري سان رهيو. ڪيس جامع مسجد مسڻ وڏي جي جماعت ۾ هڪ خاص نمايان حيثيت حاصل رهي. پاڻ جماعت جي جهونن مان هڪ هو. محمد عثمان مانجهي هڪ بهترين مدبر، سگهڙ، شاعر ۽ اديب هو. محمد عثمان مانجهي شاعري جي شروعات 1963ع کان ڪئي. پاڻ سنڌ جي مختلف مشاعرن ۾ به شريڪ رهيو. ان کان علاوه پاڻ سنڌي ادبي سنگت (ساس) ضلعي ٽنڊي الهيار جو به ميمبر هو. مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي جي مجلس شوريٰ جي ميمبر هئڻ سان گڏ مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي جي ڪاميٽي جو عهديدار به هو. محمد عثمان مانجهي نه صرف هڪ سگهڙ ۽ شاعر هو پر گڏوگڏ هڪ ماهر تعليمدان به هو. سندس وفات تازو ئي 28 سيپٽمبر 2013ع ڌاري بروز ڇنڇر جي ڏينهن گڙدن جي تڪليف جي ڪري ٿي. ڪيس

سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. ڪيس ٻن پٽن هر هڪ عبداللطيف، منصور احمد ۽ پنجن نياڻين جو اولاد هو. سندس وڏو پٽ عبداللطيف ڪنڀار سول اسپتال ٽنڊو الهيار ۾ ليبارٽري ٽيڪنيشن طور صحت کاتي ۾ ملازمت سان وابسته آهي.

# مرحوم بيوس محمد باقر لغاري

سندس پورو نالو محمد باقر ولد محمد عثمان لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي ۾ **25** مارچ **1956**ع ڌاري پيدا ٿيو. بيوس محمد باقر نه صرف هڪ تعليمي ماهر آهي پر بهترين شاعر به آهي. شاعري ۾ سندس تخلص "بيوس" آهي. شاعري ۾ غزل صنف کي وڏيڪ پسند ڪندڙ بيوس محمد باقر کي "غزل" چوڻ جو منفرد ڏانءُ آهي. بيوس تخلص هجڻ بابت سندس چوڻ آهي ته انسان هوندو ئي بيوس آهي ۽ بيوس ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. بيوس محمد باقر ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان ۽ بي. اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي. ڪيس **11** جنوري **1975**ع تي تعليم کاتي ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ملازمت ملي وئي ۽ سندس تقرري گورنمينٽ نيشنلائزڊ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ ٿي. هن وقت تائين پاڻ ساڳئي اسڪول ۾ اوٺيهين گريڊ ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. پاڻ مسڻ وڏي جي تقريبن نئين ٿهي جو استاد رهيو آهي. هيٺ بيوس محمد باقر جي چيل پهرئين شعر جو ٿلهه پيش ڪجي ٿو جيڪو علم عروض جي بحر وزن کان هٽي ڪري جهونگار تي چيل آهي.

رڳو ياد مون کي تنهنجي تار آهي
پاتم پيچ توسان پرين پيار آهي

بيوس محمد باقر جو شاعري ۾ استاد مشهور و معروف شخصيت حڪيم جان محمد جهانگي آهي. ان کان علاوه پاڻ ڪجهه بحر وزن حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ کان به سکيائين. بيوس محمد

باقر اشاعت العلوم لائبريري ۾ مولانا محمد يامين شوري جي ميزباني ۾ ٿيل مشاعرن ۾ شرڪت ڪان علاوه سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي طرحي توڙي غير طرحي مشاعرن ۾ شريڪ ٿي چڪو آهي. سندس پسنديده استادن ۾ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو پاءُ صوفي محمد صديق لغاريؒ آهي. بيوس محمد باقر جي وفات جمعي جي ڏينهن 23 رمضان المبارڪ 1434هجري تي اسريٰ هاسپيٽل حيدرآباد ۾ ٿي. کيس بلڊ پريشر ۽ شگر جو عارضو رهندو هو. بلڊ پريشر ۽ شگر جي بلڪل LOW ٿيڻ ڪري سندس انتقال ٿيو. ياد رهي ته انهي دوران کيس ڊينگي بخار به ٿيو. سندس اچانڪ وفات تي مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي هر رهواسي کي تمام گهڻو دلي صدمو پهتو. سندس جنازي ۾ هر اک آلي رهي. کيس سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

# مرحوم هوت خان لغاري

هوت خان لغاري ولد حسين خان لغاري مسڻ وڏي ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. پاڻ مسڻ وڏي جو مشهور و معروف سگهڙ ٿي رهيو آهي. کيس ڏُور بيتن کان علاوه شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو ڪافي حصو برزبان ياد هوندو هو. پاڻ ڪچهري جو ڪوڏيو هو. ڏور بيتن ۽ شاهه لطيف کان علاوه ٻين شاعرن جا بيت، وايون ۽ شعر چئي ڪچهري کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو هو. پاڻ مهيني مارچ 2013ع جي آخري تاريخن ۾ وفات ڪيائين. کيس مقامي قبرستان "عبدالله فقير" ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

# خادم سنڌي

سندس پورو نالو مولانا محمد يامين ولد مولانا عبدالرحمان شورو آهي. پاڻ **1959**ع ڌاري مسڻ وڏي جي هڪ تمام غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو. مولانا محمد يامين شوري "خادم سنڌي" جي تخلص سان

شاعري ڪئي آهي. سندس شاعري جا اڻ ڇپيل مجموعا ”اداس رِيڪائون“، ”لاهوتي لڏي ويا“، ”لڙڪ لڪڻ نہ ڏين“، ”وڪريل موتي“ قلمي صورت ۾ وٽس موجود آهن. شاعري ۾ سندس استاد حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ ڪان علاوه سنڌ جو مشهور و معروف شاعر حافظ محمد احسن چنہؒ آهي. مولانا محمد يامين شورو جي زندگي ۽ ڪارنامن بابت جامع تحرير هن ئي ڪتابچي جي حصي ٽئين ”ماٺهو مسڻ جا مور سپ“ جي عنوان ”مقامي علماءِ ڪرام“ ۾ پڙهي سگهجي ٿي.

## خليل لغاري

خليل لغاري جو پورو نالو ميان خليل الرحمان لغاري (ايڊووڪيٽ) ولد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ آهي. پاڻ خليل لغاري جي تخلص سان شاعري ڪيائين. سندس شاعري جو اڻ ڇپيل مجموعو ”بياض خليل“ پونئيرن وٽ موجود آهي. ميان خليل الرحمان لغاريؒ بابت جامع مضمون هن ئي ڪتابچي جي حصي ٽئين ”ماٺهو مسڻ جا مور سپ“ جي عنوان ”مسڻ جا محسن“ ۾ شامل آهي.

## ظهير بابر

ظهير بابر جو پورو نالو ظهير الدين بابر ولد حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ آهي. سندس شاعري اڻ ڇپيل صورت ۾ وٽس محفوظ آهي. جنهن کي مستقبل ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جو پروگرام آهي. سندس شاعري مان ڪجھ هتي پيش ڪجي ٿو.

تو ڪلمي تي ڪئين ڪوس ڪيا،
مئخوار مون جڻ سپ پاءُ ڏنا،
پيار مان پيالا پيتا تنين،
تو زهر پريا انسانن ۾،
ڇڏ رندن کي مئخاني ۾.

محترم ظهير الدين بابر لغاري جي زندگي بابت جامع تحرير هن ڪتابچي جي ٽئين حصي ”ماڻهو مسڻ جا مور سپ“ جي عنوان ”مقامي سياسي، سماجي شخصيتون“ ۾ پڙهي سگهجي ٿي.

## استاد غلام قادر لغاري

استاد غلام قادر لغاري رٽائرڊ پرائمري استاد آهي. پاڻ ڳوٺ قاضي نور محمد لغاري لڳ مسڻ وڏي ۾ بتاريخ **15** آڪٽوبر **1945**ع ڌاري پيدا ٿيو. پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ ۽ ناظره قرآن مجيد بہ مقامي مسجد ۾ پڙهيائين. پاڻ سن **1963**ع ڌاري گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ پاس ڪيائين. سندس مربي استاد حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ استاد محمد اسحاق لغاري ٿي گذريا آهن. ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ڪيس **1964**ع ڌاري تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر طور ملازمت ملي وئي. پاڻ پنجويهہ سالن تائين مختلف اسڪولن ۾ تعليمي خدمتون ڏنائين. استاد غلام قادر لغاري **1989**ع ۾ پنهنجي ذاتي مجبورين سبب رٽائرمينٽ ورتي. هن وقت پاڻ پنهنجي ڳوٺ قاضي نور محمد لغاري ۾ مستقل رهائش پذير آهي. استاد غلام قادر صاحب سنڌ جو بهترين سگهڙ آهي. پاڻ ڪچهري جو ڪوڏيو آهي. مجلس ڪي پنهنجي سگهڙائپ ۽ مختلف شاعرن جي بيتن سان چار چنڊ لڳائي ڇڏيندو آهي.

## صاحب ديوان حڪيم جان محمد جهانگي

حڪيم جان محمد جهانگي مسڻ وڏي لڳ ڳوٺ غلام حيدر لغاري ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي ٿي درجا پڙهيل آهي. حڪيم جان محمد جهانگي بهترين سگهڙ، صاحب ديوان شاعر، علم نجوم ۽ علم جفر جو ماهر ۽ مشهور حڪيم آهي. شاعري ۾ سندس تخلص ”جهانگي“ آهي. پاڻ اشاعت العلوم لائبريري ۾ مولانا محمد يامين شوري جي ميزباني ۾ ٿيل مشاعرن ۾ شريڪ ٿيڻ کان علاوه سنڌ جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن

مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي. پاڻ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو خاص عقيدتمند آهي. هن وقت پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ غلام حيدر لغاري ۾ حڪمت خانو هلائڻ ڪان سواءِ معمولي زمينداري بہ ڪندو آهي. حڪيم جان محمد جهانگي علم نجوم تي هڪ ڪتاب بہ لکيو آهي جيڪو ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي. انشاءَ الله جلد ئي ڇپجي منظر عام تي اچي ويندو.

## خليل کوسو

محترم خليل احمد کوسو جيڪو هن وقت سنڌ جي پلوڙ شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو تنهن پنهنجي تعليم جي ابتدا مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي کان ڪئي. ان کان پوءِ ڪجهہ وقت ٽنڊي غلام علي جي مدرسي ۾ بہ پڙهيائين. بعد ۾ قاضي نور محمد لغاري جي مسجد ۾ ڪافي عرصو پيش امام رهيو. پاڻ نرالي طبيعت جو مالڪ ۽ خوش مزاج آهي. سندس شاعري جو مجموعو سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ڏکن ۽ سورن کان علاوه حمد، نعت، غزل، ڪافي، واقعاتي ۽ مزاحمتي شاعري تي مشتمل آهي. هن وقت ڪيترن ئي ٽي وي چينلز جهڙوڪ ڪي ٽي اين، مهراڻ، ڌرتي، سنڌ، آواز وغيره تان نشر ٿيندڙ ڪيترن ئي پروگرامن ۾ وقت بوقت نظر ايندو رهندو آهي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿيندڙ قومي فنڪشن، ادبي محفلن ۾ گهڻو ڪري ضرور شامل ٿي پنهنجي شاعري سان محفل کي گرمائي ۽ ماڻهن کي جهومائي ڇڏيندو آهي. سندس مزاحيہ شاعري بہ محفل کي ڏاڍو لطف اندوز ڪندي آهي. هن وقت پاڻ تعليم کاتي ۾ ملازمت سان وابستہ آهي.

## عبدالرحيم عبد لغاري

عبدالرحيم لغاري حاجي غلام محمد لغاري جي گهر ۾بتاريخ 15 جون 1964ع ڌاري جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي جي درسگاهن مسلم پرائمري اسڪول، اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان

حاصل ڪيائين. انٽر آرٽس گورنمينٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الھيار مان پاس ڪيائين. پاڻ بي.اي ڪان علاوه بي. ايڊ پروفيشنل ڊگري طور بہ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي اٿس. ڪيس سن 1987ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر طور نوڪري ملي وئي. سندس پھرين پوسٽنگ ڳوٺ تاج محمد بلوچ يوسي ڏاسوڙي ٽنڊوالھيار ۾ ٿي. ان ڪان علاوه پاڻ ٻين بہ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ پرائمري ٽيچر رهيو. پاڻ گورنمينٽ مسلم مين سنڌي پرائمري اسڪول مسڻ وڏي جو هيڊماستر بہ ٿي رهيو آهي. هن وقت پاڻ گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. عبدالرحيم ولد حاجي غلام محمد لغاري ”عبد“ جي تخلص سان شاعري بہ ڪئي آهي. شاعري جو ڪافي مجموعو وٽس قلمي صورت ۾ محفوظ آهي. ڪيس هڪ پٽ غلام محمد ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. سندس فرزند غلام محمد لغاري زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ زير تعليم آهي.

# نئين ٽهي جا شاعر۽ اديب

نواب سليم لغاري، عبدالجبار دانش لغاري، مختيار احمد لغاري، انيس ولي محمد ملاح، محمد قاسم ملاح، فهيم فدا شورو، سيف الله سيف شورو، ساگر وسيم شورو، فاروق رضا "ابن بابر" لغاري، بيوس ظهير احمد لغاري، گل محمد گل لغاري، غلام حسين تبسم ملاح، حافظ زوهيب احمد ڪنيار، ميرل لغاري، ساقي سجاد حسين لغاري، عبداللطيف ڪنيار.

# مقامي سياسي، سماجي شخصيتون

## مخدوم ميون علي محمد ولهاري

مخدوم ميون علي محمد ولهاري جو نسبي تعلق سنڌ جي مشهور اولياءَ الله هستي حضرت مخدوم ميون محمد صابر ولهاري رحمت الله عليہ سان آهي. سندس والد صاحب جو نالو مخدوم ميون لطف علي ولهاري هو، جيڪو زميندار طبقي سان تعلق رکندڙ هو. مخدوم ميين صابر ولهاريؒ جي اصل ذات سمون هئي. صاحب ولايت هئڻ جي ڪري سندس چهري مان نور جون لاٽون نڪرنديون هيون جنهن ڪري مخدوم ميين صابر ولهاري کي ”ٻرند“ چيو ويندو هو. ولهار خطي جو رهائشي هئڻ ڪري پاڻ ولهاري سڏجڻ لڳو. هي بزرگ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جي دور جو آهي. بلڪ ڪن ڪتابن ۾ آيل آهي تہ شاهه عبداللطيف ساڻس ملڻ جي لاءِ ولهار جي سرزمين تي ايندو هو. مخدوم ميين صابر ولهاري جي مدرسي جا کنڊرات اڄ بہ موجود آهن. مخدوم ميون علي محمد ولهاري جي خاندان سياست جي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو آهي. انهي ڳالهه ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ آهي تہ سياست کيس ورثي ۾ ملي آهي. سياست جي ميدان ۾ ڪيترائي لاها چاڙها اچڻ باوجود پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جو هميشہ وفادار ٿي رهيو آهي. هن وقت پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ٽنڊي الهيار جو صدر آهي ۽ عوام جي بي لوث ۽ بغير ڪنهن مفاد ۽ متيپيد جي خدمت ڪرڻ ۾يقين رکندڙ نوجوان سياستدان آهي.

## محترم عبداللطيف مڱريو

محترم عبداللطيف مڱريو صاحب جي مستقل رهائش مسڻ وڏي جي ڀر واري ڳوٺ مسڻ ننڍي ۾ آهي. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي

جي دور حڪومت ۾ سنڌ اسيمبلي جو ايم پي اي ٿي رهيو آهي. محترم عبداللطيف مگرئي صاحب 1967ع ۾ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ پاس ڪئي ۽ ون يونٽ جي دور ۾ سنڌ ماڊل ڪامرس ميرپورخاص ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخلا ورتي. ون يونٽ جي دور ۾ پاڻ شاگرد تنظيم تحريڪن جو حصو بنجي صدر ايوب جي مارشل لا دور ۾ ڊسٽرڪٽ نارا جيل، سينٽر جيل حيدرآباد ۽ سينٽرل جيل سکر ۽ سنڌ جي ٻين جيلن ۾ قيدي ٿيو. آخرڪار انهن تحريڪن رنگ لاتو ۽ سنڌ تان ون يونٽ جي ڪاري دور جو خاتمو آيو. تحريڪن جي ڪري سندس پڙهائي به تمام گهڻو متاثر ٿي ۽ انٽر ڪامرس ۾ هڪ سبجيڪٽ رهجي وڃڻ جي ڪري پاڻ انٽر آرٽس جو امتحان ايس ايم اسڪول ٽنڊو الهيار ۾ ڏنائين. اڳتي هلي ساڳئي ايس ايم اسڪول ٽنڊو الهيار ۾ ڪيس پي.ٽي.آءِ جي اگينسٽ نوڪري ملي وئي ان وقت هيڊماسٽر سيد اميد علي شاهه بخاري هو. پاڻ سياست جي ميدان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کي اوليت ڏنائين ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪيس پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٽنڊي الهيار جي بزرگ سياستدانن مان شمار ڪيو وڃي ٿو. پاڻ سنڌ اسيمبلي جو ايم پي اي ٿيندي ئي عوام جي بي لوث خدمت ڪرڻ کان علاوه ٽنڊي الهيار جي سمورن علائقن کي تعليمي ادارا، صحت مرڪز، روڊ رستا ۽ ٻيون سهوليتون ڏيئي هتي جي ماڻهن جون دلي طرح دعائون ڪٺيائين جنهن جي طفيل هتي جو عوام ڪيس عزت و احترام جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ سندس اعليٰ ڪردارن ۽ صفتن جو دلي طرح معترف آهي.

## ڊاڪٽر عبدالجليل جروار

ڊاڪٽر عبدالجليل جروار ڳوٺ منو جروار ۾ 1971ع ڄاري پيدا ٿيو. پاڻ 1983ع ۾ پرائمري، 1986ع ۾ گورنمينٽ مڊل اسڪول مبارڪ جروار مان مڊل ۽ 1988ع ۾ گورنمينٽ نيشنلائزڊ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ پاس ڪيائين. سندس استادن ۾ استاد رسول بخش لغاري، استاد شير محمد لغاري، استاد الهڏنو لغاري ۽ استاد رسول بخش ڪوسو نمايان طور تي شامل آهن. پاڻ 1991ع ۾ ايس ايم

ڪاليج ٽنڊوالهيار مان انٽر، 1995ع ۾ شاهه عبداللطيف ڪاليج ميرپورخاص مان بي. ايس. سي پاس ڪيائين. اعليٰ تعليم جي حوالي سان پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي اڪنامڪس ڪيائين. ڊاڪٽر عبدالجليل جروار صاحب ڪجهه وقت تائين قاسم آباد اسٽاپ لڳ ولهاري پيٽرول پمپ تي پنهنجي پرائيوٽ ڪلينڪ به هلائي. پاڻ سياست جي شروعات سپاف ۾ 1987ع ۾ شموليت سان ڪيائين. پاڻ وقت بوقت تعلقه ٽنڊي الهيار جو سپاف صدر، ضلع حيدرآباد جي سپاف جو سينيئر نائب صدر به ٿيو. ڪجهه وقت تائين پاڻ پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي ورڪنگ ڪاميٽي جو بنيادي ميمبر به رهيو. سياست ۾ سندس استاد محترم عبدالستار بچاڻي صاحب آهي. پاڻ پيپلز پارٽي جي موجوده اڳواڻن سان ڪن سياسي اختلافن جي ڪري پيپلز پارٽي ڪي خيرآباد چئي "آزاد مگسي اتحاد" ۾ شموليت ڪيائين. پاڻ بلدياتي اليڪشن ۾ يونين بيگن جروار جو ناظم به رهي چڪو آهي.

## ظهيرالدين بابر لغاري

محترم جناب ظهير الدين بابر لغاري مسڻ وڏي ۾ 16 آگسٽ 1947ع ڄاري پيدا ٿيو. پاڻ تحريڪ آزادي جي بي باڪ مجاهد، خلافت تحريڪ جي عظيم اڳواڻ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاري رحمت الله عليه جو ٻيون نمبر فرزند آهي. سندس والد بزرگوار پنهنجي وقت جو وڏو انقلابي سوچ رکندڙ عظيم اڳواڻ، مجاهد، موحد ۽ مجتهد فقيهه ٿي گذريو آهي. ظهير بابر لغاري نه صرف بهترين شاعر، انقلابي سوچ جو مالڪ آهي پر پاڻ علم جو ڀنڊار به آهي. پاڻ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ هر تحريڪ ۾ خوب حصو ورتائين. سندس چوڻ آهي ته شروع شروع ۾ آئون لالا قادر ۽ حسين شاهه بخاري سان گڏجي "سنڌ ماروئڙا اسٽوڊنٽ" ۾ گڏ رهيس. پر بعد ۾ لالا قادر سان اختلاف ڪندي پاڻ ۽ حسين شاهه بخاري الڳ ٿي ويا ۽ پاڻ 1966ع ڌاري "جيئي سنڌ شاگرد تنظيم" جو بنياد وڌائين. ظهير بابر لغاري ٽنڊو ڄام زرعي ڪاليج کي يونيورسٽي بڻائڻ لاءِ به جدوجهد ڪئي ۽ گڏوگڏ سنڌي ٻولي ۾ لسٽون ناهڻ لاءِ به

ڪيس ڪافي وقت ميانوالي جيل ۽ سينٽر جيل سکر ۾ باندي ٿيڻو پيو. ظهير بابر سنڌ ۽ سنڌي قوم جي لاءِ ڪيل محنتن ۽ جدوجهدن ڪرڻ باوجود اڄ پوئتي پوڻ جو سبب هڪ اردو مصرع ۾ خوب بيان ڪيو آهي. ”منزل انهين ملي جو شريڪ سفر نہ تهي.“ ظهير بابر لغاري گيهہ ڪارپوريشن ۾ ملازمت بہ ڪئي جنهن تان هينئر رٽائر ڪئي اٿس. پاڻ سنڌ جي ڪيترن ئي وڏن اڳواڻن سان نہ صرف ملاقات ڪري چڪو آهي پر انهن سان سندس گهري دوستي رهي آهي. انهن اڳواڻن ۾ هندستان جو برک اديب، دانشور ۽ ليکڪ آغا شورش ڪاشميري، قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، محترم جي ايم سيد، باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ السند علامہ عبدالحق رباني، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ غلام حسين سومرو، خان عبدالولي خان، مولانا عزيزالله جروار، مولانا حافظ محمد اسماعيل ڪڏي ڪراچي وارو، قاضي محمد اڪبر، پير مظهر الحق، مولانا فضل الرحمان، مير علي احمد ٽالپر، مير رسول بخش خان ٽالپر، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر اچي وڃن ٿا. مير علي احمد خان ٽالپر ڪيس لنڊن مان 3 مارچ **1978**ع ڏاري هڪ خط لکيو جنهن ۾ خير عافيت ڪان سواءِ سندس والد محترم مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جي ڪيل جدوجهدن ۽ محنتن جو اعتراف ڪيو آهي. ميانوالي جيل ۽ سکر جيل ۾ ظهير الدين بابر لغاري ان وقت ملڪ جي سياسي سماجي موضوعن تي ڊائريون بہ لکيون آهن. ظهير الدين لغاري ”بابر بلوچ“ جي تخلص سان شاعري بہ ڪئي جيڪا اڃا تائين وٽس قلمي صورت ۾ محفوظ آهي. ظهير بابر جو اڄوڪي ملڪي سياست جي باري ۾ چوڻ آهي تہ شروعات ۾ سياست هڪ عبادت هئي. هاڻ ڪوڙ، ٺڳي، فريب ۽ دوکي جو نالو سياست آهي. اڄوڪي سياستدانن جو مقصد پئسا ڪمائڻ، ملڪيتون ناهڻ، اقتدار حاصل ڪرڻ آهي. عوام جو حقيقي هڏ ڏوکي ڪوبہ نہ رهيو آهي. ظهيرالدين بابر لغاري کي چار پٽن هر هڪ اياز سلطان، امتياز احمد، اشفاق حسين ۽ فاروق رضا ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي.

# رياض احمد لغاري

رياض احمد لغاري مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ جو ٽيون نمبر فرزند ۽ مدرسہ دارالهديٰ جو موجوده مهتمم آهي. پاڻ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين ۽ اعليٰ تعليم خاطر سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي سوشيالوجي ڪئي اٿس. ڪجهہ وقت سنڌ سان لاڳاپيل قومپرست تنظيمن خاص ڪري عوامي تحريڪ سان بہ لاڳاپيل رهيو. پر هن وقت ڪنهن بہ تنظيم ۾ باقاعده شامل نہ آهي. پاڻ ڪافي وقت زڪوات، عشر ڪاميٽي ۽ يونين مسڻ جو چيئرمين بہ رهيو آهي. سندس خاندان علم، ادب ۽ سياست جي حوالي سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهي. سندس وڏو ڀاءُ ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ تمام گهڻين صلاحيتن جو مالڪ هو. اهڙيطرح سندس ٻيو نمبر ڀاءُ ظهير الدين بابر بہ پنهنجي شاگردي واري دور ۾ سرگرم قومپرست رهنما رهيو. پاڻ بلدياتي اليڪشن ۾ بہ حصو ورتائين. رياض احمد لغاري هن وقت پنهنجي مائٽاڻي زمين سنڀالي ٿو ۽ مدرسہ سان بہ لاڳاپيل آهي.

# پروفيسر سرجن محمد حسين لغاري

هي مسڻ وڏي جي اهم شخصيت مرحوم حڪيم صوڀو خان لغاري جو ننڍو فرزند ۽ حڪيم نبي بخش خان لغاري بلوچ جو ننڍو ڀاءُ آهي. پاڻ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جو سرجن پروفيسر آهي. ڊاڪٽر صاحب ستن سالن تائين انگلينڊ ۾ رهيو ۽ اتان اعليٰ تعليم حاصل ڪري سول اسپتال حيدرآباد ۾ صحت کاتي ۾ ڊاڪٽر مقرر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جو شمار سنڌ جي مشهور سرجن پروفيسرن ۾ ٿئي ٿو. ڊاڪٽر صاحب غريب عوام جو همدرد، هر دلعزيز انسان آهي. پاڻ ڊاڪٽري شعبي سان منسلڪ هئڻ ڪري سنڌ جي ڏتڙيل عوام جي خدمت ڪري رهيو آهي.

# حڪيم نبي بخش خان ولد حڪيم صوڀو خان لغاري

سندس پورو نالو نبي بخش ولد حڪيم صوبو خان لغاري آهي. پاڻ ڳوٺ مسڻ وڏي ۾ بتاريخ 16 جولاءِ 1933ع ۾ پيدا ٿيو. حڪيم نبي بخش ابتدائي تعليم مسلم اسڪول مسڻ وڏي مان حاصل ڪئي. 1950ع ۾ پاڻ ورنيڪيولر ڪميٽي جون ست جماعتون بہ پاس ڪيائين جنهن ڪي ان وقت جي سنڌي فائنل چيو ويندو هو. حڪيم نبي بخش خان لغاري کي ٽنڊي الهيار جي مشهور تعليمي اداري ايس ايم اسڪول اسٽيشن روڊ ٽنڊو الهيار جي بورڊنگ هائوس جو پهريون مانيٽر هجڻ جو بہ اعزاز حاصل آهي. سنڌي فائنل پاس ڪرڻ بعد پاڻ مسڻ وڏي ۾ پرائمري ٽيچر طور 35 روپيہ ماهانہ پگهار تي هڪ سال تائين پڙهايائين. پاڻ ڊاڪٽري (طبي) شعبي سان وابستہ هئڻ ڪري عوام الناس جي خدمت ڪري رهيو آهي. الله تعاليٰ کيس خضري عمر ۽ صحت ڪامل عطا فرمائي آمين.

# رئيس گل حسن خان لغاري

سندس پورو نالو گل حسن ولد مرحوم رئيس حاجي محمد اسماعيل خان لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي ۾ بتاريخ 22 ڊسمبر 1950ع ڌاري پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. 1970-1971ع ڌاري انٽر آرٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار مان ۽ اعليٰ تعليم ۾ ايم اي پوليٽيڪل سائنس، ايم اي سوشيالوجي ۽ ايل ايل بي سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار ۾ شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري بہ ٿي رهيو. ان وقت ڪاليج جو پرنسپال مشهور بئريسٽر هاتف خدائي هو. رئيس گل حسن خان لغاري صاحب جو والد محترم رئيس حاجي اسماعيل خان لغاري مسڻ وڏي جي تاريخ ساز شخصيتن حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو نہ صرف معتقد هو پر سندن قائم ڪيل ديني درسگاهہ مدرسہ دارالهديٰ سان حاجي صاحب جو آخر دم تائين تعلق رهيو. توڙي جو رئيس گل حسن خان لغاري سياست کان ڪناره ڪش آهي پر پاڻ سياست ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو شيدائي آهي. پاڻ بن

سالن تائين گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ استاد طور به خدمتون سرانجام ڏنائين. ان کان علاوه پاڻ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۾ مختلف عهدن تي 1979ع کان 2011ع تائين رهيو. سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ جن عهدن تي پاڻ رهيو انهن ۾ ڪالوني ويلفيئر آفيسر، پرچيز اينڊ اسٽور آفيسر، ڊائريڪٽر فارمس آفيسر ۽ آخر ۾ ڊائريڪٽر ڪيمپس جي حيثييت سان بتاريخ 22 ڊسمبر 2011ع ڌاري رٽائرڊ ٿيو. زرعي يونيورسٽي ۾ رهي ڪري پاڻ پنهنجي علائقي جي ڪيترن ئي بيروزگارن کي روزگار سان لڳرايائين. رئيس گل حسن خان انهي ڳالهه جو دلي طرح متعارف آهي ته مسڻ وڏي مان جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام کي ختم ڪرڻ ۽ هتي جي رهواسين کي آزادي ڏيارڻ ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي ڪوشش ۽ جدوجهدن کي وساري نٿو سگهجي. اڄ جيڪو مسڻ وڏي ۾ آزاد فضا وارو ماحول ڏسجي ٿو حقيقت ۾ اهو انهن ٻنهي بزرگن جي گڏيل محنتن جي ڪري ئي آهي. رئيس گل حسن خان لغاري کل ٽي شاديون ڪيون آهن جن مان پنج پٽن ۽ پنج نياڻين جو اولاد آهي. سندس پٽن جا نالا هي آهن. عبدالناصر، مسرور احمد، منصور احمد، شهزور احمد ۽ تيمور احمد. (رئيس گل حسن خان لغاري بابت هي مواد سندس پائيٽي اظهر علي ولد مرحوم رئيس علي احمد خان لغاري لکي ڏنو.)

## رئيس نانا محمد جمن لغاري

سندس پورو نالو محمد جمن ولد رئيس حاجي محمد اسماعيل لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي ۾ سن 1957ع ڌاري پيدا ٿيو. مسڻ وڏي جا ماڻهو پيار مان ڪيس ”نانا جمن“ ڪري سڏيندا آهن. پاڻ ابتدائي تعليم سان گڏ ميٽرڪ مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان، بي اي ۽ ايم اي اڪنامڪس جي ڊگري سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ نه صرف سندس استاد هئا. پر پاڻ اجا تائين کين پنهنجو روحاني رهبر سمجهي

ٿو. رئيس نانا جمن نندي هوندي کان ئي سماجي فلاح و بهبود جي ڪمن ۾ گهري دلچسپي رکندڙ آهي. پاڻ نہ صرف هڪ بهترين سماج سڌار ڪارڪن آهي پر گڏوگڏ سياست ۾ بہ خاص دلچسپي رکي ٿو. رئيس نانا جمن **1985**ع ڌاري پي ايس **52** تان ايم پي اي جي سيٽ تي آزاد اميدوار طور اليڪشن وڙهيو. سندس انتخابي نشان ڏيئو هو. رئيس نانا جمن لغاري مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي جي موجوده ناظم مولانا محمد يامين شوري جي والد بزرگوار مرحوم مولانا عبدالرحمان شوريؒ جو نهايت ئي عقيدتمند آهي ۽ اڄ تائين سندس عقيدتمندي مولانا عبدالرحمان شوريؒ جي خاندان سان هلندي اچي. ڪيس ڇهن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي.

## رئيس گل محمد لغاري (دڪاندار)

گل محمد ولد پير بخش لغاري جو تعلق مسڻ وڏي جي رئيس گهراڻي سان آهي جيڪي ڪنهن وقت ۾ پٽيل سڏبا هئا. ڪيس پرائمري تعليم سان گڏ دڪانداري جو سنو تجربو آهي. سندس ذاتي دلچسپي ۽ محنت جي ڪري دڪانداري جي پيشي ۾ پاڻ سني ترقي ڪئي اٿس. سندس طبيعت ۾ برداشت ۽ بردباري تمام حد درجي جي آهي. پاڻ مسڻ وڏي جي دڪاندار سينن ۾ سني شهرت رکي ٿو.

## رئيس محمد هاشم خان لغاري عرف هاشم گڏدر

محمد هاشم خان لغاري ولد جمال خان لغاري مسڻ وڏي ۾ بتاريخ پهرين جنوري **1953**ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ گهرو مسئلن ۽ پنهنجي والد صاحب جمال خان لغاري جي مسلسل بيمار رهڻ ڪري صرف پنج درجا پڙهي سگهيو. صوفي محمد صديق لغاريؒ (مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو پاءُ) ۽ حافظ ابراهيم هالا واري وٽان تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ سياست جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽي سان ڪيائين. محمد هاشم خان لغاري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ تڏهن شموليت ڪئي

جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي انهي پارٽي جو **1968**ع ڌاري بنياد وڌو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان سندس ملاقات تنهن وقت جي صدر تعلقہ ٽنڊو الهيار ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ ولد مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ستر ڪلفٽن ڪراچي ۾ ڪرائي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ڪيس ”هاشم گنڊدر“ جو لقب ڏنو. اڄ ڏينهن تائين پاڻ هاشم گنڊدر جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. ڪيس چار پٽن ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي. سندس پٽن جا نالا هي آهن. خادم حسين، ذوالفقار علي لغاري، مبارڪ احمد ۽ اختر حسين لغاري.

## الحاج محمد صديق سميجو

حاجي محمد صديق سميجو پهرين جنوري **1971**ع تي مرحوم ميان جان محمد سميجو جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد صاحب جو واسطو مسڻ وڏي جي ولي الله هستين حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان رهيو آهي. حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ مدرسہ دارالهديٰ مسڻ وڏي ڪي منظم نموني هلائڻ جي لاءِ جيڪا ڪاميٽي تجويز ڪئي هئي، حاجي محمد صديق سميجي جو والد صاحب ميان جان محمد سميجو ان ڪاميٽي ۾ خزانچي طور نامزد ڪيو ويو. حاجي محمد صديق سميجي شروعاتي تعليم مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۽ ميٽرڪ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان حاصل ڪئي. حاجي صاحب بي. اي پاس گريجوئيٽ آهي. پاڻ شروع کان وڻي واپار جي شعبي سان وابستہ رهيو آهي. هن وقت سندس شمار مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي وڏن واپارين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ هر ڏکئي ويل غريبن، مسڪينن، يتيمن ۽ بيواهن جي وس آهر مدد ڪندو رهندو آهي. ان کان علاوه ٻين خير جي ڪمن ۾ حاجي صاحب پيش پيش رهندو آهي.

## استاد شير محمد لغاري

استاد شير محمد لغاري بلوچ بتاريخ **25** جنوري **1957**ع ڌاري مرحوم محمد حسن لغاري بلوچ جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ سن **1969**ع ۾پرائمري تعليم گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي،

1974ع ۾ گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ، انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج حيدرآباد ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين. سندس مشهور استادن ۾حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ، صوفي محمد صديق لغاري (مولانا لغاريؒ جو ڀاءُ)، حاجي عبدالله دائوداڻي، ميان خليل الرحمان لغاري ايڊووڪيٽ، عبدالجبار لغاري، پروفيسر محمد ڪامل لغاري، استاد مير محمد خاصخيلي، استاد عبدالرحمان سمون، استاد رسول بخش لغاري شامل آهن. ڪيس 31 مئي 1977ع ۾ تعليم کاتي ۾ جي. ايس. ٽي طور نوڪري ملي وئي. پاڻ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. پاڻ ڊسمبر 2003ع ۾رٽائرمينٽ ورتائين. استاد شير محمد لغاري رٽائرمينٽ تائين گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ پڙهائيندو رهيو. پاڻ واٽر سپلاءِ اينڊ ڊريج سسٽم مسڻ وڏي پنجن سالن تائين هلايائين. ان ڪان علاوه پاڻ 2008ع ڪان اجا تائين زڪوات ڪاميٽي يوسي مسڻ جو چيئرمين آهي. سندس پسنديده شخصيت سنڌ جي ولي الله هستي مرشد ڪامل حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ آهي. استاد شير محمد لغاري کي چار پٽن هر هڪ وسيم حسن، نعيم حسن، سميع حسن عرف عامر خان، ذيشان خان عرف آزاد خان ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي.

## ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري

سندس پورو نالو عبدالجبار ولد حڪيم عبدالرحمان لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي ۾ 1971ع ڌاري جنم ورتائين. ڊاڪٽر صاحب ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان، انٽرميڊيئيٽ (پري ميڊيڪل) سعيد پور تلهار ضلع بدين مان حاصل ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب اعليٰ تعليم خاطر لمس ۾ ايم بي بي ايس ۾ داخلا ورتي جتان سن 1998ع ڌاري ايم بي بي ايس جي ڊگري پاس ڪيائين. پاڻ ڪجهه وقت حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ وٽ زير تعليم رهيا. ان ڪان علاوه سندس ٻين استادن ۾ استاد صوفي محمد صديق لغاريؒ ۽ استاد خان محمد لغاريؒ اچي وڃن ٿا. ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري سماجي فلاح و بهبود جي ڪمن

۾ خاص دلچسپي رکي ٿو. هن وقت پاڻ بلوچ اتحاد ۾ مرڪزي ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ۾ ميمبر آهي. پاڻ سن 2002ع ۾ شادي به ڪيائين. ڪيس هڪ نياڻي جو اولاد آهي. في الحال سندس رهائش ميرپورخاص ۾ آهي. سندس گهرواري سول اسپتال ميرپورخاص ۾ ليڊي ڊاڪٽر طور عوام الناس جي خدمت ڪري رهي آهي.

## حڪيم محمد عمر لغاري

سندس پورو نالو محمد عمر ولد حڪيم عبدالرحمان لغاري آهي. پاڻ 1952ع ۾ مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان پرايائين. انٽرميڊيئيٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار ۽ گريجوئيٽ سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين. سندس اهم استادن ۾ حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ استاد عبدالرحمان سمون، استاد مير محمد خاصخيلي، صوفي محمد صديق لغاريؒ شامل آهن. حڪيم محمد عمر لغاري مسڻ وڏي جي ڄاتل سڃاتل شخصيت هئڻ سان گڏ بهترين حڪيم به آهي.سندس والد صاحب حڪيم عبدالرحمان ۽ سندس ڏاڏو حڪيم حاجي محمد يوسف لغاري بهترين حڪيم ٿي گذريا آهن. حڪيم محمد عمر طب ۾ اعظم طيبہ ڪاليج حيدرآباد مان ڊگري حاصل ڪئي. ڪيس اسلام آباد ۾ حڪمت ۽ طب ۾ ايوارڊ به ملي چڪو آهي. پاڻ هن وقت مسڻ وڏي ۾ حڪمت خانو هلائي رهيو آهي. وٽس فالج ۽ ڪينسر ڪان علاوه ٻين ڪيترن ئي بيمارين جو علاج آهي. سندس شفاخاني وٽ مريضن جي رش لڳي پئي هوندي آهي. پاڻ نہ صرف هڪ بهترين حڪيم آهي پر گڏوگڏ هڪ سماجي ورڪر به آهي. حڪيم محمد عمر لغاري کي ٽن پٽن هر هڪ معشوق علي، مقصود علي ۽ منصور علي ۽ چار ڌيئرن جو اولاد آهي. حڪمت ڪان علاوه پاڻ زمينداري طبقي سان وابستہ آهي.

## ڊاڪٽر عبدالرحمان لغاري

ڊاڪٽر عبدالرحمان ولد حاجي عبدالله لغاري مسڻ وڏي جو رهائش پذير آهي. پاڻ گريجوئيٽ هئڻ سان گڏ لياقت ڪاليج حيدرآباد مان ڊاڪٽري شعبي ۾ ڪورس به ڪيائين. شروع ۾ ڪيس تعليم کاتي

۾ حڪومت سنڌ طرفان سرڪاري ملازمت ٻه ملي جنهن تان ڪجهه وقت رهڻ بعد استعيفيٰ ڏنائين. ڊاڪٽر صاحب مسڻ وڏي ۾ ”الطاف ميڊيڪل سينٽر مسڻ وڏي“ قائم ڪري پنهنجو عملي ڪم شروع ڪيو. جنهن وقت حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري ڪريمي فائونڊيشن جو صدر هو ان وقت ڊاڪٽر صاحب ڪريمي فائونڊيشن جو جنرل سيڪريٽري رهيو پر بعد ۾ حاجي محمد اسحاق جي وفات ڪان پوءِ ڪريمي فائونڊيشن جي اهتمام جون ذميداريون ڪيس حوالي ٿيون. جيڪي اڄ تائين خوش اسلوبي سان نڀائي رهيو آهي. ڪريمي فائونڊيشن طرفان پاڻ وقت بوقت صحت جي حوالي سان مسڻ وڏي ۽ آسپاس ۾ مختلف ڪيمپون لڳائي عوام جي ڀرپور خدمت ڪئي. ان ڪان سواءِ ڪريمي فائونڊيشن طرفان ڪي جي اسڪول جي سرپرستي ٻه ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب جي حوالي سان هڪ ادارو ”بلوچ آرٽ سرڪل“ قائم ڪيو آهي، جنهن جي طرفان مختلف قومي ڏهاڙن، شادين مرادين ۾ ثقافت جا رنگارنگي پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن. ڊاڪٽر صاحب نه صرف عوام جي حقيقي خدمت ڪندڙ آهي پر گڏوگڏ هڪ بهترين سياح ٻه آهي. پاڻ ڀارت، سينگاپور، ٿائيلينڊ ڪان علاوه ٻين ڪيترن ئي ملڪي توڙي غيرملڪي جاين جو سير ڪري چڪو آهي.

## عبدالڪريم لغاري (ميمبر)

عبدالڪريم لغاري ولد فضل خان لغاري **1936**ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. پاڻ يونين ڪائونسل مسڻ وڏي جو عوام دوست ڪائونسلر ٻه رهيو. حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان سندس خاص عقيدتمندي رهي آهي. پاڻ جامع مسجد مدرسه دارالهديٰ جي جهونن جماعتين مان هڪ هئڻ سان گڏ هڪ بهترين سماجي ورڪر ٻه آهي. عبدالڪريم لغاري ٻه شاديون ڪيون، جن مان ٽي پٽ هر هڪ مرحوم غلام مصطفيٰ لغاري، شوڪت لغاري، محمد اياز لغاري ۽ **8** نياڻين جو اولاد اٿس.

## استاد رسول بخش لغاري

سندس پورو نالو رسول بخش ولد ولي محمد لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان ئي حاصل ڪيائين. اڳتي هلي ڪيس تعليم کاتي ۾ حڪومت سنڌ طرفان هاءِ اسڪول ٽيچر طور ملازمت ملي وئي. پاڻ وقت بوقت ڪيترن ئي اسڪولن ۾ رهيو. سندس گهڻو وقت گورنمينٽ نيشنلائزڊ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ گذريو ۽ انهي اسڪول مان ئي رٽائرڊ ٿيو. استاد رسول بخش لغاري مذڪوره اسڪول جو ڪجهہ وقت تائين هيڊماستر ۽ بعد ۾ ايف. اي طور تعليمي خدمتون سرانجام ڏنائين. تاريخ جهڙي دلچسپ موضوع سان ڪيس خاص لڳاءُ آهي. رٽائرمينٽ بعد پاڻ پنهنجي زمين سنڀاليندو آهي. استاد رسول بخش بہ شاديون ڪيون، ڪيس ڇهہ پٽ ۽ پنجن نياڻين جو اولاد آهي. پٽن جا نالا ولي محمد، مشتاق احمد، سعيد خان ۽ نثار احمد آهن.

## ڊاڪٽر قربان علي لغاري

سندس پورو نالو قربان علي خان ولد محمد بچل لغاري آهي. پاڻ مسڻ وڏي شهر جو رهاڪو آهي. سندس جنم مسڻ وڏي ۾ 24 ڊسمبر 1961ع تي ٿيو. پرائمري تعليم کان وٺي ستين ڪلاس تائين پان مسڻ وڏي ۾ پڙهيو. بعد ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان 1979ع ڏاري انٽر پاس ڪيائين. 1980ع ۾ ڪيس لمس ۾ داخلا ملي وئي جتان 1988ع ڌاري ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪيائين. بعد ۾ 1995ع ڌاري ڪيس صحت کاتي ۾ شروع شروع ۾ ٽن سالن جي ڪانٽريڪٽ بنياد تي حڪومت سنڌ طرفان محترم عبداللطيف مگريو (تنهن وقت جي ايم پي اي سنڌ اسيمبلي) جي دور ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ملازمت ملي. پاڻ مختلف سرڪاري اسپتالن تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي چڪو آهي. هن وقت مسڻ وڏي جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ ميڊيڪل آفيسر هئڻ کان علاوه ڪريمي ويلفيئر اسپتال ۾ بہ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. مسڻ وڏي ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ”رئيس محمد پٽيل ڪلينڪ“ جي نالي سان پرائيوٽ ڪلينڪ بہ آهي جتي پاڻ ڊيوٽي ٽائيم کان پوءِ مريضن جو مفت چيڪ اپ، علاج معالجہ

ڪندو رهندو آهي. رات هجي يا ڏينهن پاڻ هر وقت سڏ تي حاضر رهندو آهي. مسڻ وڏي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪان علاوه ڪوبہ گزيٽيڊ آفيسر نہ آهي جيڪو بيروزگار نوجوانن جي ڊگرين، سندن ۽ سرٽيفڪيٽن جي مفت ۾ اٽيسٽيشن ڪندو هجي. ڊاڪٽر صاحب مرحوم رئيس محمد خان پٽيل لغاري جي گهران **1984**ع ڌاري شادي ڪئي جنهن مان ڪيس ٻن ڇوڪرن هر هڪ اعجاز علي (پوليس ڪانسيٽيبل)، بچل خان لغاري ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي.

## رئيس لطف الله خان لغاري

لطف الله ولد حسين خان لغاري بلوچ **1940**ع ۾ مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. **1946**ع ۾ مدرسہ دارالهديٰ ۾ داخل ڪيو ويو جتان پاڻ ناظره قرآن مجيد ۽ پنج ڪلاس پاس ڪيائين. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان **1962**ع ڌاري ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. سندس استادن ۾حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ استاد صوفي محمد صديق لغاريؒ حاجي عبدالله عمراڻي، ملهاڏنو جوهو، نذر محمد عباسي ميرپورخاص وارو شامل آهن. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ سنڌ جي سمورن هاءِ اسڪولن جي شاگردن جي وچ ۾ تقريري مقابلو ٿيو جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئي. انهي تقريري مقابلي ۾ رئيس لطف الله خان ٽين پوزيشن ماڻي انعام حاصل ڪيو. **1964**ع ڌاري ڪيس حڪومت سنڌ طرفان صحت کاتي ۾ مليريا سپروائزر طور نوڪري ملي وئي. پاڻ **1989**ع ۾ ٽنڊي باگي ضلعي بدين ۾ مليريا سپروائزر تي رهيو. **1992**ع ۾ ساڳئي نوڪري تان رٽائر ڪيائين. رئيس لطف الله خان شروع شروع ۾ هاري ڪاميٽي ۾ ڪارڪن طور ڪم ڪيو. پاڻ **1995**ع ۾ باقاعده پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪيائين. پاڻ يوسي مسڻ وڏي جو پي پي نائب صدر بہ ٿي رهيو. هن وقت پاڻ تعلقي جهندي مري جي پيپلز پارٽي ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر آهي. رئيس لطف الله خان نہ صرف هڪ سياستدان آهي پر هڪ بهترين شاعر ۽ سگهڙ بہ آهي. شاعري جي شروعات پاڻ

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ ڪيائين. رئيس لطف الله خان پنجن سالن تائين ڪريمي فائونڊيشن ۾ ڪارڪن رهي ڪم ڪيو. ان کان علاوه حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان گڏ ڪيترن ئي سماجي ڪمن ۾ به حصو وٺندو رهيو. هن وقت سندس مشغولين ۾ سياست کان علاوه زميندراي شامل آهي. رئيس لطف الله **1965**ع ڌاري شادي ڪئي جنهن مان پنجن پٽن هر هڪ حبيب اللهؒ، شمس الدين، معشوق علي عرف لالهي، محمد عمر عرف دودو، عنايت علي لغاري ۽ ٽن ڌيئرن جو اولاد آهي.

## ماما الهڏنو ڪنيار

الهڏنو ولد حڪيم محمد طاهر مسڻ وڏي ۾ **1932**ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ قرآن مجيد ناظره قاري محمد حسن شيخ کان ۽ ابتدائي ديني تعليم مدرسه دارالهديٰ مسڻ وڏي ۾ حاصل ڪئي. ڪيس حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان والهانه عقيدتمندي آهي. پاڻ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ سان گڏجي ڳوٺ سڌار تحريڪ ۾ به خوب حصو ورتائين. الهڏنو ڪنيار مسڻ وڏي جو پراڻو سماجي ورڪر رهيو آهي. مسڻ وڏي ۾ **1979**ع ڌاري جيڪا زڪوات ڪاميٽي قائم ڪئي وئي هئي، الهڏنو ڪنيار ان ڪاميٽي جو ميمبر هو، ته ان وقت مذڪوره زڪوات ڪاميٽي جو چيئرمين مرحوم ميان خليل الرحمان ايڊووڪيٽ ولد مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ هو.

## استاد محمد عمر سميجو

استاد محمد عمرسميجو ولد محمد مراد سميجو مسڻ وڏي ۾ بتاريخ **7** ڊسمبر **1962**ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ شروعاتي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. انٽر ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار ۽ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر ڪيائين. اڳتي هلي ڪيس پهرين فيبروري **1986**ع ڌاري تعليم کاتي ۾ عربڪ ٽيچر طور نوڪري ملي وئي. سندس پهرين پوسٽنگ سلطان آباد هاءِ اسڪول ۾ ٿي. سرڪاري ملازمت جي ڪري پاڻ ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن ۾ ملازمت

ڪري چڪو آهي. هن وقت گورنمينٽ مڊل اسڪول قاضي نور محمد لغاري ۾ انچارج هيڊماستر آهي. محمد عمر سميجي جي استادن ۾ مولانا محمد اسماعيل لغاري، مولانا عبدالڪريم لغاري، ميانجي حاجي عبدالله ڪنيار، الحاج عبدالله دائوداڻي، عبدالرحمان سمون، استاد مير محمد خاصخيلي، محمد عثمان ڪنڀار شامل آهن. محمد عمر سميجو 1978ع ڌاري پنهنجي مائٽن مان شادي ڪئي. ڪيس ٻن ڇوڪرن هڪ عطا محمد، محمد انور ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي. پاڻ نہ صرف هڪ تعليمدان آهي پر گڏوگڏ سماجي ورڪر ۽ سياسي سوچ جو مالڪ آهي. استاد محمد عمر سميجي جو مدرسہ دارالهديٰ ۽ جامع مسجد سان ديرينہ لاڳاپو رهيو آهي. استاد محمد عمر سميجي مسڻ وڏي ۾ 2008-2007ع ڌاري سٽيزن ڪميونٽي بورڊ جو بنياد وڌو.

## استاد عبيدالله شورو

عبيدالله شورو بتاريخ 22 آگسٽ 1969ع تي مسڻ وڏي ۾ مولانا عبدالرحمان شورو جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والد صاحب مولانا عبدالرحمان شورو حضرت مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جي اوائلي شاگردن مان هڪ هو. مولانا عبدالرحمان شورو پنهنجي قبيلي مان اهو واحد شخص هو جيڪو علم جي ڳولا ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ميرپورساڪرو ٺٽو مان سفر ڪندي ڳوٺ مسڻ وڏي ۾ مستقل رهائش پذير ٿيو. استاد عبيدالله شوري ابتدائي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪئي. اعليٰ تعليم طور ايم اي اڪنامڪس سنڌ يونيورسٽي مان 1999ع ۾ سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. ڪيس تعليم کاتي ۾ حڪومت سنڌ طرفان 7 جون 1988ع ۾ پرائمري ٽيچري ملي وئي. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان ايم اي کان علاوه بي. ايڊ ۽ ايم ايڊ بہ پاس ڪئي اٿس. استاد عبيدالله شورو تعليم کاتي ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽيچر (گريڊ 17) طور گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ تعليمي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. هن وقت عبيدالله شورو هاءِ اسڪول ٽيچر

ڪان علاوه سنڌ يونيورسٽي طرفان بي. ايڊ ٽيوٽر، رياضي ۽ انگريزي جو ماسٽر ٽرينر آهي.

## استاد ڪرم الله سميجو

سندس پورو نالو ڪرم الله ولد مرحوم ميان جان محمد سميجو آهي. سندس والد صاحب مولانا محمد اسماعيل لغاريؒ ۽ مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو ساٿاري ۽ مسڻ وڏي جي ديني درسگاهه مدرسه دارالهديٰ جي پراڻن شاگردن مان هڪ هو. استاد ڪرم الله سميجو مسڻ وڏي ۾ **14** جون **1970**ع ڌاري پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري ۽ ميٽرڪ جي تعليم سن **1986**ع ڌاري مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. انٽرميڊيئيٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار، بي اي ۽ ايم اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. ان ڪان علاوه پاڻ بي ايڊ، مولوي فاضل عربي به سٺين مارڪن ۾ پاس ڪيائين. پاڻ فارسي مولانا عبدالڪريم لغاريؒ وٽ پڙهيو. ان ڪان علاوه پاڻ مولانا محمد يامين شورو، مولانا محمد حسن لغاري، بيوس محمد باقر لغاري، رسول بخش لغاري، استاد شير محمد لغاري وٽان به علم پرايائين. استاد ڪرم الله سميجو کي **1992**ع ڌاري تعليم کاتي ۾ عربڪ ٽيچر طور ملازمت به ملي وئي. سندس پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ مڊل اسڪول حاجي لڪاڏنو ڪوري ۾ ٿي. هن وقت پاڻ گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي ۾ ارڙهين گريڊ ۾ تعليمي زدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. استاد ڪرم الله سميجو سال **1987**ع ڌاري پهرين شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس هڪ فرزند شير محمد ۽ بن نياڻين جو اولاد ٿيو. پهرين رفيقه حيات جي وفات ڪان پوءِ پاڻ بي شادي ڪيائين جنهن مان ڪيس هڪ پٽ محمد شاهد ۽ چئن نياڻين جو اولاد آهي.

## استاد مدد علي ولد سهراب خان لغاري

مدد علي ولد مرحوم سهراب خان لغاري بتاريخ **18** مئي **1969**ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول لعل خان لغاري لڳ رتن آباد ميرپرخاص مان حاصل ڪيائين. **1985**ع ڌاري ميٽرڪ گورنمينٽ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ

وڏي مان، **1988**ع ڌاري انٽر ايس ايم ڪاليج ٽنڊوالهيار مان پاس ڪيائين. پاڻ سنڌ يونيورسٽي مان **1993**ع ڌاري بي اي، **2001**ع ڌاري بي ايڊ ۽ **2012**ع ڌاري ايم ايڊ پاس ڪئي اٿس. پاڻ جن استادن وٽ پڙهيو انهن ۾ الحاج عبدالله دائوداڻي، ميانجي حاجي عبدالله، حافظ عبدالحق لغاري، مُلا محمد رحيم لغاري، استاد مير محمد خاصخيلي، عبدالرحمان سمون، صوفي محمد صديق لغاري، محمد عثمان ڪنڀار، بيوس محمد باقر لغاري، استاد شير محمد لغاري شامل آهن. مدد علي ولد سهراب خان لغاري کي تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچري **1989**ع ڌاري ملي. سندس پهرين پوسٽنگ گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۾ ٿي. ان کان علاوه پاڻ ٻين ٻه ڪيترن ئي اسڪولن ۾ رهي چڪو آهي. هينئر پاڻ پرائمري اسڪول ڳوٺ عبدالله منگريو ۾ ٻارن کي پڙهائي رهيو آهي. ياد رهي ته استاد مدد علي راقم الحروف (فهيم فدا شورو) جو پنجين ڪلاس جو استاد رهيو آهي. استاد مدد علي **1993**ع ڌاري شادي ڪئي جنهن مان کيس هڪ پٽ عابد علي ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي.

## محمد اسماعيل ڪنڀار

محمد اسماعيل ولد فقير محمد ڪنڀار مسڻ وڏي ۾ **2** جون **1968**ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصرپور مان حاصل ڪيائين ۽ انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊوالهيار مان **1988**ع ڌاري پاس ڪيائين. پاڻ بي اي **1992**ع ڌاري ۽ ايم اي **1995**ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ، ميانجي حاجي عبدالله ڪڇي ڪنڀار سندس استاد رهيا آهن. کيس تعليم کاتي طرفان پرائمري ٽيچر طورملازمت ملي وئي. پاڻ وقت بوقت پرائمري سپروائيزر ۽ گورنمينٽ مسلم پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر به رهي چڪو آهي. پاڻ نه صرف هڪ استاد آهي پر ڳوٺ مسڻ وڏي جي سماجي فلاح و بهبود جو سرگرم ڪارڪن به آهي.

## حاجي گل محمد خان ولد شهلي خان لغاري

حاجي گل محمد ولد شهلي خان لغاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ شروعاتي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. مسڻ وڏي جي بنياد رکندڙ لغاري قوم ۾ڪيس نمايان مقام حاصل آهي. حاجي گل محمد صاحب 1997ع ڌاري حج جي سعادت به ماڻي. پاڻ ڪافي وقت کان وٺي علي آباد فارم (عرف پٽو فارم) تي مينيجر طور ڪم ڪري رهيو آهي. پاڻ سنجيده طبيعت جو مالڪ، صوم و صلواة جو پابند ۽ جامع مسجد مسڻ وڏي جو جهونو جماعتي آهي. ڪيس چار پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. حاجي صاحب جا ٻه فرزند محد رفيق ۽ منظور احمد وفات ڪري چڪا آهن البته سندس ٻه پٽ اقبال احمد ۽ بشير احمد ٽندو ڄام يونيورسٽي ۾ زرعي آفيسر آهن.

## حاجي محمد اشرف لغاري (صحافي)

حاجي محمد اشرف ولد حاجي عبدالله لغاري بتاريخ 29 جون 1943ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري ۽ ميٽرڪ تائين تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. حاجي صاحب جا استاد محترم لڪاڏنو ترڪ، جعفر، حڪيم نبي بخش لغاري ۽ حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري رهيا آهن. پاڻ 1975ع ڌاري حج جي سعادت به ماڻي اٿس. حاجي محمد اشرف مسڻ وڏي جو مشهور صحافي آهي. پاڻ سن 1973ع کان صحافت جي شروعات ڪيائين. پاڻ شروع کان وٺي عبرت اخبار ۾ صحافتي سرگرميون سرانجام ڏيئي رهيون آهن. پاڻ هن وقت پريس ڪلب مسڻ وڏي جو صدر به آهي. حاجي صاحب سن 1964ع ڌاري شادي به ڪئي، ڪيس پنجن پٽن هر هڪ انور، امين، سليم، شوڪت، اعجاز علي ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي.

## عبدالستار ولد عبدالجبار لغاري (رينجرز آفيسر)

عبدالستار ولد عبدالجبار لغاري 20 فيبروري 1968ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. 1978ع ڌاري پرائمري، 1983ع ۾ اسلاميه هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ، 1986ع ڌاري انٽر ڪيائين. ڪيس شروع کان وٺي فوجي شعبي سان عشق جي حد تائين شوق ۽ جنون هو.

پاڻ 1989ع ڌاري رينجرز ۾ اپلاءِ ڪيائين. ڪيس جنوري 1990ع ڌاري رينجرز ۾ حوالدار رينڪ جو آرڊر مليو. پاڻ پنهنجي والدين ۽ چاچن حڪيم نبي بخش لغاري، پروفيسر سرجن ڊاڪٽر محمد حسين لغاري کان متاثر آهي. ڪيس جنوري 1994ع ڌاري سب انسپيڪٽر جي عهدي تي ترقي ملي. ڪيس ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ جي عهدي تي سيپٽمبر 2003ع ڌاري ترقي ملي. پاڻ اجا تائين ساڳئي پوسٽ تي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. پاڻ رينجرز ۾ رهي ڪري سنڌ جي مختلف علائقن جهڙوڪ دادو، هالا، حيدرآباد، مٽياري، بدين، ٽنڊو محمد خان، ٺٽو، سيوهڻ، ڪراچي، ڪپرو، اڇڙو ٿر، جيڪب آباد، نوابشاهه، لاڙڪاڻو کان سواءِ پنجاب ۽ پاڪستان جي ٻه مختلف علائقن جهڙوڪ لاهور، ملتان، اوڪاڙهه، گوجرانوالہ، گجرات، سرگودها، ميانوالي، چڪوال، جهلم، ڊيره اسماعيل خان، رحيم يار خان، حب بلوچستان، نوشيرا پشاور ۾ نہ صرف ملازمت ڪري چڪو آهي پر پاڻ انهن علائقن جو سير و سياحت بہ ڪري چڪو آهي. هن وقت سندس پوسٽنگ ڪراچي سچل رينجرز ۾ آهي. ڪيس پاڪ رينجرز ۾ ملازمت ڪندي 23 سال ٿي چڪا آهن. پاڻ مسلمان سپهہ سالارن خاص ڪري حضرت خالد بن وليد رضہ، سلطان محمود غزنويؒ، ٽيپو سلطان شهيدؒ کان تمام گهڻو متاثر آهي.

## سيٺ علي محمد ملڪ

سندس پورو نالو علي محمد ولد مرحوم شاهنواز ملڪ آهي. پاڻ بتاريخ 25 جنوري 1956ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم مسڻ وڏي مان ۽ مئٽرڪ سن 1973ع ڌاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص مان پاس ڪيائين. پاڻ مسڻ وڏي جي ولي الله هستي حضرت مولانا عبدالڪريم لغاريؒ جو خاص عقيدتمند آهي. مسڻ وڏي ۾ پرائمري تعليم مولانا لغاريؒ جي پاءُ صوفي محمد صديق لغاري وٽان حاصل ڪيائين. صوفي محمد صديق لغاري روزانہ باقاعدگي سان پنهنجي ڳوٺ ڳاڙهو صدر کان مسڻ وڏي تائين پيرين پنڌ ڪري گورنمينٽ مسلم مين پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۾ ٻارن کي تعليم ڏيڻ ايندو هو. سيٺ علي محمد ملڪ محمدي مسجد مسڻ وڏي جو

1980ع کان متولي رهيو آهي. هن وقت پاڻ مسجد ڪاميٽي جو چيئرمين بہ آهي. روزگار جي حوالي سان پاڻ ڪپڙي جو واپاري آهي، شاهي بازار مسڻ وڏي ۾ سندس ڪپڙي جو عاليشان دڪان بہ آهي.

## استاد محمد يامين ملڪ

محمد يامين ولد مرحوم شاهنواز ملڪ مسڻ وڏي ۾ 3 جنوري 1965ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم گورنمينٽ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين ۽ انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ايس ايم ڪاليج ٽنڊوالهيار، ۽ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيٽ بہ ڪئي اٿائين. جلد ئي ڪيس تعليم ڪاتي طرفان بتاريخ پهرين نومبر 1990ع ۾ پرائمري ٽيچري ملي وئي. هن وقت پاڻ اردو پرائمري اسڪول مسڻ وڏي ۾ استاد طور فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. پاڻ مذڪوره اسڪول جو هيڊماستر بہ رهي چڪو آهي.

## سيٺ ولي محمد ملڪ

ولي محمد ولد مرحوم شاهنواز ملڪ بتاريخ 18 مارچ 1962ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري ۽ مڊل جي تعليم مسڻ وڏي مان حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ صوفي محمد صديق لغاري، محمد عثمان مانجهي، هرچند مينگهواڙ، مرحوم لڪاڏنو ترڪ، ميانجي حاجي عبدالله، پروفيسر محمد ڪامل لغاري، مير محمد خاصخيلي، الحاج عبدالله دائوداڻي، عبدالرحمان سمون شامل آهن. ولي محمد ملڪ دوڪانداري سان وابستہ آهي ۽ سندس شمار مسڻ وڏي جي سٺن دڪاندارن ۾ ٿئي ٿو. ولي محمد ملڪ 1985ع ڌاري شادي ڪئي. ڪيس ٻن پٽن انيس احمد، رميز احمد ۽ ٽن نياڻين جو اولاد آهي.

## رياض احمد ملڪ (پي.اي)

رياض احمد ولد مرحوم خليل احمد ملڪ بتاريخ 8 نومبر 1968ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي، نائين ڪلاس تائين حاجي ماڻڪ اسڪول حيدرآباد ۾ پڙهيو. حيدرآباد مان واپس اچي گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ

وڏي مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان وقت اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي جو هيڊماستر حفيظ الله هو. انٽر شاهہ عبداللطيف ڪاليج ميرپورخاص، بي اي ماڊل ڪاليج ميرپورخاص، ۽ ايم اي سوشيالاجي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. سندس استادن ۾ محمد عباس خاصخيلي، الياس خاصخيلي، شادي خان ملڪ، مرحوم سهراب خان لغاري، استاد الهڏنو لغاري، رسول بخش لغاري شامل آهن. رياض احمد ملڪ حافظ عبدالحق لغاري وٽ قرآن مجيد ناظره پڙهيو. رياض احمد ملڪ کي آءِ.جي آفيس ڪراچي ۾ سن **1989**ع ڌاري جونيئر ڪلارڪ جي ملازمت ملي وئي. بعد ۾ کيس ساڳئي ڪاتي ۾ **1993**ع ڌاري اسٽينوگرافر جي نوڪري ملي وئي. کيس شهدادپور ۾ پرنسپال جو پي. اي رهڻ جو موقعو بہ مليو. اهڙيطرح پاڻ سنڌ جي مختلف ننڍن وڏن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ڊي.پي.او، ڊي. آءِ .جي، ايس پي جي پرسنل اسسٽنٽ طور رهي چڪو آهي. هينئر پاڻ ايس ايس پي برانچ ميرپورخاص ۾ ملازمت سان وابستہ آهي. رياض احمد ملڪ **2001**ع ڌاري شادي ڪئي. کيس هڪ پٽ محمد عمر ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي. سندس چوڻ آهي تہ پاڻ پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ رهي ڪري رشوت ۽ ڪرپشن جهڙي موذي مرض کان هميشہ دور رهيو آهي.

## محمد يامين ملڪ (واپاري)

محمد يامين ولد مرحوم عبدالشڪور ملڪ **15** اپريل **1952**ع ڌاري مسڻ وڏي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم مسلم پرائمري اسڪول مسڻ وڏي مان، **1969**ع ڌاري گورنمينٽ اسلاميہ هاءِ اسڪول مسڻ وڏي مان ميٽرڪ، ايس ايم ڪاليج ٽنڊو الهيار مان انٽر پاس ڪيائين. الحاج عبدالله دائوداڻي، صوفي محمد صديق لغاري، محمد ابراهيم پٽيءَ، عبدالجبار لغاري، عبدالرحمان سمون، حڪيم حاجي محمد اسحاق لغاري، حاجي محمد شيخ، نولراءِ مينگهواڙ سندس استاد رهيا آهن. محمد يامين ملڪ مسلم ڪمرشل بينڪ ۾ **1977**ع ڌاري ڪيشيئر ٿي رهيو. پر بعد ۾ انهي عهدي تان استعيفيٰ ڏنائين. ان کان علاوه پاڻ ٽن سالن تائين گورنمينٽ گارنٽي پرائيويٽ ليمٽيڊ ۾ بہ اعليٰ عهدي تي ڪم

ڪيائين. ان وقت مذڪوره ڊپارٽمينٽ جو ايم. پي محمد اڪبر شيخ هو. محمد يامين ملڪ ون يونٽ دوران ٻه ڪجهه ڏينهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ باندي رهيو. هن وقت پاڻ واپار ۽ سياست سان لاڳاپيل آهي. محمد يامين ملڪ سن **1979**ع ذاري شادي ڪئي. ڪيس چئن پٽن عمران، ماجد، سجاد ۽ محسن جو اولاد آهي.